لاهوتي لڏي ويا



جڳديش لڇاڻي

لاهوتي لڏي ويا

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

VEENA PUBLICATION

وينا پبليڪيشن
اُلهاسنگر

Lac

فهرست

لاهوتي لڏي ويا
(ادبي خاڪا)

از : ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

ڇاپو پهريون : جنوري 2013ع

ڪاپيون : 500

ڇپائيندڙ : ويٽا پبليڪيشن
G-2، راجيو آپارٽمينٽ
گول ميدان، اُلهاسنگر- 421001

قيمت : ₹ 200/-

LAHOOTI LADE VIYA
(Pen - Portraits)

BY	:	**Dr. JAGDISH LACHHANI**
First Edition	:	January, 2013
Copyright	:	**Author**
Copies	:	**500**
Printer	:	Vishal Enterprises, Ulhasnagar - 421 004
Published by	:	**Dr. Jagdish Lachhani** G-2, Rajiv Apartment, Gol Maidan Ulhasnagar-421 001 Tel.: 91-0251-2732103 • Mob.: 91-09423087336 Email: jagdishlachhani@yahoo.com
Price Rs.		Rs. 200/-

Published with the financial assistance of NCPSL,
Ministry of HRD, Govt. of India, New Delhi

پنهنجي پاران

اِها منهنجي خوش نصيبي آهي جو ڪچي عمر کان مونکي سنڌيءَ جي اعليٰ شخصيتن، دانشورن ۽ فنڪارن جي صحبت نصيب ٿي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ تخليقي اَدب سان واڳيل هئا. منهنجو اُنهن سان سڪ ۽ خلوص جو رشتو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. منهنجي اِنهن سان ڪافي ويجهڙائپ رهي، ملڻ - جُهلڻ رهيو، ادبي ۽ شخصي ڳالهه ٻولهه به رهي. مان سندن فڪر ۽ شعور کان متاثر ٿيس. اُنهن جي سنگ، منهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ ڪافي وسعت آندي. سندن ادب، ثقافت، صحافت ۽ تاريخ جي حوالي سان خدمتون وسرڻ جون ناهن. اُنهن سيني جي وفات سنڌي ادب کي درد ۾ ڏوڏي ڇڏيو. اُنهن جو فن ۽ ڪردار ساڳيو ڪونهي؛ پر سندن خدمتون اڻ وسرندڙ ۽ امٽ آهن. اڄ اُهي اسان وٽ ڪونهن، صرف اُنهن جون سمرتيون آهن، يادن جا ورق آهن؛ جيڪي اسان کي احساس ٿا ڏيارين ته اسان به اُنهن اعليٰ پايي جي اديبن سان ڪجهه وقت گذاريو، رهاڻيون ڪيون. هيءَ ادبي خاڪا (Pen Portraits) اُنهن سان گڏ گذاريل لمحن، يادن ۽ ڪچهرين کان علاوه، سندن ادبي خدمات کي به ساڻ ڪري هلن ٿا. مون سمنڊ کي ڪوزي ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ۾ ڪي خاڪا طويل آهن ته وري ڪي مختصر. مون وٽ ڪنهن کي وڏو يا ننڍو سمجهڻ جي تصور ڪونهي. مون ڪين ذاتي طور پرکيو آهي. فن جي دنيا ۾ اِهي مڙئي نُمايان هستيون آهن؛ جن لاءِ ادبي دنيا جي دلين ۾ سدا عزت ۽ احترام موجود رهندو. مان پيڻ فهميده حسين جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃان ٿو، جنهن پنهنجي مَصروفيتن هوندي به، وقت بچائي دستخط نظر مان ڪڍي، موزون مهاڳ لکي ڏنو.

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

جڳديش لڇاڻيءَ جون تحقيقي ۽ تنقيدي رچنائون

1.	ادبي شناس (ادبي اصولن جي ڇنڊ ڇاڻ)	1958
2.	سنڌي ادب جي روپ- ريکا (ادبي تاريخ)	1966
3.	اصول ۽ آلوچنا (اصول ۽ تنقيد)	1973
4.	نئون ساهتيہ (نئين ادب جي وضاحت)	1977
5.	ساهتيہ - روپ (اصولي تنقيد)	1982
6.	اُپنياس ۽ سنڌي اُپنياس (ناول ۽ سنڌي ناول)	1982
7.	شاهہ ۽ صوفي مت (تنقيد)	1984
8.	سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر(تنقيد)	1991
9.	ساهتيہ جي پرک (ادبي اصول)	1998
10.	ادبي تصويرون (ادبي اسڪيچ)	1999
11.	جوڳيئڙا جهان ۾ (ادبي تنقيد)	2001
12.	ادبي تنقيد	2004
13.	ادبي انٽرويو	2004
14.	ايم. ڪمل جي شاعري	2007
15.	موهن ڪلپنا (مونوگراف، هنديءَ ۾)	2007
16.	ادبي رهاڻ .	2009
17.	نثري نظم ۽ اُن جو ادبي پسمنظر	2010
18.	شيام جئسنگهاڻي(مونوگراف، هنديءَ ۾)	2011
19.	لعل پشپ (مونوگراف، هنديءَ ۾)	2011
20.	نئين ڪوتا: اِرتقائي سفر	2012

درد جو ساگر

فهميده حسين

”لهوتي لڏي ويا“ جگديش لچاڻيءَ جو لکيل هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هڪ ڀيرو پڙهڻ شروع ڪيم ته بنا ڪنهن وقفي جي پڙهي ويس، اصل دل ئي نه چوي ته ڪتاب رکي ڪو ٻيو ڪم ڪريان. ڪريان به ڪيئن! دل ۽ دماغ هن ڪتاب جي ڪردارن ۾ وچڙيا پيا هئا... ڇاڪاڻ ته جن شخصيتن بابت رڳو پنهنجن بزرگن ۽ دوستن کان ٻڌو هوسين يا ڪتابن ۾ پڙهيو هوسين ۽ سندن ذات ۽ ڏانءَ جا ننڍپڻ کان شيدائي هئاسين، انهن جي باري ۾ هڪ هنڌ ايترو پڙهڻ لاءِ ملي پوي ته دل ٻيو ڪم ڪرڻ لاءِ ڇو مڃيندي، سو به ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي ۽ وري جڏهن هٿ ۾ لکڻ لاءِ پنو پين کڻي ويٺي آهيان ته ڪڏهن ماستر چندر جو آواز پيو ڪنن ۾ ٻري ته:

تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان
پر سهڻا ڪين رهايو تو...

ننڍي هوندي کان اهو گيت ٻڌندي آئي آهيان ۽ اِن جو شاعر پرسرام ضيا صرف اِن هڪ نه پر ڪيترن ئي ٻين گيتن ۾ اڄ به زنده آهي ۽ سنڌ ۾ سندس شاعريءَ جا پرستار اڄ به ڪيسٽن ۽ سِيڊيون وٺي ٻڌندا رهن ٿا.

پرسرام ضيا کي ورهاڱي جو جيڪو درد ٿيو هوندو، پنهنجي جنم ڀوميءَ کان جدا ٿيڻ جو جيڪو صدمو هن کي پهتو هوندو، انهيءَ جو اِظهار فلم ”اباڻا“ جي هن گيت ۾ ڪيائين:

وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هئه هئه پکا پراڻا، هئه هئه وطن جا ٿاڻا
هئه هئه منا اباڻا

ڇاڪاڻ جن اِهو وطن مان لڏڻ جو، پراڻا پکا ۽ منا اباڻا ڇڏڻ جو درد سَنو هو، اِهو گيت ٻڌي انهن جو روئڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو، پر مون ته پنهنجي ماءُ پيءُ کي اِنهيءَ گيت تي روئندو ٻڌو هو. سندس ڀيٽيهه دليون جن دوستن سان هيون،

ڇھندڙ ۽ اسان جي من ۾ پنھنجي لاءِ موھ پيدا ڪندڙ جيئن اسان جون بنھ پنھنجيون عزيزيائيون ھجن.

پوپٽي هيراننداڻيءَ جي شخصيت تہ گھڻ رخي هئي. هوءَ هڪ ئي وقت عالم فاضل گھڻ پڙهي اسڪالر هئڻ سان گڏ بهترين تخليقڪار چئي سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد تي سنڌس ليک هجن يا ڪنهن ادبي موضوع تي، هن جو وسيع اڀياس ۽ تجربو پڌرو آهي ۽ تخليقي صنفن ۾ تہ هوءَ ڄڻ سنڌي ليکڪائن جي نمائندگي ڪندڙ هئي، هن جي آزادي، خودمختياري ۽ ٻي باقي سنڌي عورت لاءِ سنيهو رکندڙ هئي. منهنجي خوش نصيبي آهي جو آءٌ سائنس مليس ۽ مون کي سائنس ملڻ وارا بہ ڀاءُ جگديش لڇاڻي ۽ بلديو مٽلاڻي هئا، جن سنہ 2000ع ۾ بمبئيءَ ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس جي موقعي تي منهنجين ڪيترن ئي اهڙين شخصيتن سان ملڻ جي خواهش پوري ڪئي هئي. ان ئي ڀيري آءٌ دادي سندري اُتمچنداڻيءَ سان بہ ملي هئس.

دادي پوپٽيءَ جون ڪهاڻيون تہ خير اسان کي وڻنديون ئي آهن پر سندس آتم ڪهاڻي ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ تہ ساھ سان سانڍڻ جهڙو ڪتاب آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي عورت جي اندر جي هر احساس جي جهلڪ ملي ٿي، هڪ هنڌ لکي ٿي:

”هندستان ۾ مزورن سان بي انصافي ٿئي تہ اهي هڙتال ڪري سگهن ٿا. نوڪرن سان انياءُ ٿئي تہ اهي ڌمڪائي نوڪري ڇڏي وڃي سگهن ٿا. آفريڪا ۾ ڪارا اچن جي خلاف آواز اُٿارين تہ سڄي دنيا اُنهن سان ساٿ ڏيئي بيهندي پر هندستان ۾ چوڪرين ۽ زالن سان قهر ٿيندو تہ ڪير ڪاڇندو بہ ڪين! ڪاڇي نہ مُسي!“

ڀلا هتي ”هندستان“ ۽ ”پاڪستان“ ۾ ڪو ويڇو نظر اچي ٿو؟ عورت سان سرحد جي هن پارءَ هُن پار ساڳي ويڌن آهي. وري ”سنڌيت“ جي حوالي سان بہ سنڌس هڪ خاص حيثيت ۽ اهميت آهي جيڪا کيس منفرد مقام ڏياري ٿي، هوءَ سنڌ جي مٽيءَ کان ڌار ٿيڻ جو ڏک ڪٽي پنن تي وکيريندي رهي، سنڌس جذبي کي ڀاءُ جگديش هنن خوبصورت لفظن ۾ اظهاريو آهي:

اُنهن جو وڇوڙو پنهنجي جاءِ تي قبول ڪريو وينا هئا، پر اُنهن جو درد ڪانئن سَنو نہ ٿي ويو ۽ اِنهيءَ جي اهڙيءَ ريت اِظهارڪين رئاڙي ٿي وڌو. آءٌ تہ ورهاڱي ڪانپوءِ جي پيدائش آهيان. هريبري اهو گيت ٻڌي آءٌ بہ روئي پوندي آهيان. اهڙو ڏک آهي اِنهن ٻولن ۾ ۽ اهڙي ئي ڏک سان ان کي ڳايو ويو آهي، اصل دل چيري ڳايل آهي اِهو گيت!

اڄ اسين سڀ سنڌي ٻوليءَ کي شهرن جي تعليمي اِدارن مان ۽ وچولي ۽ مٿئين طبقي جي گهرن مان وداع ٿيندي ڏسي پريشان آهيون. پرسرام ضيا چاليهہ پنجاه واري ڏهاڪي ۾ اهڙي پريشانيءَ کي سهي ڪري ورتو هو، جو لکيائين:

بمبئيءَ ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ٽهي
ڪانوينٽ اِسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ
خواب انگريزيءَ ۾ پيو هرڪو لهي.

رڳو ”بمبئي“ ڪڍي ”ڪراچي“ وجهي ڇڏيو، منظر بلڪل ساڳيو آهي.

اهو وطن جو وڇوڙو، اهو پنهنجي ثقافت سڃاڻپ ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي وڃائجي وڃڻ جو ڏڀ يا اونو ڀاءُ جگديش جي ٽهيءَ بہ محسوس ڪيو ۽ هو پاڻ بہ اجا تائين ان کي ڀوڳي ٿو. سندس لفظن ۾ اهو درد محسوس ڪري سگهجي ٿو، لکي ٿو:

”ڪو بہ اِنسان پنهنجي ڀونءِ بنا ويڳاڻو آهي. سنڌي شاعر پنهنجي ڀوميءَ جي وڇوڙي جي درد کي ڇڏي نہ سگهيا آهن. هنن جي اکين اڳيان سنڌ جا شهر، سنڌ جا ماڻهو، سنڌ جون شيون پئي ڦريون.“

ڀاءُ جگديش جي قلم ۾ اها قوت آهي جو هو پنهنجي سموري جاتيءَ جو درد انهن سٽن ۾ اوتي پڙهندڙ کي بہ جذباتي ڪري ٿو ڇڏي.

آءٌ تہ پوپٽي هيرانندانيءَ بابت پڙهي بہ جذباتي ٿي ويس. اسين هتي سنڌ ۾ جيڪي ليکڪائون آهيون، اسان لاءِ سندري اُتمچندائي، ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي هيرانندائي ائين آهن جيئن اسان جي وڇڙيل رهندڙ، اسان جي دلين کي

ڊڪايل، پريو وفا، هري دلگير ۽ رام پنجواڻيءَ جهڙن اعليٰ درجي جي شاعرن جو تسلسل هو ۽ جڻ تہ سنڌي شاعريءَ جي ماضيءَ ۽ حال جي ضمانت بڻبو. ترقي پسند بلڪ سماجوادي ويچار ڌارا سبب باغي ۽ انقلابي شاعر ليکيو ويو. هن نرتيہ ناٽڪ لکڻ جو بہ تجربو ڪيو تہ سوويت ڪوتائن جو ترجمو بہ ڪيو. هن شاعر جي فن تي جڳديش لڇاڻيءَ تمام فني ۽ ٽيڪنيڪي بنيادن تي پرک ڪئي آهي، ڇو جو هڪ تمام سٺو نقاد پڻ آهي ۽ تنقيد جي ميدان ۾ سندس ڪتاب علمي درسي ڪتابن جو درجو رکن ٿا. جيئن هو هند ۾ نئين ڪوتا جي باري ۾ لکي ٿو:

”اها شاعري روايتي شاعريءَ واري ميٽاج، ريشمي اُٽت، ليءِ، موسيقي ۽ لفظن جي نرميءَ کي پٺي ڏيئي هلي. نون ۽ اڻڇوتن موضوعن کي اظهار ملڻ لڳو. وزن يا ڇند جا بندڻ ٽٽڻ لڳا. انساني مجبوري، نراسائي، اڪيلائي ۽ بي معنائي شعر ۾ اظهار پائڻ لڳي. سماجي، سياسي ۽ مالي دٻاءَ ۽ تناءَ پريشانين جي اظهار سبب شاعريءَ جي صورت ئي بدلجي وئي. نئين ڪوتا موجوده طرز حيات جو سڌو سنواٽو اظهار آهي...“

اهڙيءَ ريت هو هند ۽ سنڌ ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ وزن بحر، موضوعن ۽ اسلوب جي بي راهہ واريءَ کي شاعريءَ لاءِ سٺو سوڻ نٿو سمجهي، جنهن ۾ شاعريءَ ۾ ”شعريت“ تي گهٽ پر ”نواڻ“ تي وڌيڪ زور رهي ٿو. اهڙي پس منظر ۾ ارجن شاد بہ آزاد شاعري ڪئي پر ان ۾ اعليٰ قسم جي جذبات نگاري ۽ خوبصورت عڪاسيءَ ان کي شاعريءَ ۾ نمايان جاءِ ڏياري، جنهن لاءِ لڇاڻي لکي ٿو تہ ”نئين ڪوتا جي ياو ’پنڌ‘ ۾ فنائتو اظهار پاتو.

ارجن شاد جي شاعريءَ ۾ بہ وطن کان وڇڙڻ جي درد جو اظهار آهي ۽ هن ادائي سو سٽن تي مشتمل پنهنجو نظم اونداهو دونهون، ورهاڱي جي ترجمانيءَ تي لکيو. ان ۾ سندس دل جي پيڙا لفظن مان جهلڪي ٿي. اهو نظم هند جي سنڌين جي جذبن جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿو. ارجن شاد لاءِ لڇاڻي لکي ٿو تہ ”هن جي شاعريءَ جي سرهاڻ هند خواه سنڌ جي ادبي حلقن کي سدا واسينديرهندي.“

ان کانپوءِ جڳديش لڇاڻيءَ زندگيءَ جهڙي سرجڻهار ايم. ڪمل بابت پنهنجو ڀرپور مقالو لکيو آهي، جنهن کي پاڻ ”غزل جو شهنشاه“ ڪوٺي ٿو. هن

’’پوپٽيءَ جي ناني ڪهاڻي، ڪردار نگاريءَ جو عمدو مثال آهي. هن ۾ ملڪ جي ورهاڱي ۽ ان مان پيدا ٿيل درد جي تصوير آهي. مذهب جي آڌار تي مٽيءَ کي مٽيءَ کان ڌار ڪيو ويو، گنگا کي سنڌوءَ کان الڳ ڪيو ويو، پنهنجي جنم ڀوميءَ کان وڇڙڻ ڪا خسيس گهٽنا ڪانهي.‘‘

ڪيڏو نه احتجاج ۽ ڪيڏي نه بيوسي گڏي پئي آهي اِن اَحساس ۾. پوپٽيءَ ناول به لکيا، مضمون ۽ مقالا به لکيا. سنڌو نديءَ کي پوڄا جي حد تائين چاهيندڙ ليکڪا ان بابت اهڙو ته مضمون لکيو جو حيدر بخش جتوئيءَ جي نظم درياشاه جون سڪون ٿو للهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ سپيتا لاءِ سندس پيار جي هڪ جهلڪ ڏسو، لکي ٿي:

’’ليکڪا جي چولي، ٻوليءَ سان سبيل آهي، اڄ اسان جي چولي ادڙي ٿي وڃي ! اسين ڪيئن خاموش رهنداسين؟ ٻولي نه رهندي ته شاعر نه رهندو. شاعر نه هوندو ته گيت نه هوندو. گيت نه هوندو ته ڳائيندڙ نه هوندو، ته ڪلا ۽ سنسڪرتي نه هوندي، ڪلا ۽ سنسڪرتي نه هوندي ته جاتي زنده ڪيئن رهندي؟‘‘

ڪيڏو نه وڏو ۽ ڪڙو سچ آهي جيڪو هند ۽ سنڌ جي سنڌين جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. رڳو اِنهيءَ جو اَحساس به وار ڪاندارپو ڇڏي، اندر جهوريو وجهي ته ڪٿي واقعي ائين ٿي نه پوي !

هوءَ هڪ وڏي ودوان هئي، عالم ۽ دانشور هئي. سندس ڪيترن ئي مقالن مان مون پنهنجي لکڻين ۾ استفادو ڪيو هوندو، شاه جون سورميون ۽ سورما هجن يا ’’سيڪس ۽ سنڌي ساهت‘‘ وارا ليک، مون اُنهن مان حوالا ورتا آهن ۽ اَثر به ورتو آهي.

محترم ڀاءُ جگديش هونءَ ته سيني گذاري ويل اديبن جي باري ۾ دل جي گهراين سان محسوس ڪري لکيو آهي پر دادي پوپٽيءَ لاءِ هن جي من ۾ پيار به آهي ته احترام ۽ عزت به، جيڪو يقينا هن ڪمايو هوندو. هن جي ڪلا سان گ ڏ جرئت، جوش، سچائي، بردباري، حوصلو، سنڌيت، اهي خوبيون هيون جن کيس ٻين سمورين ليکڪائن کان اوچو مقام ڏنو.

هن ڪتاب ۾ جن ادبي املهه ماڻڪن کي جاءِ ڏني وئي آهي اُهي سڀ سنڌي ادب جا سرواڻ ليکڪ آهن. ارجن شاد-وڏو شاعر، ڪشنچند بيوس، هوندراج

موهن ڪلپنا شايد سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ تخليقڪار آهي جنهن جي ''جلاوطني جو درد'' هتي سيني محسوس ڪيو. سندس يوگنائن جي سفر جو اثر بہ تمام گهڻو ورتو ويو. سندس آتم ڪٿا ''بڪ، عشق ۽ ادب'' پڙهندڙ کي رئاري ڇڏيو هو. سندس ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول شايد هند کان وڌيڪ سنڌ ۾ ڇپيا آهن. شروع شروع ۾ هو بہ ترقي پسند ڏارا سان جڙيل ٿو لڳي پرپوءِ رومانويت ۽ انفراديت منجهس اچي وئي ۽ هو مرگو ئي ترقي پسند ادب ۾ پرچار ۽ نعري خلاف ٿي بيٺو ۽ ان خلاف ڀرپور آواز اُٿاريو. هند ۾ هن پاڻ کي جلاوطن ٿي محسوس ڪيو. جگديش لڇاڻيءَ سندس ''سيلف پورٽريٽ'' مان هڪ ڊائلاگ لکيو آهي، اِچو تہ اِهو ڏسون:

''دنيا ۾ اهو ڪهڙو ملڪ آهي جيڪو تون ڏسڻ چاهيندين؟''

''هڪ شخص جي ناتي مان اِٽلي يا فرانس نہ، سنڌ ڏسڻ چاهيندس، پنهنجي سنڌ.''

''جيڪڏهن هند-پاڪ ۾ لڙائي ٿئي ۽ توکي بندوق ڏني وڃي تہ ڇا ڪندين؟''

''بندوق وڪڻي مان گل خريد ڪندس ۽ اُهي گل اُنهن کي ڏيندس جيڪي لڙائيءَ کي روڪيندا.''

جگديش لڇاڻيءَ موهن ڪلپنا جي سنڌ سان عشق جي ساکيءَ طور هي سٽون ڏنيون آهن:

''سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي ڪلچر، سنڌي ساهت، سنڌي هلچل، سنڌي جلاوطني، سنڌي فرد... اِهي سڀ موهن ڪلپنا ۾ آهن.''

هند جي اديبن مان لعل پشپ بہ ''گهڻ پاسائون اديب'' هو ۽ هڪ ئي وقت ڪهاڻي، ناول، مضمون، تنقيد، ترجمي جي کيترن ۾ پاڻ مڃايائين. موهن ڪلپنا، گني سامتاڻيءَ ۽ لعل پشپ وارن جي ٽهيءَ ترقي پسند تحريڪ کي پٺتي اُڇلائي، نئين ڪاوڙيل نسل جي ادب کي جنم ڏنو. سنڌ ۾ ان کي ''نئين ٽهيءَ جو ادب'' سڏيو وڃي ٿو تہ هند ۾ نئين ڪوتا، نئين ڪهاڻي وغيره جا نالا مليا، جنهن ۾ ليکڪ جو فوڪس ميڙ نہ پر فرد هو جنهن جا داخلي احساس خارجي محرڪن تي حاوي پئجي ويا. هن نوان تجربا ڪيا. نوان موضوع ڳوليا ۽ معروضي (objective) حقيقتن کان وڌيڪ شخصي (subjective) ۽ منووگياني معاملن

ست سو جي لڳ ڀڳ غزل لکيا ۽ مجموعي طرح هن جا ويهه شعري مجموعا ۽ ست هڪ ايڪٽ وارا ناٽڪ شايع ٿيل آهن. ايم. ڪمل کي شيام جئسنگهاڻي ”جدت سان جڙيل سينسبلٽي (حسيت)“ جو شاعر سڏيو آهي.

جڳديش لڇاڻي سندس شاعريءَ جي پرک ڪندي لکيو آهي تہ: ”غزل ۾ هن تمام فني خوبين جو استعمال ڪيو آهي. تشبيهہ، استعارو، ڪنايو، تمثيل، علامت، تضاد، لفظن جو ٽڪراءُ وغيره... ايم. ڪمل جا غزل زبان جي پختگي شعر جي بلندي، خيال جي گهرائي ۽ فني مهارت کان پنهنجو مَٽ پاڻ آهي.“

هو سندس چيندڙ طنز جو قائل آهي ۽ انوکين تشبيهن کي نروار ڪري ٿو:

آءُ تہ پنهنجو پيار جتايون
چري لڪائي پاڪر پايون

يا وري


حياتيءَ عمر جي کوکي ۾
ننگي چڏيو آ نوال جيان

لڇاڻي اِهائي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن تي مشتمل شاعري سندس مهانتا ۽ مهتا جو سبب ڄاڻائي ٿو.

شاعريءَ کي نوان گس ڏيندڙ ايشور آنچل کي جيتوڻيڪ مون گهٽو ڪو نہ پڙهيو آهي پر جڳديش لڇاڻيءَ جي هن ليک مان مون سندس باري ۾ گهٽو ڪجهہ ڄاتو ۽ سڃاتو آهي. هو ترقي پسند ڌارا سان جڙيل هو. جيڪو ادب، بقول لڇاڻيءَ جي، سماجي، سياسي، ڌرمي ۽ مفلسيءَ تي ٽانڊا ٿي وسندو هو ۽ آنچل ان دور جو هڪ شعلو هو. سنڌي ٻوليءَ کي ڇهہ شعري ڳٽڪا ڏيندڙ ايشور آنچل پوءِ واري دور ۾ نئين حسيت ۽ نئين ڪيفيت ۽ نئين فڪر کي پنهنجو ڪيو پر جڳديش موهن ڪلپنا جي برعڪس ان کي نئين ڪوتا جي دائري ۾ شامل نٿو سمجهي. هو لکي ٿو:

”من شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جو شعور، زندگيءَ سان گهري وابستگي، ماضي، حال ۽ مستقبل تي فڪرمنديءَ جا نهايت شعري هڳاءَ سان، خيال پيش ٿيل آهن.“

پرسرام ضيا



جنم : 11 جولاءِ 1911ع
ٽنڊو آدم (سنڌ)

مرتيو : 28 آڪٽوبر 1958ع
اُلهاسنگر

کي اهميت ڏني. ان لاءِ جگديش لڇاڻيءَ جهڙو ادبي نقاد لکي ٿو:

”لعل پشپ جون ڪهاڻيون ڪهاڻيون نه آهن، منووگيانڪ چترآهن، اهي مڪينيڪل ڪونهن.“

هن جي ڪن ڪهاڻين ۾ هن کي نئين ڪهاڻيءَ ۽ بعد جديديت (post modernism) جا عناصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي بئي ڏارائون گڏوچڙ آهن.

لعل پشپ جي هڪ نقاد واري حيثيت تي پڻ لڇاڻيءَ روشني وڌي آهي جنهن ۾ هن قدامت پرستيءَ کي نندينديي سنجيدگيءَ سان بدليل قدرن ۽ سنڌي ادب ۾ جديد شعور کي روشناس ڪرائڻ لاءِ رچنائن کي پرکڻ جو رواج وڌو ۽ سنڌي تنقيد ۾ نواڻ آندي.

جگديش لڇاڻي آخر ۾ رشتا نياٽيندڙ فنڪار شيام جئسنگهاڻيءَ بابت لکيو آهي جيڪو پڻ سنڌيءَ جو گهڻ رخو ۽ هند سنڌ ۾ هڪ جيترو مشهور رهيو آهي جنهن پنج ڪهاڻين جا ڳتڪا، ٻه ناول ۽ ٽي شاعريءَ جا انتخاب ۽ ڪجهه ناٽڪ لکي ڇپارايا. جگديش لڇاڻي لکي ٿو:

”شيام بنيادي طور ڪهاڻي نويس آهي. ڀارت جي سنڌي شاعريءَ ۾ جيئن نئين ڪوتا جو باني هريش واسواڻيءَ کي مڃيو وڃي ٿو. تيئن نئين ڪهاڻيءَ جو سهرو شيام جي سر تي رکي سگهجي ٿو. هن پنهنجي پختي ڪلاتمڪ اظهار دلچسپ رڳا، اظهار جي نئين اسلوب ۽ ماحول جي فنائتي عڪاسيءَ سبب سنڌي ڪهاڻيءَ تي پنهنجي نجي ڇاپ ڇڏي.“

۽ ائين جگديش لڇاڻي هڪ طرف ڪٿي هڪ دوست، ڪٿي ادبي ساٿي ته ڪٿي شاگرد يا گڏ ڪم ڪندڙ ڪليگ جي حيثيت ۾ جن شخصيتن جو شخصي خاڪو پيش ڪيو آهي ته ٻئي طرف هن هڪ پڪي پختي نقاد ۽ پارکوءَ جي حيثيت ۾ سمورا شخصي ناتا وساري سندن فن، فڪر، ذات، ڏانءَ ۽ ڏاهپ جي ڇنڊڇاڻ ڪري، سنڌي ادب ۾ سندن صحيح ۽ جوڳو مقام ڇاڻايو آهي ۽ خالص علمي انداز ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ۽ سندن رچنائن جي ٻي ربا پرک پيش ڪئي آهي. ان ڪري آءٌ ڀانيان ٿي ته هي ڪتاب صرف ”ڏي ويل للهوتين“ کي پيئتا لاءِ لکيل ڪونهي بلڪ ادبي تنقيد جي ميدان ۾ هڪ اهم واڌارو به آهي جيڪو سندس پنهنجي ادبي حيثيت جي به ساک قائم ڪندو.

عوامي شاعر

هيٺين شعرن تي غور فرمايو :

تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان
پر سهڻا ڪين رهايو تو ....

وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃون ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃون ٿا
هئہ هئہ پکا پراڻا، هئہ هئہ وطن جا ٽاڻا
هئہ هئہ مٺا اباڻ

مان بہ تنهنجي خريدارن مان هوس
توکي جن طلبيو، طلبگارن مان هوس
جيکي تنهنجي دل تان ويا وسري صفا
مان بہ تن وسري ويل يارن مان هوس
بي خطا هوندي بہ جي بخشيا نہ ويا
اي 'ضيا' مان تن گنهگارن مان هوس.

اِهي مِڙيئي شعر، سنڌيءَ جي اُن شاعر جا آهن، جنهن کي زندگيءَ نہ، پر غريبيءَ ماري وڌو! پرسرام ضيا حياتيءَ جا پنجاھ سال بہ پورا ڪري نہ سگهيو. هن جو جنم 11 جولاءِ 1911ع ۾ سنڌ جي هڪ غريب ڪٽنب ۾ ٿيو ۽ 28 آڪٽوبر 1958ع تي ڪلياڻ ڪئمپ (هاڻي اُلهاسنگر) ۾ هوُ اگم ديش ڏانهن روانو ٿي ويو. هن حياتيءَ جي اڌ صدي بہ پوري ڪانہ ماڻي. صرف 47 سال 3

ڇڪاس وقت موقعو ملڻ تي، هُو شاعرن سان شعرو شاعريءَ بابت ڳالهيون ٻولهيون به ڪندو رهيو. شروعات ۾ هن پاڻ تي ’پرسو‘ تخلص رکيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ’پرسو‘، ’رَنجُور‘ ۾ بدلجي ويو:

مان هُيس، فاقو هيو ۽ رنج هو، رنجور هوس
غم جي بستيءَ ۾ رهيس ٿئي، راحتن کان دور هوس
مونکي زردارن حقارت سان ڏٺو، ان واسطي
چو ته مفلس هوس، بي زر هوس ۽ مزدور هوس.

سن 1936ع ۾ پرسرام ضيا جو ’گلزار رنجور‘ شايع ٿيو، جيڪو هن پنهنجي پهرين استاد عطا محمد عطا کي ارپڻ ڪيو آهي. پرسرام ضيا جڏهن ننڍي آدم ۾ رهندو هو، تڏهن عطا محمد عطا کان شعر جي اصلاح ورتي هئائين. هن ئي سندس ’پرسو‘ تخلص ڦيرائي ’رنجور‘ ڪري ڇڏيو. مسلمان شاعرن ۽ اديبن جي صحبت سبب هن تحرير ۾ پارسيءَ جي دقيق لفظن جو استعمال، مناسب حد کان وڌيڪ ڪيو هو؛ ان ڪري هڪ طرف سندس ڪلام عام فهميءَ واري وصف جي کوٽ جو شڪار بڻيو ۽ ٻئي طرف سندس ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ واري رواني ۽ دلسوزيءَ جو عنصر گهٽ ٿو محسوس ٿئي. پر ”گلزار رنجور“ ۾ ڪي سليس ڪوتائون به ملن ٿيون. ڀارت جي ورهاڱي بعد پرسرام ضيا ڪافي طنزيه ڪلام چيو آهي، در حقيقت هُو اهڙي ڪلام جي اِبتدا سنڌ ۾ ڪري چڪو هو. پرسرام ضيا جي ”گلزار انجور“ ۾ به ڪي اهڙا شعر ملن ٿا، جن ۾ هُو اڳوانن تي تکي طنز ڪري ٿو :

اسان کي صرف نالي واسطي ئي ليڊري کهرجي
نه مطلب قوم سان ۽ نا وطن جي بهتري گهرجي
ڏکو چوغو، ڏگهي ٽوپي ڇڏي ڇا واسطي ڏيان
مونکي چندي منجهان هڪ ڦوٽري ناٽي پري گهرجي
ڏنڌي جو حال هيٺو ٿيو، ملڻ تي نوڪري مشڪل
تڏهن مان ٿو چوان مونکي ٿي اڳواني وري گهرجي

مهنا سترهن ڏينهن حياتي ماڻي. اُلهاسنگر ۾ هڪ اهڙو شاعر ٻيو به هئو، سڳن آهوجا. سڳن آهوجا به پنهنجي حياتيءَ جا پنجاهه سال پورا ڪري نه سگهيو هئو. سنڌيءَ جي انهن ٻنهي شاعرن کي زندگيءَ ۾ بي انتها غريبيءَ کي منهن ڏيڻو پيو. ٻنهي کي جيئري جيڪو مانُ - مُرتبو ملڻ کپندو هو، سو ڪين حاصل نه ٿيو. سڳن آهوجا لکيو:

زندگي، تنهنجي ادائن مان ٿيو بِرُ آهيان،
غم جا پهلو ته بدل نيٺ به شاعر آهيان.

پرسرام ضيا چيو:

وقت ايندو جو 'ضيا' جي لءِ هٿ هٽندين پيو
تنهن ڪري منهن مٽڻ وارا 'ضيا' کان منهن نه موڙ.

پرسرام جو جنم سنڌ جي ٽنڊي آدم ۾ هيرانند ڦانورداس سچانندائيءَ جي گهر ۾ ٿيو. ٽنڊي آدم ۾ سچانندائي محلو هو، جنهن ۾ ڪيئي ڪٽنب رهندا هئا. پرسرام جي پيءُ هيرانند جي مالي حالت سٺي نه هئي. سندس ڪٽنب وڏو هو. هيرانند، مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ، ٽنڊي آدم واري جاءِ وڪڻي، ڪٽنب سميت حيدرآباد هليو آيو. حيدرآباد ۾ به سندن پاڳ نه پريو. هوُ ڪراچيءَ لڏي آيا. ڪراچيءَ ۾ پرسرام هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر جي نوڪري شروع ڪئي. پرسرام جو ننڍو ڀاءُ ريجهومل به ناڪراس اگناڻيءَ جي پرنٽنگ پريس ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. غريبيءَ سبب، پرسرام، ٽن چئن درجن کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. هوُ پيءُ کي گهر هلائڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

پرسرام کي شاعريءَ ڏانهن لاڙو ننڍي هوندي کان ئي هو. هن جو پهريون شعر سن 1925ع ۾ 'آفتاب' هفتيوار اخبار ۾ ڇپيو هو، جنهن جو ايڊيٽر نانڪرام ڌرمداس ميرچندائي هو. ان وقت پرسرام جي عمر فقط چوڏهن سال هئي. ڪراچيءَ ۾ ڪمپازيٽريءَ جي دوران، سندس شاعريءَ ڏانهن رغبت ۾ تيزي آئي. شعر ڪمپوز ڪندي، پڙهندي شاعريءَ جي شناس حاصل ڪندو ويو. پروف جي

هز ماسترس وائس رڪارڊنگ ڪمپنيءَ پرسرام ضيا جا ڪجهه گيت ۽ غزل چونڊيا. .H.M.V ڪمپنيءَ طرفان ڪراچيءَ ۾ لعلچند ائنڊ ڪمپني گانا رڪارڊ ڪندي هئي. قومي شاعر هوندراج دکايل به هن ڪمپنيءَ سان جُڙيل هو. دکايل جا قومي ترانا انهن ڏينهن ۾ ڏاڍا مشهور ٿيا. پرسرام ضيا به هز ماسترس وائس ۽ ٻين گراموفون ڪمپنين جو شاعر بڻجي ويو. سندس ڪلام ان وقت جي مشهور ڳائيندڙن جهڙوڪ ماستر چندر، جاڙارام، مولي ٻائي، موتڻ پڳت ۽ ٻين رڪارڊ ڪرايو. پرسرام ضيا جي ماستر چندر سان گهرائپ ٿي وئي. چندر، ضيا جا گيت ڳائڻ لڳو. ضيا جا گانا گهر گهر گونجڻ لڳا. پرسرام ضيا ۽ ماستر چندر جي جوڙي سنگيت جي دنيا ۾ بيحد مشهور ۽ مقبول ٿي. ضيا ۽ چندر جي اها جوڙي اڳتي هلي مِتي مائٽيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. اڄ به ضيا جا قلمبند ڪيل ۽ ماستر چندر جا ڳايل ڪيترائي گيت سنڌي باشندن جي زبان تي آهن:

نه ڪبو بحث، نه تڪرار، هليا ويندا سين
نيٺ آچار ٿي، لاچار هليا ويندا سين
ٿا وفا توکان گهرون، پنهنجي وفا جي بدلي
جيڪڏهن تون ڪندين انڪار هليا ويندا سين.
تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي رهون يان نه رهون
جي اسان کان ٿئين بيزار، ته هليا ويندا سين.
پاڻ ڏاڍن تي ضيا، کهڙي اسان جي هلندي
بند پنهنجي ڪري گفتار، هليا ويندا سين.

تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان
پر سهڻا ڪين رهايو تو
سهڻا ڪين رهايو تو، منهنجا دلبر ڪين رهايو تو

دل آهي هٿن ۾ ڏو خريدار کي ڳولهيان
بازار محبت ۾ ڏو طلبگار کي ڳولهيان!

ڪراچيءَ جي رهواس دوران، پرسرام جي شاعر رامچند دادوءَ واري ۽ چاندومل چندر سان واقفيت ٿي. پوءِ انهن جي معرفت غلام احمد نظامي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ شيخ ڏٽي بخش 'ناقص' جي صحبت ۾ آيو. پرسرام ان محل تائين ادبي دنيا ۾ توري گهڻي جڳهه ناهي ورتي هئي. هن جو ''گلزار رنجور'' شايع ٿي چڪو هو. ڏٽي بخش، پرسرام کي شاعر مراد علي ڪاظم وٽ وٺي ويو ۽ هن جي سفارش ڪيائينس. پرسرام ڪاظم جي شاگردي قبول ڪئي. عروضي علم جي ڄاڻ، شاعر لاءِ نهايت ئي ضروري آهي. شاعريءَ جي فني نڪتن جي علم بنا، ڪلام ۾ ڀرپور تاثير پيدا ڪرڻ ممڪن ڪونهي. مراد علي ڪاظم مٿس چڱي محنت ڪئي ۽ کيس شاعريءَ جا نفيس نڪتا ۽ زبان جي اهميت کان روشناس ڪرايو. شعر ۾ ربط، تشبيهه، تمثيل، استعارو، ڪنايو، علامت ۽ خيال جي موزون ادائگيءَ کان واقف ڪيو ۽ محاوره بندي خواه چست بندش جو علم سيکاريو. عالم ڄاڻن ٿا ته ڪامياب شاعري ڏات ۽ ڏانوَ ۽ علم اڀياس جي باعث ئي، اسان جي دل ۽ دماغ کي معطر ڪري ٿي.

شيخ مراد علي 'ڪاظم' کي پرسرام جو 'رنجور' تخلص راس نه آيو. رنجور جو مطلب آهي رنجايل، ڏکي يا غمناڪ. ڪاظم سندس تخلص رنجور مان بدلائي 'ضيا' ڪيو. ضيا جي معنيٰ آهي روشني يا سوجهرو. ضيا جي ڪلام جي روشني سنڌ ۾ پکڙجڻ لڳي. پرسرام ضيا باقاعده مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. هن کي مقبوليت ملڻ لڳي، ناموس به نکرڻ لڳس. مشاعرن ۾ هن جي ڏيتي ليتي نامور هستين ليکراج عزيز، هرو سدارنگاڻي خادم، محمد ابراهيم خليل، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ ڪن ٻين سان ٿي. هن انهن مان به ڪافي فيض پرايو.

سن 1939ع ۾ ديوداس پرسرام ضيا جي واقفيت پهرين ڪولمبيا ڪمپنيءَ ۽ پوءِ هز ماسٽرس وائس سان ڪرائي. پرسرام ضيا کي هز ماسٽرس وائس ڪمپنيءَ پاران گانا لکڻ جو ڪم مليو. هوُ هينئر ڪمپنيءَ جو پيشيور شاعر بڻجي ويو.

وٺان ايوارڊ به عطا ٿيو. هن ڪتاب جو مهاڳ ان وقت سنڌ جي تعليمي کاتي جي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر دائود پوٽا لکيو هو. ”تصوير احساس“ جي شايع ٿيڻ کانپوءِ پرسرام ضيا جو نالو سنڌ جي برک شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ان مذڪوره نسخي ۾ درج ڪيل ڪلام گهڻي قدر فارسي آميز آهي. مگر ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ زبان جي سلاست ۽ محاوره بنديءَ سندس ڪلام کي عوام ۾ مقبول ڪيو. ضيا نظم، غزل ۽ ٻين شعريه صنفن ۾ سهڻا خيال پيش ڪيا آهن.

ڀارت جي آزاد ٿيڻ سان، سنڌين کي پنهنجي ڀونءِ ڇڏي ڀارت ۾ اچڻو پيو. ڀارت سرڪار سنڌين کي ملٽريءَ جي پراڻين بئرڪن ۾ پريندي ويئي، جتي سيپه زندگيءَ جون ته ڇڏيو پر عام روزانه حياتيءَ جون به سهوليتون ميسر نه هيون. پرسرام ضيا به سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ ڦرين اجمير ويو، پوءِ ڀيلوارا پهتو. روزگار نه ملڻ تي آخر ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي ٿانئيڪو ٿيو؛ جتي زندگيءَ پر رهيو. پرسرام ضيا پنهنجي جگري دوست ماسٽر چندر لاءِ به ڪوئيون والاريون، جتي ماسٽر چندر به پنهنجي ڪٽنب سميت اچي رهيو. اڄ به پرسرام جا پويان اُلهاسنگر نئين جي او.ٽي. سيڪشن ۾ رهن ٿا.

ماڻهن ۾ ڪانگريس ۽ ان جي سرڪار خلاف ناراضپو هو، ڇو جو انهن ڪانگريسين کي ئي سنڌين جي بري حالت لاءِ جوابدار ٺهرايو. ڪئمپن ۾ گهاريل ذلت ڀري زندگي ۽ سنڌين جي تڪليفن ۽ اهنجن جو ذڪر ان وقت جي ڪوتا ۾ ملي ٿو؛ ڇو ته ادب سماج جي ڌڙڪن آهي، ان جي تخليق سماج جي احساس، ڏک سک، خوشي غم مان ٿئي ٿي. ڪوتا شروع کان وٺي وقت ۽ زندگيءَ سان گهري وابستگي رکندي آئي آهي. ڪيترن شاعرن ۽ قلمڪار سنڌين جي ڀوڳنائن جو شاعريءَ ۾ چِٽُ چٽيو آهي؛ پر پرسرام ضيا انهن سڀني ۾ اڳرو رهيو. هن ورهاڱي بعد نرواسي ڪئمپن ۾ اچي وسيل سنڌين جي نس پرکي، انهن جي ڏک درد جي تصوير عام فهم ٻوليءَ ۾ چٽي. هن جي شاعريءَ ۾ عوام جي زندگيءَ جو عڪس، دل ڏڪائيندڙ نوع ۾ پيش ٿيل آهي.

قسمت آ منهنجي دل جي فقط پيار محبت
سستو هي آهي سودو ناهي زر جي ضرورت
بس گهرجي وفائي تي، تو وفادار کي ڳولهيان ....
دل پنهنجي اتم ڪرڻي حسينن جي حوالي
ڪو سهڻو خريدار بڻي دل کي سنڀالي
تو ان ڪري اڄ حسن جي سرڪار کي ڳولهيان ....
واپار ضيا اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿو
دل مفت ۾ هڪ عاشق ناشاد ڏئي ٿو
محبت جي مئخاني ۾ تو منتار کي ڳولهيان ....

ضيا جي ماستر چندر سان پهرين ملاقات سن 1939ع ۾ پيڄت ڪنوررام جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ ٿي. پرسرام ضيا، ماستر چندر جي گائڪيءَ تي فدا هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾، ماستر چندر جي گائڪي، موسيقي ۽ شاعريءَ جي هرهنڌ هاڪ متل هئي.

پرسرام ضيا، ماستر چندر سان ملڻ ٿي چاهيو. پر هن کي ماستر چندر سان ملاقات جو موقعو ئي نصيب نہ ٿي ٿيو. هڪ دفعي نہ پرسرام ضيا، ماستر چندر کي شاعريءَ ۾ پيغام موڪليو :

دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان
بازار محبت ۾ تو طلبگار کي ڳولهيان

ماستر چندر، ضيا جي سليس ۽ سادن سودن لفظن واري شاعريءَ کان بيحد متاثر ٿيو. پوءِ تہ ٻنهي جو پاڻ ۾ اهڙو عشق پئجي ويو جو هر محفل، مجلس، موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ ٻئي گڏ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. اڳتي هلي اها دوستي رشتيداريءَ ۾ تبديل ٿي ويئي. پرسرام ضيا جي ڌيءُ، ماستر چندر جي نونهن بڻي. پرسرام ضيا سان، ماستر چندر جو ناتو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. ضيا جي گذاري وڃڻ تي، ماستر چندر جي وات مان ازخود نڪري ويو، ”قربدار ضيا، محبوب ضيا، منهنجو رفيق ضيا، سدا امر ضيا.“

سن 1943ع ۾ پرسرام ضيا جي ڪلام جو نئون مجموعو ”تصوير احساس“ شايع ٿيو، جنهن تي ڪيس سنڌ جي تعليم کاتي

جبلن تي تا جُتيون گسايون
لوهہ جا بوٽ وٺي ڪو پايون
قدم قدم تي آهي ڪڪري
پند ڪندي ويا ترائي نڪري
موچين ڪي بس پيا ورسايون ...

لوهہ جو بوٽ پيرن ۾ لڦون وجهي ڇڏيندو آهي، مگر سنڌي پنهنجي تهذيب سبب پيري اگهاڙو ڪين هلندو آهي. اِها اسان جي ڪئمپ جي زندگي هئي. پرسرام ضيا سپاهي ۽ سوٽائيءَ جي نالن سان جنهن مذاقي ۽ طنزي ادب جي تخليق ڪئي آهي، تنهن جي سنڌي ادب ۾ تاريخي اهميت رهندي. ’پتي تي پوهوءَ ماءُ‘ ضيا جي هڪ يادگار تخليق آهي.

چوندا آهن، ’جُتي بہ پهچي روي، اُتي پهچي ڪوي‘. ضيا جي دورانديشي نظر شروع ۾ ئي پروڙي ورتو هو تہ سنڌين جي معاشري واڌاري ۽ ٻولي، ادب ۽ سنسڪرتيءَ جي اِرتقا لاءِ زمين جو ٽڪر هجڻ لازمي آهي. اڄ سنڌي، سنڌين لاءِ الڳ زمين جي ٽڪر جي ضرورت محسوس ڪري رهيا آهن. ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪو پرانت، ڪو زمين جو ٽڪر هجڻ ضروري آهي، جتي وڏي تعداد ۾ سنڌي گڏ رهي سگهن. اِنهيءَ حالت ۾ ٻوليءَ کي هميشه لاءِ محفوظ رکڻ ڏکيو آهي. نارايڻ شيام کي بہ ٻوليءَ جي آئينده بابت انديشو قائم رهيو :

الا، ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

ضيا جي دورانديش نگاهہ ۾ بہ اها ڳالهہ اڳ ئي آئي هئي. شاهہ صاحب سان سپني ۾ ڳالهيون ڪندي شاعر چوي ٿو :

بمبئيءَ ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان نهي
ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ
خواب انگريزيءَ ۾ پيو هرڪو لهي

شاعر جو ڪلام در حقيقت ان دور جي تصوير آهي، جنهن ۾ هوُ رهي ٿو. ورهاڱي بعد، ضيا ئي سنڌيءَ ۾ طنزي شاعريءَ جي شروعات ڪئي. هن ’سگريٽ باز جا سوٽا‘، ’سپاهيءَ جا سخن‘ ۽ ’پٽي ٿي پوهوءَ ماءُ‘ جي نالي سان ڪافي مذاقيہ ۽ طنزيہ شعر چيو. عوام سپاهيءَ جي سخنن جو بي صبريءَ سان انتظار ڪندا هئا؛ ڇو تہ اُهو عوام جو آواز هو:

ڪنڌ پڇي ٿسل ڪانگريسين جو، ڪيو اٿن ڪُنياءُ
لٽا نديءَ تي ڌوئي وٺي، اڳوانن ڪي لوئي وٺي
منهن ڪي سجائي سٽي ٿي ڪپڙا، تڪو اٿس ڪوٺڻ پٽي ٿي...
يارهينءَ وارو پيرڪو پڇندن، لعل سائين ڪا اُبتي هٽندن
ڪئمپ ۾ آٽي ڦٽو ڪيائون، ڏٺي انهي جو پاءُ ....

(پرسرام ضيا جنهن بئرڪ ۾ رهندو هو، سامهون ندي وهندي ڏسڻ ۾ پيئي ايندي هئي)

پرسرام ضيا، شعر ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا تز ڳوٺاڻين ماڻهن واري آهي، جا ڏسڻ ۾ برابر سولي نظر اچي ٿي، پر اهڙي ٻولي ڪتب آڻي، مزاح ۽ طنز پيدا ڪرڻ ڪو آسان مرحلو ناهي. اهڙي ٻولي لکڻ لاءِ ڪافي مشق پچائڻي آهي. پرسرام ضيا شعريہ فن ۽ ٻوليءَ جو ڄاڻو هو. ان ڪري هن موقعي ۽ ڪردارن جي ضرورت مطابق ٻولي ڪم آندي آهي. جيئن تہ پرسرام ضيا پاڻ بہ ڪئمپ جي زندگي ٿي گهاري، هن ڪئمپ جي زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ تان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو؛ تنهن ڪري ئي هوُ ان زمان جي ڪئمپ جي زندگي، سياست ۽ نيتائن تي بنا ڪنهن لِلي ڇپيءَ جي مزاحيہ ۽ طنزي ڪلام ۾ سنڌي جيوت جي تصوير صداقت سان پيش ڪري سگهيو آهي.

”سنسار سماچار“ اخبار هئي، جنهن جو ايڊيٽر هوندراج داس هئو. ان ۾ سن 1948ع واري وقت کان ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين جي تڪليفن ۽ مصيبتن جو احوال رهندو هو. ان اخبار ۾ ئي ضيا سوٽائيءَ جي تخلص سان، سنڌين جي ڪئمپن جي زندگيءَ جو عڪس مزاحيہ ڍنگ سان پيش ڪندو هئو:

ضيا جي زبانداني، محاوره بندي ۽ سلاست جو هرڪو قائم رهيو. هن شاعريءَ ۾ پيچيده ۾ پيچيده خيال کي صاف ۽ سولي ٻوليءَ ۾ اظهار ڏنو آهي. پرسرام ضيا جي شاعريءَ ۾ صاحب جي سخاوت، عشق محبت، درد فراق، زماني جو ظلم، خلق جي خدمت. سرمائداري ظلم، غربت جي لعنت، صِدق ۽ صبر، روحاني ۽ خدائي اُستتي، طنز ۽ مذاق موضوع ٻڌجي آيا آهن.

صاحب جي سخاوت

تون سکي آهين سهاجهو، در اتم تنهنجو جهليو
هاڪ تنهنجيءَ کي ٻڌي، مان دور کان آهيان هليو ...
تون پريو پندار آهين، خالي جهولي پر کٽي
آس هڪ تو ۾ رکي، مون آسرو جڳ جو پليو ....
تنهنجي دم سان دل جي اُجڙيل باغ ۾ ايندي بهار
تو نظر جنهن تي ڪئي سو دائما ڦوليو ڦليو.

اسان جي ڏينهن ۾ ضيا جو هيءُ گيت صبح جو پرارٿنا جي روپ ۾ چيو ويندو هو.

عشق - محبت

مان ٻه هڪ تنهنجي خريدارن مان هوس
جن توکي طلبيو، طلبگارن مان هوس
جيڪي تنهنجي دل تان ويا وسري صفا
مان ٻه تن وسري ويل يارن مان هوس ....
بي خطا هوندي ٻه جي بخشيا نه ويا
اي 'ضيا' مان تن گنهگارن مان هوس.

درد فراق

تو لکي خطڙو ڏيان ڪانگا وجي پهچائجان
جو ڏسين تو حال سارو يار کي سمجهائجان
دم پڻ چاهين دلبر وٽ وجي پنجانءَ دم
ڪم ڪجان پورو ائين پنهنجي اُڌامڻ جو قسم
ڏج وجي ورندي نه ايڏي دير هرگز لائجانءِ ...
چئج دلبر کي ته ايڏو ڪئن رسامو تو نهي

ماءُ کي هِتِ ٻار ممي ڏا چون
پيءُ کي بابا ٻجاءِ ڏيڏي چون
پيءُ خوش، سنڌي نہ پٽ کي ياد آ
ماءُ خوش، نهہ نهہ ڪري پيئي ڪلي.

ضيا جو هڪ هڪ لفظ صحيح ثابت ٿي رهيو آهي. ڏينهون ڏينهون سنڌي ٻولي وچي پيئي پوٺي پوندي. سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهندڙن جو تعداد تمام گهٽجي ويو آهي. سنڌيءَ بدران انگريزي ماڊيم اسڪولن جو انداز وڃي پيو وڌندو. سنڌي ٻولي اسڪولن، ڪاليجن مان موڪلائڻ بعد، هينئر گهرن مان بہ کسڪندي پيئي وڃي. شاعر انهيءَ ڳالهہ کي سهڻن اصطلاحن ۽ روز مره جي ٻوليءَ ۾ بخوبي واضح ڪيو آهي.

ڪو بہ انسان پنهنجي پونءِ بنا ويڳاڻو آهي. سنڌي شاعر بہ پنهنجي پوميءَ جي وڇوڙي جي درد کي ڇڏي نہ سگهيا آهن. هنن جي اکين اڳيان سنڌ جا شهر، سنڌ جا ماڻهو، سنڌ جون شيون پئي ڦريون. ورهاڱي ڪانپوءِ جو ڪيترو شعر، وطن جي ياد جا سونهري تصور ساڻ ڪري هليو آهي. ان ۾ روح جي بيچئني نمودار آهي. پرسرام ضيا 'پرديس ۾ وطن جي ياد' ۾ وطن کان ايندڙ ماڻهن کان نہ صرف دوستن جو احوال ٿو پڇي، پر ٻيون ڪيتريون ڳالهيون بہ جاڻڻ چاهي ٿو. هوُ سنڌ کي ياد ڪندي چوي ٿو :

ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ
گوپ، گوپال ۽ گهنشام ۽ گرڌر خوش ها
عُرس، موسو ۽ خميسو، علي اصغر خوش ها؟
رام، ڪرشن ۽ ڪنئيو هري شنڪر خوش ها؟
گل محمد ۽ ڏتي بخش ۽ اڪبر خوش ها؟

پرسرام ضيا عوامي شاعر هئو؛ واد ووادن کان سوين ڪوهہ پري. هن جيڪي ڏٺو ۽ پوڳيو، ان کي ايمانداريءَ سان قلمبند ڪيو. پرسرام ضيا هر رنگ جي شاعري ڪئي؛ شاعريءَ جي پن پن صنفن ۾، پن پن طرح جي روپن، رنگن ۽ واس وارا گل مهڪايا.

سڄي عمر گذري نہ رب ياد آيم
نہ مندر وسايم نہ مسجد وسايم
نہ سجده ڪيم ۽ نہ سر ڪي جهڪايم
نہ سمرڻ ڪيم يا سماڌي لڳايم
ويا ورت پلجي ۽ نہ روزا وساريم
حياتي سڄي ناستڪ ٿي گذاريم ....
جڏهن وقت ويجهو اچي ويو مرڻ جو
فنا کي چڏڻ جو، بقا ڏي وڃڻ جو
سنيهو ڏنو ڪال مونکي هلڻ جو
ڪيو مون بہ دنيا مان سعيو لڏڻ جو
فلڪ تي اُڏاميس، ڇڏي جسم فاني
ڪيم چاه مان سير ٿي آسماني ....
چيو مون خدايا، گنهگار آهيان
جي توکي وساريم خطاوار آهيان
مان بيشڪ خطا لئہ سزاوار آهيان
جي دوزخ ڏيو آءٌ حقدار آهيان
مگر تنهنجي بندن سان رکيم محبت
عبادت جي بدران رکيم ٿي صداقت.
فرشتن ڏي مولا ڪيو حڪم جاري
”تہ هن جي وڃي سوُئي جنت سواري
جو هن عمر نيڪين ۾ آهي گذاري
۽ مونکان بہ سمجهيائين مخلوق پياري.“
هئس هڪڙو عاسي اگهامي ويس مان
’ضيا‘ نيٺ جنت جي قابل ٿيس مان.

گوتم ٻڌ چيو، ”سنسار دک ئي دک آهي“. نانڪ بہ آکيو - ”نانڪ دکيا سڀ سنسار“. شيڪسپيئر دنيا کي هڪ ناٽڪ گهر سڏيو. گيانين سنسار کي مايا جي رچنا يعني مٿيا ڪري ميڃيو. پر ضيا جي ميڃنا آهي تہ دنيا هڪ وندر جو آستان آهي، جتي انسان سيلاني بڻجي ڪري اچي ٿو. سيلاني معنيٰ ڪناري تي بيهي

رات ڏينهن عاشق 'ضيا' تو لاءِ ٿو رئندو رهي
منهنجي طرفان يار کي ور ور ڪري ورجائجانءِ.

سرمائداري نظام

ذري ذري مان نظر آيون پئي لاچاريون
آه زاريون ٿي ڏٺم، آزاد ۽ دشواريون
هيءَ اُها بستي جتي انسان اهڙا ٿا وسن،
انگ تي اڳڙيءَ جي لئہ، مانيءَ جي لئہ ماندا رهن
فاقي کان مجبور ٿي ٿا ڏوه جا قائل بڻن
ذرم جا دشمن ٿين، ايمان کان باغي ٿين.

پرسرام ضيا تي ڪال مارڪس جو اثر نمايان ٿي بينو آدي. هن سرمائدارن کي غريبيءَ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ٿي سمجهيو :

خود غرض منهنجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ٿا وجهن
اٹ سهوُ منهنجي سجاڳي ۽ نہ بيداري سهن
علم وارا منهنجي بي علميءَ تي راضي ٿا رهن
هاءِ سڀ منهنجي حماقت جو تماشو ٿا ڏسن.
ڇا چوان ڪنهن کي چوان، ڪوئي ہڌڻ وارو نہ آهہ
منهن جي غم ۾ مونسان ڪو شامل ٿيڻ وارو نہ آهہ.

هوُ هڪ هنڌ چوي ٿو :

علم جي روشن ڏئي جي روشني ڦهلائبي
زندگيءَ جي راه هر انسان جي چمڪائبي
آهہ مشڪل ڳالهہ جا سيڪاربي، سمجهائبي
حق ڏبو هڪ جهڙو سڀ کي ڪس نہ ڪنهن کي لائبي
دل اها ڏي ٿي گواهي، ايندو اهڙو انقلاب
جيڪو اڄ پنتي پيل آهي سو ٿيندو ڪامياب.

پرسرام ضيا جي شاعري ۾ ترقي پسند عناصر بہ ملن ٿا.

خلق جي خدمت

خلق ۾ ئي خالق وسي ٿو. خلق جي خدمت ئي صحيح معنيٰ ۾ خدا جي بندگي آهي :

هڪ ڏينهن گفتگوءَ جي دوران چيائين، ”لڇاڻي، سچ پچ ناليءَ جو وڏو اثر ٿئي ٿو. جيستائين مان ’رنجور‘ سڏائيندو هوس، سور پٺ ئي نہ ڇڏيندا هئا. رنج ۽ مصيبت ڄڻ منهنجا ساٿي هئا. هر طرف کان نااُميدي ئي ملندي هئي. پريس مان ڪم لاهي (ڪمپازيٽريءَ جو ڪم) سڌو پنهنجي اُستاد شيخ مراد علي ڪاظم وٽ ويندو هوس. روز منهنجي چهري تي مايوسي ۽ ملولائي ڏسي خفا ٿيندو هو. هڪ ڏينهن بيزاريءَ مان چوڻ لڳو، ”مونکي تنهنجو ملول مهانڊو نٿو وڻي. مان چاهيان ٿو تہ دنيا ۾ تنهنجو نالو نکري.“ ۽ پوءِ اُستاد مون لاءِ ’ضيا‘ تخلص انتخاب ڪيو. لڇاڻي، ’ضيا‘ جي تخلص پوڻ سان سچ پچ منهنجي حالتن ۾ تبديل اچڻ لڳي. هز ماسٽرس وائس وارن وٽان سنڌي رڪارڊن لاءِ گانا لکڻ جو ڪم مليو.“

پرسرام ضيا جي چندر سان ويجهائپ بہ اتي ئي ٿئي ٿي. ضيا جي گيتن کي چندر سُرَ ڏنا ۽ ٻنهي جي جوڙي امر ٿي ويئي. ڀڳت ڪنوررام کان پوءِ، ماسٽر چندر ئي عوام ۾ گهٽي ۾ گهٽو مقبول بڻيو. ضيا جا گيت ۽ چندر جا ٻول ڳوٺ ڳوٺ ڦهلجي ويا:

اسان جي عشق ۾ سهڻا
اوهين مشهور ٿيا آهيو
جڏهن نڪتو، اٿو نالو
تڏهن مغرور ٿيا آهيو ....
اوهان جي حسن جا
هوڪا ڏناسون جا بجا
زماني جي نگاهن ۾
تڏهن منظور ٿيا آهيو.

ڪر نہ ديدار کان انڪار
مري ويندا سين.
ذڪ جدائيءَ جو نہ ذيڪار
مري ويندا سين.

ديدار ڪندڙ، پر وهڪري ۾ وهي نہ ويندڙ. سيلاني معنيٰ گيتا واري اناسڪتي ڀاوَ جي زنده تصوير ....

تون سيلاني، مان سيلاني
اڱم ديس ڪان آيون آهيون، سير ڪرڻ سبحاني
آهي اسان جو ڏسڻ پسڻ ڪم
ڪين جڳائي هِنَ هُن جو ڪم
سيلانيءَ جو سير سان مطلب، وسنئن هجي يا ويراني.
قدم قدم تي ڪاڪ محل آهہ
مومل مايا جو چل ول آهہ
راڻي وانگر رمز سان هلندو، جڳ ۾ ورلو ڪو گياني ....
پنهنجي آدي ذات سڃاڻج
ڀاڻ ۾ پيهي ڀاڻ ڪي ڄاڻج
مڙني ڪان پد تنهنجو اوچو، لال ضيا تون لاثاني.

مان جڏهن پرسرام ضيا تي لکڻ ويٺو آهيان، تہ ذهن ۾ ضيا جو ڄاتل سڃاتل ڪردار اُڀري اچي ٿو. قد جو ڊگهو، شڪل جو سانورو، چوغي پتلون ۽ صدريءَ جي سادي لباس ۾ ملبوس. ڪيترا منظر اُڀري اچن ٿا. اُلهاسنگر جي سنڌي ساهت سڀا جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ منهنجي ضيا سان واقفيت ٿي چڪي هئي، پر جڏهن هُو سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ ماستر ٿي آيو تہ اها واقفيت گهرائپ ۾ بدلجي ويئي؛ جيتوڻيڪ اسان ٻنهي جي عمر ۾ ڪافي تفاوت هو. هُو هفتي جا ٻہ ڏينهن ڪيماڙي هاءِ اسڪول ۾ ٻارن کي نظم پڙهائڻ ايندو هئو؛ جتي مان بہ ماستر هوس. اُنهن ڏينهن ۾ منهنجو گهر ڪيماڙي اسڪول جي ڀرسان ئي هو؛ تنهن ڪري اڪثر اُهي ٻہ ڏينهن ضيا جي منجهند جي ماني، منهنجي گهر ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن طلب ڪرڻ تي، مان ڪيس پنهنجي پيءُ ڪان سوم رس بہ وٺي پيئاريندو هوس. اسان جو گڏيل ڪٽنب هو. منهنجا ننڍڙا ڀائٽيا بہ هن کي سڃاڻي ويا هئا. هُو اسان کي جيئن ئي پريان ايندو ڏسندا هئا تہ زور زور سان چوڻ شروع ڪندا هئا : دال، چولا، ڊبل ....

دال چولا ڊبل، تون کائي وٽ دل
او ڪاڪا، او چاچا، او ڪاڪا هيڏي آءُ
تون دال وٺي کاءُ، آهن مرچ مصالح دل ....

منهنجو جانِ جگر، منهنجو جانِ جگر
ويو جدائي ڪَري، هاءِ پنهنجن کان ٿيو پري ...

هڪ ٻه ٽي چار، هڪ ٻه ٽي چار پنجون نمبر ڪئمپ
ڪڏون ڪها واٽ ٽي بتي نڪا لئمپ.

ڪانگا ڏجانءِ پرينءَ کي پيغام ويندي ويندي
ڪاڄ ياد جي ڪيا هٿا انجام ويندي ويندي ...

جيسين جان ۾ باقي دم رهندو
دل ۾ وڇوڙي جو غم رهندو .....

مان کيماڻي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس، جو پرسرام ضيا ماستر ٿي آيو. مان اڳتي هلي اُنهيءَ اسڪول ۾ ماستر بڻيس. پرسرام ضيا، اسان کي نظم پڙهائيندو هئو. هڪ ڏينهن هن مونکي پاڻ وٽ گهرائي چيو، ”لڇاڻي، ننڍڙن ٻارڙن لاءِ مون شعرن جو خاص ڳٽڪو تيار ڪيو آهي، جيڪو مونکي ڇاپيتيءَ لاءِ موڪلڻو آهي. مونکي دستخط جون ٽي ڪاپيون موڪلڻيون آهن. هڪ ڪاپي تون تيار ڪري ڏي.“ مون انهيءَ ڳٽڪي جي سٽن اکرن ۾ آهستہ آهستہ هڪ ڪاپي تيار ڪري ضيا کي ڏني. ان دستخط تي ضيا کي پارت سرڪار طرفان پنج سو رپيا انعام عطا ٿيو، جا ”باغ بهار“ جي عنوان تحت هندستان ڪتاب گهر وارن شايع ڪئي. هن ڪتاب جي ٻاراڻين ڪوتائن لاءِ اسڪيچ منهنجي عزيز دوست ٿهل رِڪياڻيءَ ڪيا هئا؛ جو بہ مون سان گڏ ماستر هو ۽ ٻارن کي ڊرائنگ سيکاريندو هو. هن جو موت بہ شيليءَ وانگر ٻيڙيءَ

سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون
اهي تير نہ پل پل هڻ تون، اِهي تير ....
ڪرين ڪوشش جو تو گهائڻ جي
جڳي ناهي ريت سٽائڻ جي
جو مئلن کي تو مارين
وري قياس نہ دل ۾ ڌارين
جو تو هر هر ايڏو رڙارين
جيڪا ڳالهہ هجي سا سل تون
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ....

دل هن جي منهنجي هڪ آ
ڏاڍي اسان ٻنهي کي سڪ آ. ڏاڍي ...
مان هن کي وٺان، هوُ مونکي وٺي
اهڙو ناتو سڀ سان شال ٻٽي
مون تہ پيتو پريم جو پيالو
جنهن ڪيو مونکي متوالو
آهي عشق جو رنگ نرالو
مون تہ پيتي پريم جي پڪ آ. ڏاڍي ....

اهڙا ڪيترائي گيت، ماڻهن جي زبان تي هئا. اڄ بہ مهيش چندر انهن گانن کي دُهرائي، ماڻهن کي منتر مگڌ بڻائي ڇڏيندو آهي. ضيا عوامي شاعر هئڻ سان گڏ هڪ صوفي بہ هئو، رِند بہ هئو.

پرسرام ضيا فلمن لاءِ بہ گيت لکيا، جن مان ڪي ماستر چندر ۽ ڪجهہ ٻين ڳايا. ضيا جا ''اباڻا''، ''راءِ ڏياچ'' ۽ ''انصاف ڪٿي آ'' لاءِ لکيل گيت عوام ۾ بيحد مقبول بڻيا. سندس ڪي گيت نہ گهر گهر ۾ وڄڻ لڳا. سندس ڪجهہ مشهور گيت آهن :

سرڪاري اِدارن طرفان مانَ سنمان ڏيڻ لڳا آهن، انعام اڪرام ملڻ لڳا آهن.

مان اڳ ڪٿي لکي چڪو آهيان تہ پرسرام ضيا عوامي شاعر هئڻ سان گڏ، هڪ صوفي ۽ رِندُ بہ هئو، ويتر سائين روچلداس جو سنگ نصيب ٿيس تہ روحاني شاعريءَ ڏانهن مائل ٿي ويو. سائين روچلداس کان نام وٺي، ان جي رنگ ۾ رڱجي ويو. مرڻ پڇاڙان، ضيا جو اگني سنسڪار بہ انهيءَ شمشان ڀومِيءَ ۾ ڪيو ويو، جتي سائين روچلداس جو ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح هوُ بہ وڃي پنهنجي مرشد سان مليو. مرشد روچلداس جي رنگ ۾ رڱجي ’جپ صاحب‘ ’سکمني‘ ۽ ’نائين مهلي جا سلوڪ‘ جهڙن ڏرمي ڪتابن جو سليس، سپڪ ۽ رسيلي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. انهن ڏرمي ڪتابن بہ ضيا کي عوام سان جوڙي ڇڏيو. ڀڳونتي ناواڻيءَ جي مڌر آواز ۾ جڏهن سکمنيءَ جون اشٽپديون ٻڌجن ٿيون، تنهن وقت اسان جو من روحاني رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو. پرسرام ضيا، ڀڳوت گيتا جو بہ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ ضيا سان گڏ ليکراج عزيز جو نالو بہ درج ٿيل آهي. هري دلگير ڪٿي لکيو آهي تہ ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري، گيتا جي انوادڪن ۾ ضيا جي نالي سان ليکراج عزيز جو نالو بہ ڳنڍيو ويو آهي. اها حقيقت آهي تہ ضيا جي نالي سان ليکراج عزيز جو نالو بہ ڳنڊيل آهي. پر ڳالهہ ڪجهہ هن طرح آهي. ڀڳوت گيتا جو ترجمو ڪنهن اردو ڪتاب تان ٿيل آهي. ترجمي کان پوءِ، پرسرام ضيا اهو ترجمو ليکراج عزيز جي حوالي ڪندي کيس چيو هو تہ سائين، دستخط توهان جي حوالي آهي. توهان ان کي سڌاري، ضروري درستيون ڪري، پنهنجي ۽ منهنجي نالي تحت، ان کي اِشاعت ۾ آڻيو". ان ڳالهہ کي ڪجهہ عرصو ٿي ويو. ان وچ ۾ ڪنهن ضيا کي چيو تہ ڀڳوت گيتا شايع ٿي ويئي آهي؛ جنهن ۾ صرف ليکراج عزيز جو نالو ڏنل آهي. پرسرام ضيا اهو ٻڌي سهمجي ويو هو.

آرتوار جو ڏينهن.

پرسرام ضيا اوچتو منهنجي گهر اچي پهتو. چيائين،

جي ٻُڏي وڃڻ سبب ٿيو هو، جڏهن هوُ پنهنجي دوستن سان گڏ سانوڻيءَ جي موجن جو لطف وٺڻ لاءِ جهو تي ويو هو. ٻُڏي مرڻ وقت شيليءَ جي عمر ٽيهه سال هئي پر مان سمجهان ٿو ته ٽيهن سالن جو به ڪين هو. ”باغ بهار“ جو هڪ گيت دال، چولا، ڊبل بيحد لوڪپريه بڻيو، جو اڳتي هلي اباڻا فلم ۾ فلمايو ويو. ”باغ بهار“ سان هوُ ٻارن جو شاعر بڻيو ۽ ٻارن به کيس پنهنجو شاعر قبول ڪيو.

هڪ ڏينهن استاف روم ۾ ويٺا هئاسين. پرسرام ضيا بيحد مايوس ۽ اُداس پئي لڳو. مون ضيا ڏانهن نهاري چيو هو، ”چو سائين، اڄ ڪاوڙ آهي ڇا؟ اڄ ڪو پنهنجو نئون ڪلام نٿا ٻڌايو ...“ ضيا، صدريءَ جي کيسي ۾ هٿ وڌو. پن جي ٻيڙين جو منڊل ٻاهر ڪڍيائين. هڪ ٻيڙي دکائي، سوٽو هڻندي چيائين، ”لڇاڻي، ڪالهه ميٽنگ هئي، ڪاميٽيءَ منهنجو ڪتاب ڪورس لاءِ منظور نه ڪيو. (ڪجهه وقت خاموشي) پوءِ سندس زبان مان هيٺيون ڪلام نڪتو:

جيئري ڪري نه قدر، ڪوئي شعر جو ڪٿي
مرندس ڪندا پوءِ پاڻهي، منهنجي سخن کي ياد.

سنڌي ساهت سڀا طرفان، جنهن جو پرسرام ضيا پريزيڊنٽ هئو، شاعر ڪشنچند بيوس جي ورسي ملهائڻ جو پروگرام منعقد ڪيو. هاڻي سوال اٿيو ته جلسي جي صِدارت ڪير ڪري. اُلهاسنگر جي گهڻن اديبن جي مرضي هئي ته پرسرام ضيا جي زير صدارت ورسي ملهائي وڃي. پر ڇاڪاڻ جو خرچ پڪو بيوس جي شردالن وٽان ملڻو هو، تنهن ڪري اِهو ويچار بيٺو ته صدارت پروفيسر لعلسنگهه اجواڻي يا رام پنجواڻي ڪندو. پر اجواڻي بمبئيءَ ۾ ڪين هو ۽ رام پنجواڻي بيمار هو. صدارت پرسرام ضيا ئي ڪئي هئي. صدارتي تقرير ۾ هن جيڪي لفظ چيا، سي اڄ به منهنجي ڪنن ۾ ٻُرن پيا، ”اديبن جو قدر موت کانپوءِ ٿو ٿئي، جي جيئري اُنهن جو قدر ٿئي ته ڪيترو نه سنو ...“ پرسرام ضيا جا لفظ ساڀيا ٿيڻ لڳا آهن. اڄ جيئري ئي قلمڪارن جو سرڪاري خواهه نيم

رات جي وڳڙي، پنهنجي گهر ۾ آيل ڏسي، منجهي پيو.

پرسرام ضيا، ساڻس دل جي سور جي ڳالهه ڪئي. ڊاڪٽر هن کي انجيڪشن هڻي ئي هٽي، پرسرام ضيا ڍرڪي پيو ۽ سندس پراڻ پکيئڙو اَگم ديش ڏانهن روانو ٿي ويو. ساهتيڪ جڳت ۾ دک جي لهر ڦهلجي ويئي. سڳن آهوجا لکيو :

منهنجو غم، قوم جو غم، اڄ هئي ساڳيا آهن.
غم جي احساس ۾ اڄ، فخر سمايو آهي،
روءُ، اڄ روءُ! 'ضيا' جي نه هجڻ تي اڄ، روءُ!
دل! سيان سوچبو ڪنهن ڇا ڇا وڃايو آهي!

ايم ڪمل چيو :

رو، 'ڪمل' رو! تون پي دل کولي رو هن محفل ۾
جو اسان کان رسي اڄ، يار وڃڻ وارو ويو!

ارجن حاسد پرسرام ضيا کي شرڌانجلي ڏيندي لکيو :

سوا لڙڪن ۽ مرڪن جي مون "حاسد" وٽ رکيو ڇاهي،
سگهان مرڪي نه ٿو سائين، ڌريان ٿو لڙڪ نذرانو!

سچ آهي :

وسارڻ سان به وسرن ڪين پنهنجي يار جون ڳالهيون،
سدائين ياد سي رهنديون، محبت پيار جون ڳالهيون.

■

''لچاڻي، تون مون سان گڏ عزيز وٽ هل. (مان انهن ڏينهن ۾ عزيز وٽ اڪثر ويندو رهندو هوس) منهنجي ڀڳوت گيتا ڇپجي شايع ٿي آهي؛ پر ان تي منهنجو نالو ڏنل ڪونهي. توکي ته سچي خبر آهي. ڪتاب جو مهاڳ مون تنهنجي سامهون سنت ليلا شاه کان لکايو هو....''

مونکي وشواس نه آيو.

ليکراج عزيز ائين نٿو ڪري سگهي.

ليکراج عزيز جو گهر. شيام نواس.

ضيا چوي ته مان ساڻس اها ڳالهه چوريان.

پر مونکي ايتري همت ڪٿان ايندي!

ليکراج عزيز ڳالهه سمجهي ويو.

هو اندر وڃي ڪتاب جي 'ڊمي' کڻي آيو.

پرسرام ضيا ڪتاب ڏٺو.

ڇهري تي سرهائي مڙي آيس.

انوادڪن ۾ ليکراج عزيز سان گڏ، پرسرام ضيا جو نالو به ڏنل هو.

28 آڪٽوبر 1958ع.

پرسرام ضيا ڪنهن ميٽنگ تان موٽيو هئو.

ماني کائي، هو ماسٽر چندر سان ملڻ لاءِ گهران نڪتو.

ماسٽر چندر ٻاهران آيل هو.

هونئن ته هو روز پيا گڏبا هئا.

رات جا اٺ ڪل ڏهه ڪن ٿيا هئا.

پرسرام ضيا کي رستي ۾ ڇاتيءَ جي سور جي تڪليف اچي ٿي.

هاڻي هو ڇا ڪري!

هو ماسٽر چندر وٽ نه وڃي، ڊاڪٽر ڪشنچند تلريجا جي گهر لنگهي ويو.

ڊاڪٽر تلريجا، پرسرام ضيا کي سڃاڻندو هو، پر هن کي

پوپٽي هيراننداڻي



جنم : 17 سيپٽمبر 1924ع
حيدرآباد (سنڌ)

مرتيو : 17 ڊسمبر 2005ع
ممبئي

فخرِ هندُ - سِندُ

سنڌي ادب جي تخليقي دنيا ۾ گهٽين ئي اديبائن پاڻ موکيو آهي، پر پوپٽي هيراننداڻيءَ جو نالو، انهن سڀني ۾ اڳرو آهي. پوپٽي سنڌي ادب جي هڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن کي هند خواهه سنڌ ۾ اڻ کٽ پيار ۽ عزت نصيب ٿي آهي؛ جنهن جي فن ۽ فڪر ٻنهي ملڪن کي موهيو آهي. پوپٽي اڄ به سنڌيءَ ۾ بيحد مقبول، برجستي تخليقڪار ۽ انسان دوست فنڪار طور ادبي دنيا ۾ حيات آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪو ورلي اهڙو پڙهيل ڳڙهيل شخص هوندو، جيڪو پوپٽيءَ جي نالي کان اڻواقف هجي يا سندس ڪتاب نه پڙهيا هجائين. هينئر ته پوپٽيءَ جون رچنائون سنڌيءَ جو سرحدون لتاڙي، ڪيترين ئي ٻارتيه ۽ وديشي ڀاشائن ۾ اچي ويون آهن. سنڌ ۾ به سندس رچنائون لوڪ پسند بڻجي، خاص ادبي مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. پوپٽي، سنڌي ادب جي هڪ اهڙي تخليقڪار آهي، جنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ ڪلچر جي خدمت ڪري، ماءُ جي ٿڃ سجائي ڪئي آهي. هوءَ پنهنجي سموري حياتيءَ ۾، حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾، سموري تخليقي عالم ۾ آزاد، خوددار ۽ بي باڪ رهي. جو هُنَ جي من ۾، سوئي هُن جي زبان تي رهيو. سنڌي ٻولي هن کي جان کان عزيز هئي. سندس حياتيءَ جي تمام مشغولين جو مرڪز ’سنڌيت‘ ئي رهي.

پڙهندڙن کي خماريندو رهيو آهي. سندس رچنائون صاف، چٽيون هئڻ ڪري، عوام جي پسندگي حاصل ڪري چڪيون آهن. زبان جي سينگار، اجايو ناه-نوه يا لفظي ڪلابازين ذريعي، پنهنجو بي جاءِ لفظي جوهر جتائي، هن ڪڏهن به واه واه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي. کيس اهڙا ڪارناما پسند نه هئا.

پوپٽيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪافي مالا مال ڪيو آهي. هن ڪهاڻيون لکڻ ترقي پسند دور کان شروع ڪيون؛ پر هن تي ڪنهن به ويچارڌارا جو اثر ڪونهي. جيڪڏهن ڪا ويچارڌارا هن جي ڪهاڻين ۾ آئي به آهي، ته به هن پرچار جي پاڻ کان پرهيز ڪئي آهي. هڪ سچو ڪلاڪار، ڪنهن پارٽي يا ڪنهن شخص جو حڪم نٿو مڃي، ۽ نه ڪلا جو مقصد ڪنهن کي حڪم ڏيڻ يا پرچار ڪرڻ آهي. فنڪار مٿان صرف هڪ ئي جوابداري آهي، هڪ ئي بنڌن آهي ته هُو پنهنجي آزمودن ۽ پنهنجي ڪلا جي اظهار لاءِ ايماندار رهي. پوپٽي پنهنجي احساسات ۽ خيالات جي اظهار لاءِ سدا ايماندار رهي. هن سماج جي هر طبقي لاءِ لکيو آهي. سماج سان اٿاه وابستگي ۽ فطرت جي ترجماني هن لاءِ سدا اهم رهي. هن جون ڪهاڻيون زندگيءَ جي گوناگونيت ڪٿي هلن ٿيون. پوپٽيءَ کي ڪهاڻين جا پلاٽ ڳولهڻ لاءِ ڪڏهن پري وڃڻو نه پيو. رستي تي هلندي هلندي ڪهاڻين جا موضوع ۽ پلاٽ سدا هن سان گڏ رهيا. پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيل آهن.

1. رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون
هندستان ڪتاب گهر ،بمبئي. سن 1953ع
2. پڪار
رمجهم ساهتيه مالها، بمبئي. سن 1953ع
3. ڪلي گلاب جي ساگر شراب جو
ساهت ڌارا پبليڪيشنس، بمبئي. سن 1967ع

1. پوپٽي هيرانندڻي : منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق.
لوڪ سر پبليڪيشن، بمبئي. سن 1992ع. ص. 11

پوپٽيءَ جو جنم هڪ عامل خاندان ۾ 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ رامچند هيرانندڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هو، جيڪو هينئر پاڪستان جو حصو آهي. هن سن1939ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ساڌو واسواڻيءَ جي ميران ڪاليج مان انٽر پاس ڪري ماستري شروع ڪئي. 1943ع ۾ بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان گريجيوشن ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڪجهه وقت اسڪول ۾ ماستري ڪري ڪي.سي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار ٿي ۽ اُتان ئي رٽائر ڪيو. هن جي عمر، هندستان جي ورهاڱي وقت لڳ ڀڳ ٽيويه-چوويه سال هئي. ٻين سنڌين وانگر، پوپٽيءَ کي به ڀارت جي ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏڻي پيئي. هن ممبئي اچي وسائي. صاف گوئي، پوپٽيءَ جي سڀاءَ جو انگ هئي. بي انصافيءَ سان ٽَڪرُ کائڻ به هن جي فطرت ۾ هو. هوءَ ڪڏهن به پنهنجي اُصولن ۽ آدرشن کان هيٺ نه لٿي. پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ساهتيه سرجن جو سفر، اڌ صديءَ کان به وڌيرو رهيو. ساهتيه-سرجن سان گڏ، پوپٽي ٻولي ۽ تهذيب سان وابسته هر هلچل ۾ سرگرم ڀرو ورتو. ساهتيه جي جدا جدا صنفن تي، هن اسان کي چاليهارو کن ڪتاب ڏنا آهن. پوپٽي هيرانندڻيءَ ادب جي لڳ ڀڳ هر صنف تي لکيو آهي؛ جيئن ته ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، ڪوتا، مضمون، کوجناتمڪ ليک، ڀاشا شاستر ۽ آتم-جيوني وغيره.

بقول پوپٽي هيرانندڻي :

"منهنجي زندگي ڪڏهن کان پنن ۾ ويڙهجي وئي آهي، ياد نه اٿم. فائيل اندر پنا. فائيل کان ٻاهر پنا. ڪٻٽ اندر پنا. ڪٻٽ جي مٿان پنا. ميز تي پنا ۽ پرس ۾ پنا. ساڙهين جي وچ ۾ پنا ۽ بلائوزن جي پرسان پنا. اهي پنا مونکي گهيري وينا آهن ۽ مان هميشه پنن جي ئي صحبت ۾ ويٺي آهيان. (1)

هوءَ گهڻ ڪُنڊي ۽ ٻهو آيامي ليکڪا آهي. هن جي ادبي ذوق جو ساگر، هميشه نِت نين رنگن سان، الڳ الڳ نموني،

اهڙو گهر تنهنجو ڪيئن ٿيو؟ ڪلهه تنهنجو هو
ته اڄ اهو سونوءَ جي پپا جو آهي ....

پوپٽيءَ جي ڪهاڻي ’اَمان! تون نه وڃ‘ جو پٽ ننڍي هوندي ماءُ کي وڃڻ کان روڪي ٿو پر اهو ساڳيو ئي پٽ شاديءَ کانپوءِ ماءُ ڏانهن لاپرواهه ٿو رهي. ماءُ سنان ڪندي ڍڪو ڪاڍو ته پٽ نانيءَ کي لکيو ته اچي جيڪر وٺي وڃوس ته سٺو!

پوپٽيءَ پنهنجي چوڏاري جيڪي ڪجهه ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، سو جيئن جو تيئن پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. پوپٽيءَ جي ڪهاڻي ’ڪروا چوٿ‘ ۾ زالن سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو سچيوُ چِٽُ آهي. استريون نوڪري ڪري ڪمائي به ڏين ته گهر به سنڀالين. استرين کي شاديءَ کان موت تائين سَهڻو پوي ٿو.

استري : هندستان ۾ مزورن سان بي انصافي ٿئي ته اُهي هڙتال ڪري سگهن ٿا. نوڪرن سان انياءُ ٿئي ته اُهي ڏمڪائي نوڪري ڇڏي وڃي سگهن ٿا. آفريڪا ۾ ڪارا اڇن جي خلاف آواز اُٿارين ته سڄي دنيا اُنهن سان ساٿ ڏيئي بيهندي. پر هندستان ۾ ڇوڪرين ۽ زالن سان ڦهر ٿيندو ته ڪير ڪڇندو به ڪين! ڪڇي نه مُسي!

گُلاب : انصاف؟ اڙي، اها ڏونَس وڃي پيءُ کي ڏي.

استري : هر گهڙيءَ پيءُ پيءُ ڇئي منهنجي بي عزتي نه ڪريو.

گلاب : چوندس، هزار بار چوندس. مان پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ آهيان. تنهنجي پيءُ جي گهر ۾ نه آهيان.

استري : جيڪڏهن اوهين پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ويهي حاڪم بڻجي ويا آهيو ته مونکي به پنهنجو پيءُ آهي .... مان اوهان حاڪم جي غلام بڻجي رهڻ نه ٿي چاهيان ....

پوپٽيءَ جيان، سندس خلقيل ڪردار به بي انصافيءَ اڳيان سِرُ نٿا جهڪاين. پوپٽي هيراننداڻي چواڻي :

”استري شڪتي آهي، شڪتيءَ جو پرتيڪ آهي، شڪتيءَ جو روپ آهي. ڀارت جي پراچين رشين منين

4. مون تو کي پيار ڪيو
ليکڪا پاڻ. سن 1975ع
5. خزان جو دور پورو ٿيو
سنڌي ڪلا ۽ ادبي سڀا، گانڌيڌام. سن 1976ع
6. شهناز
جيوتي ڪلا مندر، بمبئي. سن 1983ع
7. زندگي نہ ڪوتا نہ ڪهاڻي
سنڌي ادب اڪادمي، پاڪستان. سن1984ع
8. هِتِ توهين هِتِ اَسين
نذرانو پبليڪيشن، احمدآباد. سن 1988ع
9. زندگيءَ جي ڦوٽڙي
هيرو ماکيجاڻي، بمبئي. سن 1993ع

پوپٽيءَ جون گهڻيون ڪهاڻيون استري-پرش جي تعلقاتن کي ڪٽي هلن ٿيون. استري-پرش جي تعلقاتن کي پوپٽيءَ هر پهلوءَ کان، هر ڪنڊ کان، ٻي باکيءَ سان اظهاريو آهي. هن جون اڻ-وسرندڙ ڪهاڻيون آهن : ڪانتا، داغ، ترڪٽي، ناني، زندگي نہ ڪوتا نہ ڪهاڻي، امان!، تون نہ وڃ، هِتِ توهين، هِتِ اسين وغيره.

'امان! تون نہ وڃ' ڪرندڙ ملهن جي ڪهاڻي آهي :

لڇمڻداس : پٽ! ڇا ٿي ڏسين؟ امان ڇوڙ وارو سونو هاٿي وڏو ٿي ويو آهي. هن کي هاٿي تنهنجي گهرج ڪانهي.

جيوتي : شادي ڪري جڏهن هن گهر ۾ آئي هئس، تڏهن مونکي ڇيو ويو هو تہ هيءُ گهر تنهنجو ئي آهي. پر اڄ .... پنڇي ستن سالن ۾ ئي ڏهاڳ ڏيئي ويو. اڄ پٽ بہ پنهنجو نہ رهيو ... نہ رهيو ...

لڇمڻداس : پٽ، اڄ ڪلهہ جي دنيا ۾ ائين ئي ٿي رهيو آهي. اڄ ڪوئي بہ پٽ گهر جي ٻنيي وٽ ويهي ماءُ کي ائين نٿو چئي، امان! تون نہ وڃ! پوءِ ڀلا

جو ڇِٽُ صاف سڌي نموني، بنا وڙوڪڙ جي، احساسات جي صداقت سان ڇنيل هئڻ سبب پڙهندڙن کي سولائيءَ سان پاڻ طرف ڇڪيو. پنهنجي لکڻيءَ جي انهيءَ مخصوص لهجي سبب، پوپٽيءَ سنڌيءَ جي هڪ آبرودار اديب بڻجي ويئي.

پوپٽيءَ جا ناول به سنڌس ڪهاڻين جيان مختلف سماجي مسئلن ۽ معملن کي ڪٽي هليا آهن. سڌي سنواڻي، سليس ۽ محاوريدار ٻوليءَ ۾ لکيل هئڻ سبب، پوپٽيءَ جا ناول به عوام ۾ مقبول بڻيا. سندس شايع ٿيل ناول آهن :

1. منجو. پبلشر ليکڪا پاڻ. سن 1950ع
2. حسرتن جي تربت
پارت جيون پبليڪيشن، بمبئي. سن 1961
3. جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تات
پره ڦتي پبليڪيشن، بمبئي. سن1966ع
4. سيلاب زندگيءَ جو
اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا، سنڌي سڀا، ممبئي. سن 1980ع

”منجو“ استري-پرش ۽ ٻي استري جي سنٻندن سان وابسته سماجي ناول آهي. ”حسرتن جي تربت“ هڪ سماجي ناول آهي ۽ عورتن تي ٿيندڙ ظلم ۽ نا برابريءَ جي پاڙَ کي اجاڳر ڪري ٿو. ڏيئر ڇڏيندڙ عورت کي ڪٽنب ۾ ڀوڳڻو پوي ٿو، طعنن جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو. ”جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تات“ ناول ۾ سرتا ۽ اوناش جي پريم ڪهاڻي آهي. نائڪا جي ڪردارنگاري پُرڪشش آهي. پوپٽيءَ جو ”سيلاب زندگيءَ جو“ ناول ادبي دنيا ۾ وڏيڪ مقبول بڻيو. ناول جي مکيه ڪردار، گنگا جي واتان ناول جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي. ناول ۾ عورت جو عڪس سوچائي ٿو. عورت نئڙت رکندي به مرد جي ڏاڍاين کي برداشت نٿي ڪري.

پوپٽي هيرانندائيءَ گوناگون وشين تي مضمون لکي، مضمون جي ڏس ۾، پنهنجو هڪ خاص مقام جوڙي ورتو آهي. پوپٽيءَ ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، ڪوتا ۽ ڪن ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي، پر مضمون نويسيءَ ۾ هوءَ پنهنجو مٽ پاڻ

استريءَ جي شڪتين کي سمجهاتو هو ۽ ان جو پورو پورو قدر به ڪيو هو. هنن استريءَ کي ڪڏهن به پرش کان گهٽ درجو نه ڏنو آهي.“

پوپٽيءَ جي ’ناني‘ ڪهاڻي، ڪردارنگاريءَ جو عمدو مثال آهي. هن ۾ ملڪ جي ورهاڱي ۽ ان مان پيدا ٿيل درد جي تصوير آهي. مذهب جي آڌار تي مٽيءَ کي مٽيءَ کان ڌار ڪيو ويو. گنگا کي سنڌوءَ کان الڳ ڪيو ويو. پنهنجي جنم ڀوميءَ کان وڇڙڻ ڪا خسيس گهٽنا ڪانهي. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي مٽيان ۽ سنڌ ۾ سنڌي حياتيءَ جو چٽ پر اثر نمونو چٽيل آهي. سنڌ ڇڏڻ جو ٻڌي نانيءَ جو سَتُ ئي نڪري ٿو وڃي. هوءَ بيهي به نٿي سگهي ۽ پَٽَ تي ويهي ٿي رهي.

پوپٽيءَ جي ’ڪانتا‘ ڪهاڻي به هڪ ڪردارنگاريءَ واري يادگار ڪهاڻي آهي. ڪانتا مرد جي هٿان دوکو کائي ڪنواري ماءُ بڻجي ٿي. ڪانتا نوڪري ڪري ڌيءَ کي پالي ٿي. ڪانتا جي ملاقات آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ جي دوران ’مان‘ ڪردار سان ٿئي ٿي. هوُ ڪيس اپنائڻ لاءِ تيار اهي پر هار کان سواءِ. ڪانتا انڪار ڪندي چوي ٿي، ”سشيءَ جي ماءُ جيئري آهي. هوءَ اناٿ آشرم ۾ نه رهندي.“

’ڪانتا‘ ڪردار پوپٽيءَ جو نه وسرندڙ ڪردار آهي. پوپٽيءَ جي هيءَ ڪهاڻي دوردرشن تان ٽيليڪاسٽ ٿي، ٻين ڪيترين ٻولين ۾ اچي چڪي آهي.

پوپٽيءَ جي ’ترڪٽي‘ ٻال منووگيان تي منحصر ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻالڪا جا ماءُ پيءُ سڄو وقت پاڻ ۾ وڙهندا رهن ٿا. ماءُ پيءُ جي جهيڙي جو ٻالڪا جي من تي برو اثر پوي ٿو. هن جون نسون ضربجي ٿيون پون. پوپٽيءَ جي ’داغ‘ ڪهاڻي ڪافي وقت بحث جو موضوع بڻي رهي. جي زال کي ٻار نٿو ڄمي ته ڏوه زال تي اچي ٿو. پوءِ ان کي ڪيترين ئي شاريرڪ ۽ مانسڪ پيڙائن ۽ تناءَ مان گذرڻو پوي ٿو. پوپٽي هيرانندانيءَ ڪهاڻين ۾ عام زندگيءَ جي گوناگون موضوعن، مونجهارن، مسئلن، سوالن

آهي، پر پوپٽيءَ اُن ميدان کي بہ پنهنجي سياويڪ نوع، ٻوليءَ جي رنگيني ۽ شيريني توڙي لفظن جي چونڊ ۽ سهٽن اصطلاحن سان سرس بڻائي ڇڏيو آهي. هن پنهنجن مضمونن ۾ خشڪ ڪان خشڪ ويچار بہ ڏاڍي نزاڪت، نفيسائي، مڌرتا ۽ سياويڪتا سان پيش پئي ڪيا آهن. پڙهندڙ جيڪو پوپٽيءَ جي عبارت مان واقف هوندو، سو هن جي نالي جي عدم موجودگيءَ ۾ بہ سندس رچنا پڙهي ڇئي ڏيندو تہ هيءَ رچنا پوپٽيءَ جي ئي ٿي سگهي ٿي.

پوپٽيءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڪنهن ڪماريءَ جي جواني ۽ جذبات جو ورنن هن ريت ڪيو آهي :

”هوءَ پنهنجي جذبات کي ڇپائڻ لاءِ هزارين بهانا بڻائيندي آهي. ڦِر ڦِر ڪري هلڻ شروع ڪندي آهي. نهہ نهہ ڪري ڪَلَڻ لڳندي آهي. پلڪَ ڇنڊيندي، پاڻ کي ويڙهيندي هلندي آهي: چمڪندڙ ڪپڙا پهري، اکين ۾ حياءُ ڌاري، پنهنجي دل تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي پر سندس سڀ حيلا اجايا ويندا آهن.“

اڳتي هلي ليکڪا ساڳئي ئي مضمون ۾ اڃا بہ وڌيڪ لکي ٿي :

”ڏيري ڏيري سندس پلڪن ۾ خماري، سندس ڳالهائڻ ۾ گيت، سندس خيال ۾ ڌن، سندس لبن تي لالائي، سندس انگن ۾ گولائي، سندس جسم ۾ نزاڪت ۽ سندس شرير ۾ دلڪشي ڇانئجي ويندي آهي. بس ٻڪيءَ کي پَرَ مليا تہ وئجڻ جو ئي نہ آهي.“

اِهو مضمون هڪ گيت جيان آهي، جنهن ۾ ليکڪا جو اندر وڌيڪ اُپري آيو آهي ۽ عبارت بہ ذري گهٽ، شاعريءَ جي سرحد کي ڇهي ٿي. هونئن بہ نفيس موضوعن يا جذباتي پهلوئن جي ذڪر وقت، هڪ قابل مضمون نگار کي زبان جي لهجي جو خيال رکڻو پوي ٿو. هن مضمون جي اها ئي خوبي آهي. ان ڪري اسان ليکڪا جي ياوَ جڳت اندر گهڙڻي، ان جي هرديہ جي ڌڙڪن

آهي. انهيءَ شاخ ۾ سنڌي ليکڪن ۾ مشڪل سان ڪو اديب، سندس لوڪپريتا سان برميچي سگهندو. هن جي درشٽي وشال آهي ۽ سندس رچنا ڪيتر بہ وسيع ۽ بهو مکي آهي. پوپٽيءَ ڪيترن ئي موضوعن کي ڇهيو آهي ۽ انهن تي علميت ۽ تفصيلن سان لکيو آهي. Every thing under the sun پهاڪي سان پوپٽيءَ خوب نڀاهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ مئسور ۾ پڙهيل، پنهنجي هڪ مقالي ۾ پوپٽيءَ لاءِ لکيو هو :

"She writes on every subject under the sun and her essays are of high standard or merit."

پوپٽيءَ مضمون لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان ٿورو اڳ ڪئي هئي. هن جو پهريون مضمون آهي 'اُتم ڪير؟ استري يا پرش؟'، جيڪو ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ''هندستان'' اخبار ۾ ڇپيو هو. اُن ۾ ليکڪا ڏيکاريو آهي تہ استري ۽ پرش هيئي هڪ ٻئي لاءِ ضروري ۽ پورتي ڪندڙ آهن. ان مضمون ۾ هن لکيو آهي :

"چنڊ برابر رات کي سونهن بخشي ٿو: پر رات پڻ چنڊ کي سونهن بخشي ٿي. صبح وارو چنڊ اهڙو ڦڪو اڻ وڻندڙ، جو ڪير بہ ڏانهن نهاريندو ئي ڪينهي!"

ڀارت جي ورهاڱي بعد تہ پوپٽي هيرانندالڻي، مضمون نويسيءَ ۾ وڌيڪ سرگرم رهي. آڪٽوبر 1947 ۾ بڙودا مان ٺاڪرداس اگناڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرندڙ ''سنسار سماچار'' اخبار ۾ پوپٽيءَ جو هڪ ٻيو زوردار مضمون 'پپيهي جي پڪار' شايع ٿيو، جنهن ۾ هُن ورهاڱي جي درد جو عڪس چٽيو آهي.

مضمون لکڻ ۾ هن ليکڪا جو ڍنگ بلڪل ئي سپاويڪ رهيو. هن جي مضمونن ۾ عبارت جي سهجتا، سپاويڪتا، رنگيني ۽ خيالن جي وهڪ سبب، پاٺڪ ساڻس بيحد intimate ٿي ويندا آهن. هوءَ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندي آهي. هڪ ڪامياب مضمون نگار جي اِهائي صحيح سڃاڻپ آهي!

مضمون کي جيتوڻيڪ ادب جي هڪ خشڪ شاخ مڃيو ويندو

ليڪڪا پنهنجي مضمونن ۾ لفظن جو صحيح ۽ موزون استعمال ڪري ٿي. هڪ قابل مضمون نگار، هرويرو ڏکين لفظن جو استعمال نٿو ڪري؛ ڇو تہ ٻوليءَ جي مهارت ڏيکارڻ، مضمون جو مقصد ڪونهي. مضمون جي ٻولي جيتري عام فهم، اوترو سٺو. پوپٽيءَ جي اِن ڳڻ ئي سندس گهڻي ۾ گهڻا پانڪ پيدا ڪيا. ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو مثال پيش آهي:

”پرش ترشنا آهي ۽ ناري ترپتي آهي. پرش بيتل تلاءُ آهي، ناري هوا جو جهونڪو آهي. پرش بند گل آهي، ناري صبح جي مٺي هير آهي. پرش دل آهي، استري ڌڙڪن آهي. پرش سوال آهي، ناري جواب آهي. پرش وڄائيندڙ آهي، استري ساز آهي. پرش کِلاڙي آهي، استري کيل آهي. پرش ڏيئو آهي، استري روشني آهي.“

انِ طرح پوپٽيءَ ناري ۽ پرش جي نازڪ جذباتي رشتن کان وٺي، اُنهن جي گنڀير ناتن بابت فيلسوفيءَ ڀريا ويچار ڏاڍي سياويڪتا، سرلتا، مڌرتا ۽ نزاڪت سان پيش ڪيا آهن.

مضمون جو ڪيتر وسيع آهي. ان ڪري مضمون بہ گهڻن ئي قسمن جا مڃيا وڃن ٿا. بياني، خيالي، مذاقي، ڀاونا پرڌان، ڌرمي، اخلاقي، تاريخي، ادبي، تنقيدي وغيره مضمون جا قسم ٻڌايل آهن. دنيا جي ڪنهن بہ موضوع تي مضمون لکي سگهجي ٿو ۽ انجي موضوع مطابق، مضمون جو قسم بہ مقرر ڪري سگهجي ٿو. مضمون جي سيني قسمن تي پوپٽيءَ طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ اُنهن ۾ انيڪ سماجي، ڌرمي، سياسي ۽ ادبي مسئلن کي قابليت سان ڇهيو آهي.

پوپٽيءَ جي مضمونن ۾ بي باڪي ۽ بي ڊپائي صاف نظر ايندي آهي. هبڪي هبڪي يا ڪيٻائي لکڻ، هن جي سڀاوَ ۾ ئي نہ هو. هن خود لکيو آهي:

”مان ننڍي هوندي کان ئي کليل ۽ آزاد طبيعت پئي رهي آهيان. ان ڪري گهر جي مريادا جا انيڪ

کي ٻڌي سگھون ٿا. ليکڪا ان مضمون ۾ جن لفظن، تشبيھن، پھاڪن، چوڻين، اصطلاحن ۽ النڪارن جو استعمال ڪيو آهي، اُنھن مان سندس شخصيت اُڀري آئي آهي. هڪ سٺي مضمون جي اها ڪسوٽي آهي تہ ان مان رچيندڙ جي شخصيت جو عڪس نظر اچي.

سنڌو نديءَ جي مهما ڳائيندڙ هن اديبہ جو 'سنڌو' مضمون بہ سنڌي ساهتيہ جو هڪ ناياب ورق آهي، جنھن ۾ ليکڪا جي ڀاوَ ۽ ٻوليءَ جو طلسم ڏسڻ وٽان آهي! اهڙو ادب ئي زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگھي اِتھاس ۾ امرتا حاصل ڪندو آهي. لداخ جي ماٿريءَ مان وهندڙ، هن نديءَ جي اهميت، سنڌين هينئر بہ ڏاهڪن ڪان پوءِ ئي محسوس ڪئي آهي ۽ اُتي وڃي سجدو ڪيو اٿائون! اُن مضمون ۾ ليکڪا 'سنڌوءَ' لاءِ لکي ٿي :

"ڇا تہ سندس حسن ۽ شباب هو! مهاراڻيءَ جيان شان سان پئي هلي. سندس سفيد ساڙهيءَ جو پلئہ ... جو دور دور تائين ڦهليل هو ... سندس پر ۾ بيٺل پهاڙ چڻ جهانگير بادشاهہ هو ۽ هيءَ پاڻ نورجهان بيگم هئي. ٻاهران بادشاهہ جو راج پئي ڏسڻ ۾ آيو. پر حقيقت ۾ شان ۽ دٻدٻو نورجهان جو ئي هو. هن جي سندرتا، آواز ۽ رعب جو سڪو چميل هو."

ساڳئي ئي مضمون ۾ اڳتي وڌندي ڏسو تہ 'سنڌو' لاءِ ڇا ڇا چيل آهي؟ ليکڪا چوي ٿي :

"جنھن جو جنم سمند جي سطح ڪان هزارين فوٽ مٿي ٿئي، جا قدرت جي اعليٰ ترين ماحول ۾ نپجي، جا شڪتيمان چپن روپي چاتين جي کير تي پلجي، جا وٽن ۽ پٿرن سان ڪيڏي چشمن ۽ نهرن جا گيت ٻڌي وڏي ٿي هجي، جا هزاين ميل لتاڙڻ جي سگھہ رکي ۽ جا پنھنجي ڪناري تي ناياب چيزُن جي پوک ڪري سندر جسم گھڙي وٺي. سائي منھنجي سنڌو آهي."

وڃي. سنڌي، سنڌيت کي الوداع ڪندا پيا وڃن ... نہ اسان جو ڪو اوهي آهي، نہ واهي. ننڍڙا ٻچڙا، ڏکيا، هڪالجي، آخر هر راجيہ جي پسگردائيءَ ۾ تنبو هڻي، بنجارا بڻجي جيئندا سين؟ جي ها، تہ پوءِ اسان جي جيئڻ کي نہ ڪا معنيٰ آهي ۽ نہ مرڻ کي ڪو مطلب! سوال ٿو اُٿي تہ اسان جي اهڙي قياس جوڳي حالت ڇو ٿي آهي؟ ان جو جواب هيءُ آهي، تہ جن کي اسان رهبر سمجهيو، تن اسان جي راه نئي منجهائي ڇڏي آهي! قدم قدم تي هنن جي ڪوتاه نظريءَ اسان کي نقصان رسايو آهي. سنڌ ۾ سنڌي هندن لاءِ نڪر، هند ۾ سنڌين لاءِ گهر. سنڌي ٻولي، سنڌي لپي، سنڌين جي ٻولي ۽ تهذيب کي قائم رکڻ وغيره مسئلن تي هنن اهڙو رخ پئي ورتو آهي جو سنڌي جاتيءَ جا ايندڙ فرد ڪين هٿ ڪٽي پٽيندا رهندا."

اڄ کان اٽڪل پنجويہ سال اڳ ڏنل ليکڪا جي هيءَ چيتاوني، اڄ بہ اسان لاءِ ٻرندڙ مسئلو آهي. ان مضمون جي پڇاڙيءَ ۾ ليکڪا One Million Dollar ڳالهہ چئي آهي :

"ليکڪا جي چولي، ٻوليءَ سان سبيل آهي. اڄ اسان جي چولي اُڌيڙي ٿي وڃي! اسين ڪيئن خاموش رهنداسين؟ ٻولي نہ رهندي تہ شاعر نہ رهندو. شاعر نہ هوندو تہ گيت نہ هوندو. گيت نہ هوندو تہ ڳائيندڙ نہ هوندو. ڳائيندڙ نہ هوندو تہ ڪلا ۽ سنسڪرتي نہ هوندي. ڪلا ۽ سنسڪرتي نہ هوندي تہ جاتي زندهہ ڪيئن رهندي!"

پوپٽيءَ جي رڳ رڳ ۾ سنڌيت جو خون ٿي ڊوڙيو. هن جي دل جي ڌڙڪن سنڌيت جي گونج آهي. جڏهن ڪنهن سنڌس اِنهيءَ جذبي کي ڌهرم تي رسايو تہ هوءَ اندر ۾ جهٽ جهري ٿي ويئي. اِها پيڙا، سنڌس سهڻ کان ٻاهر هئي ۽ ان جو

ليڪا، خانداني بندشون هونديون ٻ، قلم جهلڻ جي نعمت حاصل ڪري، بلڪل بي باڪ بڻجي، پنهنجي دل جا احساس پني تي اُتاريا ائم!“

پوپٽيءَ جي مضمونن جا مکيہ ڇپيل مجموعا آهن : ’هڪ پشپ - پندرهن پنکڙيون‘ (1962ع)، ’چُرَنِ چِٽڪن چت ۾‘ (1970ع)، ’زنده سان قوم رهندي‘ (1975ع)، ’ٻولي منهنجي ماءُ‘ (1977ع)، ’عزير - شخص ۽ عالم‘ (1978ع)، ’شاه سنڌي تهذيب جو روح‘ (1983ع)، ’تنقيدي مضمون‘ (1985ع)، ’سنڌي ڪالهہ ۽ اڄ‘ (1985ع)، ’سچ ٿا مرد چون‘ (1999ع)، شاه لطيف جو شعر ۽ سندس سورما ۽ سورميون (2000ع). هن هر پهلوءَ کي ڇهيو آهي : ساهتيہ، سيڪس، گيان-وگيان، سياست، سنگيت، اخلاق، قدرت، ڀاشا وگيان ۽ فيلسوفي وغيره تي تہ لکيو ئي اٿائين، پر سنڌي ڪاڏن ۽ ڀهراوَ جي نمونن کي بہ ڪين وساريو اَٿائين.

پوپٽيءَ پنهنجن مضمونن ۾ سماج جي انيڪ برائين جي اوگهڙ پڻ ڪئي آهي. هوءَ سچ چوڻ کان ڪڏهن بہ ڪين هٻڪي. عامل طبقي ۾ پيدا ٿيندي بہ ان طبقي جون خرابيون، هن پنهنجي مضمونن ۾ بي باڪيءَ سان پڌريون ڪيون آهن. عاملن ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڦهليل مرض ڏانهن اِشارو ڪندي پنهنجي هڪ مضمون ’ڏيتي ليتي‘ ۾ لکي ٿي :

”اڄ هيءُ وچرندڙ مرض، هر پرڳڻي جي هر قوم کي وڪوڙي ويو آهي. ڪن ۾ گهٽ تہ ڪن ۾ وڌ ... سنڌين ۾ سڀ کان گهٽي ڏيتي ليتي حيدرآبادي عاملن ۾ هلندي آهي، اُنهن ۾ شاديءَ وقت ڏيءُ کي ايترو ۽ اهڙو ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي، جو ائين ڀيو لڳندو آهي جڻ تہ گهوٽ ڪو ڀينو فقير آهي. جنهن کي شاديءَ کان اڳ، ڪا بہ شيءِ گهر ۾ آهي ئي ڪانہ!“

”زنده سا قوم رهندي“ ۾ اڳوانن جي ڪوتاه نظريءَ تي پوپٽي کهڙي نہ زوردار نموني طنز ٿي ڪري :

”اسان جي زبان، اسان کان موڪلائيندي پيئي

آهي. اهڙي نموني جي گوناگون مطالع مان ليکڪا جي وسيع اڀياس ۽ سوچ جي قوت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اُن مان اها به خبر پوي ٿي ته پوپٽي شاعريءَ جي فن جي نزاڪتن ۽ باريڪ بينين جي به شناس رکندي هئي.

جيتوڻيڪ ڀين ودوانن، شاهه جي سورمين تي ڪافي ڪجهه لکيو آهي، پر پوپٽيءَ شاهه جي سورمن جو به قدر ڪري اُنهن جي چرتر جون وصفون ٻڌايون آهن.

”شاهه جون سورميون سهڻيون آهن. ته سندس سورما به ڪي گهٽ ڪين آهن ... مومل، راڻي جي خاموشيءَ مان سبق ڏي سگهي. ڪيس خبر آهي ته ٻيو ڪو رواجي مرد هجي ها، ته لڪڻ پر ۾ رکڻ بدران ڪيس ان سان سٽي جاڳائي ها. پر راڻي جي صبر سندس ڏيک ڏيکي ڇڏيو. هوُ پاڻ غم پي ٿو وڃي. پر مومل کي اُگهاڙو نٿو ڪري.“

سنڌي ڪهاڻي ۽ ناولن ۾ جڏهن هڪ نئون دور آيو، تڏهن سيڪس ۽ جنسيات، اُنهن ۾ ڀرپور ۽ زوردار اظهار پاتو. ان جو ڪارڻ گهڻي ڀاڱي مغربي ادب جو اثر آهي. مغرب ۾ ان موضوع تي ڪي ليکڪ نهايت مقبول ويا. ان ڪري اسان جا ليکڪ پڻ ان وهڪ ۾ گهلجي ويا. ان نقط نظر کان متاثر ٿي، هوُ اهڙيون رچنائون ڪرڻ لڳا. پر جيئن ته اسان جي تهذيب، مغرب جي ريتين - رسمن کان بلڪل الڳ ئي آهي، تڏهن سنڌي ادب ۾ اهڙين ڪهاڻين کي Modern ۽ Bold جي صفتن سان نوازيو ويو. اهڙيون ڪيتريون رچنائون بلڪل شد مد سان شايع ٿيون، جن ۾ لوز سيڪس تعلقاتن کي ڪي قدر فاحش چٽرڻ سان پيش ڪيل آهي. اُهي اديب، اِها ڳالهه وساري ٿي وڃن ته جيڪڏهن جنسياتي موضوع ۽ مسئلا ادب ۾ سياويڪ نموني نٿا اچن يا اُنهن جو فنائتي نموني اظهار نٿو ٿئي ته اُها رچنا پنهنجو ادبي درجو وڃائي ويهي ٿي! انهن ڳالهين جي رد عمل طور ئي پوپٽيءَ هڪ مضمون لکيو آهي. قديم گرنٿن، ڪوتائن، ڪٿائن ۽ ڏند ڪٿائن جي حوالن سان ان مضمون ۾ پوپٽيءَ اهو ثابت ڪيو آهي ته هن

رد-عمل سندس ادب ۾ شِدت ۽ بي باڪيءَ سان ظاهر ٿيو آهي. ان وقت سندس لهجو غصي ۽ غم جي غبار سان پريل پسبو. جيڪي سنڌي زبان يا سنڌيت کي نقصان رسائڻ جو يتن ڪن ٿا، هوءَ انهن مٿان آگ بڻجي وسڻ لڳي ٿي. هوءَ ايندڙ خطرن، هاڃيڪار سماجي، سياسي، تهذيبي، اخلاقي ۽ مذهبي پهلوئن تي نظر رکي، پنهنجي قوم کي آگاهه ڪري ٿي. ائين ڪندي هوءَ ڪن هستين تي نقطچيني ڪرڻ کان به نٿي هڇڪي!

هن مجموعي ۾ حال ۽ مستقبل جا انيڪ پهلو پڻ آهن، جن سان اڄ جي حالتن تي نظرثاني ٿيل آهي ۽ ليکڪا ايندڙ سمي کان به قوم کي آگاهه ڪري ٿي. ليکڪا پنهنجي قافلي سان جڙيل، اُنهن انيڪ ليکڪن ۽ ڪلاڪارن جو به هن مجموعي ۾ احوال ڏنو آهي، جي پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي سنسڪرتي ۽ سيتا کي سوگهو جهلي بيهڻ ۾ ويهن ئي نهن جو زور لڳائي رهيا آهن.

”زنده سان قوم رهندي“ ۾ صرف اُن وقت جو ئي احوال ڪونهي؛ پر پنهنجي ورثي جي تمام پهلوئن تي گهري نگاهه وڌل آهي. هن مجموعي ۾ ڪل 12 مضمون آهن ۽ اُنهن جي عنوانن مان ئي مٿئين ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي!

پوپٽي هيرانندانيءَ جي تنقيدي ۽ تحقيقي مضمونن جو به وڏو انداز آهي. هُن جي اهڙي قسم جي مضمونن جو جهجهو انداز ”چُرَنِ چِٽِڪَنِ چِت ۾“ ”ٻولي منهنجي ماءُ“ ۽ ”تنقيدي مضمون“ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هرهڪ مضمون، ليکڪا جي اونهي اڀياس علميت ۽ تحقيقي فهم جو اظهار ڪري ٿو.

’چرن چٽڪن چت ۾‘ مضمون ۾ شاهه جي ڪلام تي لکندي، پوپٽيءَ هن لافاني شاعر جي شعر ۾ سمايل فيلسوفيءَ کي سمجهائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. ان مضمون ۾ هن رامايڻ، مهاڀارت، ويدڪ ويچارن توڙي فريد ۽ بيدل جهڙن صوفي شاعرن جي نقطہ نظر ۽ ڪبير، ميرا، ٽيگور ۽ ٻين مقبول شاعرن جي تحريرن سان شاهه کي پيش ڪندي، ان جي عظمت کي چمڪايو

کي ڀيءَ طرح هڪ جمالياتي حس سان پيش ڪرڻ تي مجبور ڪيو هوندو. اڄ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ليکڪ ئي ڪلئي جنسياتي ڍنگ واريون رچنائون لکن ٿا.

ورهاڱي بعد جا ذلت سنڌين کي سهڻي پيئي آهي، ان جو ادبي عمل، باحساس ليکڪن جي دل جي پيڙا ۽ سچي سنڌي قوم جي مجموعي ڀوڳنا آهي. ان کي پراثر انداز ۾ پوپٽيءَ ”سنڌي ڪالهہ ۽ اڄ“ جي مضمونن ۾ روشنيءَ ۾ آندو آهي. هُن شاعرن جا جيڪي ڪوٽيشن ڏنا آهن، اُهي پنجاه سالن بعد بہ جيءَ ۾ ڏارون وجهن ٿا. ڀارت جي ورهاڱي بعد، جي سنڌين ۾ تهذيبي بدلاءَ آيا، اُنهن کي ليکڪا ويجهڙائيءَ تان ڏٺو آهي. اُنهن تي نهايت گهرائيءَ سان سوچيو آهي. هيءُ ليک هڪ تاريخي دستاويز جيان آهي؛ جو منجهس تهذيبي، سماجي، تعليمي ۽ تاريخي تبديليءَ جو مڪمل ريت ذڪر ڪيل آهي.

پوپٽيءَ ٻئلي بہ تخليق ڪيا آهن. ان حوالي ۾ سندس ”سنڌي نرتيہ ناٽڪائون ۽ ڳيت (2) جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. ادب، موسيقي، نرتيہ ۽ ناٽڪ ڪلائون شروع کان ئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ناظرين ۽ قارئين تائين پهچي، اُنهن لاءِ نہ صرف وندر مُيسر ڪئي آهي پر سندن ذهن کي ڏوَنڌاڙي، شعور ۾ اضافو آڻي، ڪين حياتيءَ بابت سوچڻ لاءِ آماده بہ ڪنديون رهيون آهن. اڄ جو مشيني اِنسان احساسات جي سطح تي مَرندو نظر اچي ٿو. ادب اهڙن مرده انسانن ۾ جنبش پيدا ڪري ٿو.

پوپٽيءَ جي ”سنڌي نرتيہ ناٽڪائون ۽ ڳيت“ جي پنهنجي اهميت آهي. ان ۾ سيني ڪلائن جو سنگم آهي. ادبي خواه تاريخي نقط نگاه کان هيءُ ڪتاب اهميت جو حامل آهي. اديبہ، هن تصنيف ۾ لوڪ گيتن سان گڏ، سنگيت ٻئلي بہ شامل ڪيا آهن. لوڪ گيتن ۾، ڪنهن بہ قوم جي نہ فقط روزمره جي حياتيءَ جو عڪس ملي ٿو، مگر ان جي زبان، طرز حيات ۽ اميدن

2. پوپٽي هيرانندائي : سنڌي نرتيہ ناٽڪائون ۽ ڳيت
پبلشر پاڻ ليکڪا. سن 2001ع.

موضوع ۾ ڪهڙا جمالياتي پهلو سمايل آهن. پر اسان جي ’فاحش‘ ۽ ’فئشن‘ جي شائق ليڪن پنهنجي انفراديت ۽ پنهنجي ادب ۾ الڳ هستي ۽ مقام جتائڻ جي مقصد ۽ پڙهندڙن جو ڌيان ڏي توجه ڇڪائڻ جي ارادي سان، ساهتيہ ۽ سماج جي صحت سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

پوپٽي جي ’سيڪس ۽ سنڌي ساهتيہ‘ مضمون مان چند مثال پيش آهن، جيڪي سنجيده پاٺڪن کي غور ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا:

”ڏند ڪٿائن ۾ رنڀا، مينڪا ۽ اُروشي اپسرائن جو ذڪر ڪيل آهي. اُهي اپسرائون، ديوتائن جي ڀوڳ ولاس جي سامگريءَ جي روپ ۾ آيل آهن ... شلپ ڪلا، چتر ڪلا، مندرن جو اِتهاس، ديوداسين جو رواج، مغلن جا حرم ۽ راجپوتن جا رڻواس اِن ڳالھ جي ثابتي پيش ڪن ٿا تہ انسان جي شرير ۾ ان قسم جي بک آهي. ان بک جي ورنن کي ڪلا جي ڪنهن بہ ڪيتر مان نيڪالي نہ ڏني ويئي آهي. ... اِلورا، کاجوراه، رانڪپور، پوپنيشور، پرشرامپور، مڪتيشور، لنگراج، جگننتاٿ، ڪرنانڪ جا سڀ مندر، پنهنجن ديوارين تي مرگھہ نئنين ۽ ڪامڻين جا ننگا چتر ڪٽي بيٺا آهن. مرگھہ نئنيون بہ ڪهڙيون؟ نانگڻين ۽ سرپڻين جيان وراڪا ڏيندڙ ڪمر واريون. للڪاريندڙ ڇاتين ۽ سبر سٿرن واريون. اُهي جن جي جاندار جسم مان جيون جو ڳپ ٽپڪي رهيو آهي.“

ليڪڪا اڳتي هلي بڌائي ٿي تہ جنس جو ذڪر ساهتيہ ۾ ڪيئن اچڻ گھرجي:

”اِن ڪيئن‘ جي جواب ۾ ئي، اخلاق ۽ بد اخلاق جو تفاوت، پيار ۽ حوس جو فرق، ساهتڪار ۽ اساهتڪار جي وياڪيا سمايل آهي.“

ان مضمون، يقينن اهڙن لکندڙن کي بہ پنهنجي رچنا

لکايم. انيلا سندر ۽ سيِ. لکميچند کي گهرايو. پوءِ
اسان سيپئي گڏجي ويهي ڏٺن تي نرتيہ نانکا تيار
کئي.“

هتي مونکي هڪ ڳالھ جي کمي محسوس ٿئي ٿي. لاڏا، چيڄ، وِدائي گيتن وغيره ۾ جيتوڻيڪ کا نئين طرز ۽ ڀرپور منظرڪشي پيش نٿي ڪري سگھجي، پر ڀڳت ۾ ان جي گنجائش آهي. ڀڳت هڪ عجيز چيز آهي. ان ۾ ڳائڻ، نچڻ، آکاڻي سڀ ڪلائون شامل آهن. مومل راڻو ۽ سهڻي ميهار جا قصا اُنهن جا مقبول ڏوهيڙا تہ نيڪ، پر ڀڳت ۾ وسيع موضوع ۽ اداڪاريءَ جي آزاديءَ سبب، ان ۾ موجوده صورتحال کي پيش ڪرڻ سان، ان فارم ۾ اڄ جي دور جي ڏڙڪن جي گونج بخوبي پيش ڪري سگھجي ٿي. الائي ڇو، ان سوچ ۽ فکر، پوپٽيءَ جهڙي برجستہ اديبہ جي دماغ ۾ ڇو نہ ولوڙ پيدا ڪيو.

پوپٽيءَ جو سرجيل ساهتيہ تہ گهڻو ئي آهي، پر جنهن تخليق هن کي هند ۽ سنڌ ۾ بيحد مقبول بڻايو، سا آهي سندس آتم ڪهاڻي ”منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ (1980ع)، جنهن تي ئي کيس 1982ع ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام عطا ٿيو ۽ سن 1990ع ۾ مهاراشٽر سرڪار کيس گوُرو پرسڪار سان نوازيو. ذهن کي ڇهڻ واري وصف سبب، سندس آتم ڪٿا شايع ٿيندي ئي ادبي جڳت ۾ گفتگوءَ جو موضوع بڻجي ويئي. ادبي کيتر جي جڳياسو شخص خواه عام پڙهندڙن پوپٽيءَ جي آتم ڪهاڻي ”منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ کي خوب پسند ڪيو. ڪابہ تخليق پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيڻ ڪانپوءِ ئي مانُ پائيندي آهي.

آتم ڪٿا هڪ شخص جي ذاتي، مخفي ۽ شخصي تاريخ آهي. هر رچناڪار جي ٻاهرين دنيا سان گڏ، پنهنجي هڪ نجي خانگي دنيا بہ هوندي آهي. هوُ آتم ڪٿا ذريعي اڻ ڳجهي علائقي کي کولڻ چاهيندو آهي. ادب ۾ آتم ڪٿائن، سوانح عُمرين، يادگيرين، ڊائرين ۽ خطن کي خاص اهميت حاصل آهي. نائڪ

- نااُميدن جي اظهار مان تهذيب به جهلڪا ڏئي ٿي. اڄ اسين، بي زمين هئڻ سبب، لوڪ گيتن ۾ اضافو ڪري نه سگهيا آهيون. لوڪ گيت گهٽو ڪري ٻوٽاٽي ماحول ۾، بنا ٺاه ٺوه جي، وابسته رسم وَ رواج واري پسمنظر ۾، خود ساخته موسيقيت سان پُر، دل جي اونهاين مان پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪرندڙ جذبات جو نچوڙ هوندا آهن. پوپٽيءَ پنهنجي ٻاراڻي وهيءَ ۾، جيڪي گيت ٻڌا، پوءِ پلي اُهي معصوميت دوران، ٻاراڻين راندين ڪندي چيو نه گونجيا هجن، هن رچنا ۾ پيش ڪيا آهن. ان سان گڏ، هن پنهنجا رچيل گيت به ڪتاب ۾ ڏنا آهن، جيڪي اسان جي نه صرف ادب بلڪ اسان جي تهذيب جا به ڏس پار ڏين ٿا. اِهو ٿورو ئي سهين، پر سانديڻ جهڙو خزانو آهي. اهو اديبه جو عقل وَ فهم چئو، دورانديشي مڃيو يا ادبي سوجهه ٻوجهه قبوليو، جو هن بئلي رچنا، اُنهن جي پيشڪش لاءِ صحيح فنڪار چونڊيا. هن تمام گيتن، راندين، نرتيه خواه اسان جي ريتين رسمن ۽ ڏڻ وارن جو اصلي رنگ روپ به، پنهنجي اصلي خوشبو سان قائم رکيو آهي. ليکڪا چوي ٿي :

”مون ’سندي شادي‘ نرتيه ناٽڪا پيش ڪئي ته پگونتيءَ منهنجا رچيل لاڏا ڳاتا ۽ سترام روهڙا سان گڏجي ساکيون پڻ ڳايون. نيجڙي بئلي پيش ڪرڻ وقت پڻ پگونتيءَ ڳايو. ڪن موقعن تي مان پاڻ به پلي بئڪ ۾ ڳائيندي هئس يا ماءُ ٻٽجي نچندي هئس.“

پوپٽيءَ هن ڪتاب ۾ اُنهن شخصن جي به مهرباني مڃي آهي. جن ڪيس بئلي پيش ڪرڻ ۾ واهر ڪئي. هوءَ موهن چاٻڙيا کي ياد ڪندي لکي ٿي :

”بنا ڪنهن اجوري وٺڻ جي هن مونکي پگت ۽ نرتيه ناٽڪائون پيش ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي.“

’سنڌيت جي سرهاڻ‘ لاءِ چوي ٿي :

”مون سنڌي ڌڻ ڪنيا. شاعر ايم. ڪمل کي گهرايم ۽ ڌڻ ملهائڻ جو طريقو ٻڌائي ڪانئس گيت

جي اڳيان سڀ ئي هوندو ۽ سڀ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو. پر اهڙو سڀ لکڻ لاءِ، منهنجي لفظن مونکي ساٿ نه ڏني ڏنو. هڪ رات ڪسبياڻيءَ سان جماعُ ڪندي، جڏهن منهنجي جسم جون تاڻيل نسون سهڄ بڻيون ته مون آتم ڪٿا لکڻ شروع ڪئي ۽ اُن آتم ڪٿا کي عنوان ڏنو ''الفاظ'' (Words). جيئن جيئن مان لکندو ويس، لفظ هوا ۾ پکڙيل نظر آيا. اُهي منهنجي سوچ جي قيد ۾ نٿي ڦاٿا، جيتوڻيڪ مون اُنهن کي جهلڻ جي تمام گهڻي ڪوشش پئي ڪئي. هاڻي مونکي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته، ''جيڪي لفظ دل مان نه نڪرندا آهن، اُهي دغا ڏيندا آهن.'' ٽي سؤ صفحا لکڻ کان پوءِ، مونکي اهو احساس ٿيڻ ته آتم ڪٿا ۾ سڀ ۽ خالص سڀ لکڻ، جنهن جي مان شروع ۾ دعويٰ ڪري چڪو آهيان، مون لاءِ ممڪن ناهي. مون آتم ڪٿا لکڻ تان پنهنجا هٿ ڪڍي ڇڏيا. مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته آتم ڪٿا لکڻ، هرڪنهن اديب جي وس جي ڳالهه ڪانهي.'' پر پوپٽيءَ اهو اوکو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. بقول پوپٽي هيراننداڻي :

> ''مون لکيو نه، پر منهنجي اندر ۾ گڏ ٿيل، اُٿل-پُٿل، مون کان لکارايو. اُنهن ڏينهن ۾ مان سخت بيمار ٿي پيئي هيس. مون موت سان جنگ ٿي جوتي. لڳو ٿي، موت منهنجي سامهون ويهي، مون سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي. پر منهنجي زنده رهڻ جي تمنا ڪئي. ان ئي موت تي جيت پاتي ... منهنجي ڊاڪٽر به، مونکي پنهنجي من جو بار هلڪو ڪرڻ جي صلاح ڏني. هن چيو : لک! ۽ مون به ڊاڪٽر جي صلاح مڃي، من کي هلڪو بڻائڻ لاءِ. قلم هٿ ۾ ڪنيو ۽ ائين ئي مون يادگيرين کي تازو ڪيو. نتيجو. ''منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق'' لکجي ويو.''

حياتيءَ جي جدا جدا واقعن ۽ حقيقتن جا تفصيل، آتم-ڪٿا جو سينگار بڻجن ٿا. آتم-ڪٿا، ذهني توازن ۾ لکيل، نه صرف قلمڪار جي اندرين ڪيفيتن جي تصوير پيش ڪري ٿي،

جون پلون، ڪمزوريون، چڙهايون-لهايون، سمجهوتا، مجبوريون، ڪاميابيون-ناڪاميابيون آتم ڪٿا جا موضوع بڻجي ايندا آهن. آتم ڪٿا جي اديبن وقت جي پيچرن تي پنهنجي حياتيءَ جا مخصوص نشان ڇڏيا هوندا آهن. ”مڌوشالا“ جي مشهور شاعر هريونشراءِ بچن جي آتم ڪٿا ”ڪيا ڀولون ڪيا ياد ڪرون“، ”نيڙ ڪا نرماڻ ڦر“ ۽ ”بسيري سي دور“ سندس حياتيءَ جي هار-جيت، آشا-نراشا ۽ تناءَ وغيره سان وابسته آهي. بلراج ساهنيءَ جي ”ميري فلمي آتم ڪٿا“ سندس اداڪاريءَ سان جڙيل، ڪيترين ئي بيوقوفيءَ ڀريل حرڪتن، ڪئميرا کان ڊپ، گهٻراهٽ ۽ فلمي دنيا جي ڪرندڙ اخلاقي قدرن کان زخميل من جي تڪليفن جي ڪهاڻي آهي. سنڌيءَ جي بيحد پيچيده ۽ گهڻ ڪنڊي فنڪار موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ”بک، عشق، ادب“ پڙهندڙن کي اديب موهن ڪلپنا جي ڀيٽ ۾ ’موهن ڪلپنا‘ شخص جي وڌيڪ ويجهو آڻي ٿي. پوپٽيءَ جي آتم جيوني ”منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ به پوپٽيءَ کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿي.

20 صديءَ جي فرانس جي اعليٰ اديب جين پال سارتر Jean Paul Sartre جو چوڻ آهي ته ادب ۾ ڏکي ۾ ڏکي صنف آتم ڪٿا يا سوانح عُمري لکڻ آهي. ”مون زندگيءَ ۾ هڪڙو ئي آتم ڪٿائي ناول لکيو، جيڪو بيحد مقبول ٿيو. جنهن کي مون عنوان ڏنو Saint genet. پر اهو منهنجي ڀروپي زندگيءَ جو هڪ اهڙو ادبي فڪشن هئو، جتي مان پڙهندڙن کي ته ڀنيلائي سگهيس پر منهنجو ضمير مون تي ملامتون وجهڻ لڳو. مون پاڻ کي هڪ اهڙي ڪردار جي روپ ۾ پيش ڪيو هئو، جو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ فرشتو بڻجي، پڙهندڙن کي دوکو ڏيو ڏئي؛ پر رات جي اونداهيءَ ۾ ڪڪرم ڪري رهيو آهي. ضمير جي انهن ملامتن کان منهنجي زندگي ان موڙ تي اچي پهتي جو مان نه رات جو سمهي ٿي سگهيس ۽ نه جاڳي ٿي سگهيس. ان ڪري منهنجي ضمير، مون کان سچ ۽ خالص سچ لکائڻ لاءِ ايترو ته لاچار ڪيو جو مون فيصلو ڪيو ته مان پنهنجي آتم جيوني لکندس، جنهن خدا

۽ دنياداري، آچار وهنوار جو ڍنگ، ان سمي جون ريتيون رسمون وغيره جو علم ٿئي ٿو. ان دور ۾، جن واقعن، شخصيتن اديب جي دل تي نقش ڇڏيا، تن جو ذڪر ۽ تصوير ڪشي اهڙي پراثر نموني ڪيل آهي، جو اُهي جڻ اُن وقت جو پهراڻ پهري، اَسان جي اکين اڳيان چرندا پرندا نظر اچن ٿا. ساڳئي وقت، سمي جي بدليل رخ، جنهن هن کي، ان خوشگوار فضا کان محروم ڪري ڇڏيو. سندس ذاتي درد، فڪر ۽ انَ کي همت، عقل ۽ صبر سان منهن ڏيڻ جي تصوير به هن ۾ ملي ٿي، جا اڳتي هلي اڃا به چٽي ٿيندي نظر اچي ٿي. ورهاڱي وقت ۽ لڏپلاڻ بعد، پناهگيري صفت سان زندگي جيئڻ، ان کي منهن ڏيڻ، جيڪي مشڪلاتون، ذلتون، ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ کان، سڏو-اڻسڏو، ڪنهن نه ڪنهن رنگ ڍنگ سان، جي اسان جي قوم ڀوڳيون، ان جي تصوير ڪشي به، ڏاڍي پراثر لفظن ۾ ليکڪا اتاري آهي.

پوپٽي بردبار ليکڪا رهي آهي. وقت، حالتن کيس جرئت ۽ جوش عطا ڪيو. پنهنجي لاءِ کان مٿي اُڀري، جو سچ محسوس ڪيائين، صاف ۽ بلند آواز ۾ چيائين. هن جي آتم ڪٿا ۾ هن جي حوصلي، همت ۽ صاف گوئيءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. هن پنهنجي ساٿين جي رُخ-روَيي جي اوگهڙ ۾، کن ڪوڙن سچن جو اظهار به ڪيو آهي. ان سبب، کن ساٿين جي ناراضگي به حاصل ڪئي، اُتي کن سَمُجهن ۽ حق-پرستن جي عزت به ڪمائي. هوءَ پنهنجي آتم-ڪٿا ۾ لکي ٿي:

> "اڄ جيترو ئي وڌيڪ سچ ڳالهائڻ ڪري ستائي ويندي آهيان، اوترو مان وڌيڪ اٽل ۽ محڪم رهڻ جو يتن ڪندي آهيان."

پنهنجي دائري ۾ هوءَ بي انصافيءَ خلاف رهي آهي. ادبي کيتر ۾، سماجي کيتر ۾، ڪنهن سا بي انصافي ڏسي، چپ نه ٿي رهي. ڪنهن جي ڏات جي چمڪ کي ڍڪڻ يا پاسيرو ڪندڙ کي، هن لعنت کان لک لعنت تائين نه ڇڏيو. ساڳئي وقت، مٿيءَ کي ماٽڪن جتائڻ وارن کي به هن رِهنديو آهي. پوپٽيءَ غلط

پر ان وقت جي ادبي، تهذيبي، سياسي بدلاءَ نين حالتن جي دٻاءَ ۾ مجموعي سوچ ۽ فڪر جي لاڙن ۾ آيل نوَن موڙن ڏانهن به سڌو اڻسڌو اِشارو ڪري ٿي. آتم ڪٿا ۾ داخليت جو انگ وڌيڪ رهندو آهي. پاڻ، تخليقڪار جي شخصيت سان سڌو واقف ٿيندو آهي. جيڪڏهن اديب جي شخصيت دلچسپ هوندي ۽ آتم اظهار جو طريقو وڻندڙ هوندو ته اُها آتم ڪٿا پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن اَوس ڇڪيندي. پوپٽيءَ جي رچنا ۾، اهي ٻئي خوبيون موجود آهن. تنهن ڪري سندس آتم ڪٿا نه صرف عام پاٺڪن کي موهيو آهي پر برک ساهتيڪارن به، هن جي آتم ڪٿا جي بيحد ساراهه ڪئي آهي.

جيتوڻيڪ سمورو ادب ئي، انسان کي سمجهڻ جي ڪوشش آهي، ليڪن جيوني، آتم-ڪٿا يا يادگيريون ۾ اها ڪوشش، سچائي ۽ حقيقتن جي بنياد تي ٻڌل هئڻ سبب، وڌيڪ دلچسپ يا اثرائتي هوندي آهي. سوانح عُمري يا آتم ڪٿا ۾ واسطيدار شخص جو احوال سچ ۽ حقيقتن تي ٻڌل هوندو آهي. من گهڙت يا خيالي ڳالهين لاءِ آتم ڪٿا ۾ ڪائي جاءِ ڪانهي. هڪ استريءَ جو پنهنجي پيار ۽ سيڪس جهڙن نازڪ موضوعن تي لکڻ، ڪو سولو ڪم ناهي. پر جنهن بي باڪيءَ سان، پوپٽيءَ اِهي ڳالهيون لکيون آهن، ان لاءِ هن کيرون لهڻيون. امرتا پريتم ۽ ڪملا داس جون آتم ڪٿائون، آتم-ڪٿائون گهٽ Fiction وڌيڪ ٿيون لڳن. اُنهن ۾ افسانوي رنگ وڌيڪ آهي. پر پوپٽيءَ جي لکڻيءَ ۾ تاثير آهي، جيڪو پڙهندڙن کي پاڻ سان گڏ وني هلي ٿو ۽ هو آتم-ڪٿا پوري ڪرڻ بنا رهي نٿا سگهن.

''منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق'' ۾ سنڌ جي ورهاڱي کان اڳ جي دور جو به ذڪر آهي. جنهن ۾ ليکڪا ٻالڪپڻ جا ڏاڪا، ٺهڪ ڏيندي مٿي چڙهيا. اُنهن چاڙهين سان، سندس لاهين جو به ڏس ملي ٿو. جو وشال تاريخ جي هڪ ننڍي ڪنڊ جو ئي سهين پر اهم نڪتن کان آشنا ڪرائي ٿو. مثلن : عامل طبقي جي طرز حيات، اُنهن جي تهذيبي تصوير، اُنهن جا ڌرمي ويسه

نظر ڊوڙائي ٿو. اهڙن قلمڪارن جي لکڻين ۾، لافانيت جي هئڻ جو اِهوئي راز آهي. اهڙين تخليقن کي عارضيت جو ڪينئون نٿو ڪائي ۽ ڪين پائداري حاصل ٿئي ٿي. پوپٽي سنڌيءَ جي اُنهن تمام ٿورن شعوري باحساس اديبن / اديبائن جي صف ۾ شامل آهي، جن پنهنجو پاڻ جتائڻ لاءِ قلم هٿ ۾ ڪين کنيو آهي. هوءَ پنهنجي ابتدائي زندگيءَ کان وٺي، پڇاڙيءَ تائين سنجيدگيءَ سان ادب ۽ سماج جي معملات سان وابستہ رهي، اُنهن تي غور فڪر ڪندي رهي، انڪري ئي سندس تخليقن ۾ سنڌين جي عوام جي سماجي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي صورتحال جي تصوير صحيح روپ ۾ ملي ٿي.

پوپٽي هيراننداڻيءَ زندگيءَ جو پويون وڏو عرصو لاعلاج بيمارين ۾ گذاريو. هوءَ حياتيءَ جا پويان پنجويھہ سال تہ باقاعده ڊاڪٽرن جي نگرانيءَ هيٺ رهي. لاعلاج بيمارين ۾ مبتلا هوندي بہ هن هار نہ مڃي. هوءَ بيمارين سان لڙندي رهي. هن ڪڏهن بہ منهن نہ گنجايو. وڏا وڏا ڀڏا ٺهڪ ڏيڻ کان تہ هوءَ مشهور هئي ئي! سن 1978ع کان هن کي پيٽ جي سور جي تڪليف شروع ٿي. نومبر 1978ع ۾ هن آپريشن ڪرايو. بقول پوپٽي، ”آپريشن ڪو هو. اصل ڳالھہ ئي نہ پڇو! درد ايترو هو جو منهنجو سڄو سرير پيو ڏان ... ڏان ڪري!“ ڊاڪٽرن کيس صلاح ڏني، ”پهرين من کي تندرست ڪر تہ پوءِ تن ازخود ٺهي ويندو. پنهنجو ڪاغذ قلم کڻ ۽ من کي شريرڪ تڪليف جي خيال کان ڪڍي ٻئي پاسي موڪل. تون لک.“ ۽ اهڙي نموني پوپٽيءَ جي آتم جيوني ”منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ وجود ۾ آئي.

منهنجي پوپٽيءَ سان باقاعده سڃاڻپ سن 1970ع کان ٿي؛ جڏهن مون بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ۾ ايم.اي. لاءِ داخلا ورتي. ڪلاس جئہ هند ڪاليج ۽ يونيورسٽي ڪلب هائوس ۾ هلندا هئا. پوپٽي هيراننداڻي، رام پنجواڻي ۽ ارجن شاد ڪلاس وٺندا هئا. جيتوڻيڪ مون ٽنهي جي صحبت مان گھڻو ڪجھہ پرايو، پر پوپٽيءَ جي وڌيڪ ويجهو اچي ويس. هوءَ مونکي نندي ڀاءُ جيان

ٻالھہ، ويچار ۽ عمل کي، غلط ٺھرائي ٺڪرايو آهي. ان خلاف رڙ ڪئي آهي، جا گھٽڻ ٻدي ان تي عمل ڪيو آهي. ڪن ٻڌي اڻٻڌو ڪيو آهي ۽ شانت ساڌي آهي. گھٽڻ کي اول، پنھنجي نفعي، نقصان جو فڪر ستائيندو آهي. هوُ سچ ۽ انصاف کان ڪنارو ڪندا آهن.

پوپٽي سماجي، سياسي، اخلاقي، تھذيبي ۽ قوم سان وابستہ مسئلن، براين کي پنھنجي سوچ جي گھيري هيٺ آڻي تي ۽ اُنھن نڪتن تي نھايت ئي بي باڪيءَ سان، پنھنجو پاسو پيش ڪري ٿي. آتم-ڪٿا لکندڙ ۾ من ۽ اخلاق جو ٻل هئڻ کپي. سماجي، ڪٽنبي ۽ اخلاقي قدرن جي ويچار، آتم ڪٿا لکندڙ کي ڪيترائي دفعا، سچ لکڻ کان روڪيو آهي. پنھنجي باري ۾ ايمانداريءَ سان لکڻ، ڪافي تناءَ پريو بہ هوندو آهي.

پوپٽي آشاوادي آهي. ڪٿي ڪٿي هن ۾ نراشائي ۽ اُداسائيءَ جا اولڙا بہ ملن ٿا. پر پوءِ بہ هن آشاواد جو پلئہ ڇڏيو ناهي. ”اها تسڪين تہ منھنجي ويجھن جو مونکي بيحد پيار مليو آهي. پنھنجن شاگردن ۽ اُستادن جو پيار، دوستن ۽ ساهڙين جو پيار. منھنجون پراڻيون شاگرداڻيون جڏهن مونکي گڏجنديون آهن تہ مان جوان ٿي ويندي آهيان. الائي ڇو ماڻهو هڪ اعتقاد رکي، مون وٽ آيا آهن ۽ موکي خوشي آهي، مون ڪين نراش نہ ڪيو آهي، هن پيار ئي منھنجي اندر واري کي جوان رکيو آهي.“

آتم ڪٿا لکڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ اُها دل سان لکيل هئڻ کپي. جي ڪو دماغ تي زور ڏيئي، آتم ڪٿا لکي ٿو تہ ان ۾ مڪمل صداقت نہ ايندي ۽ اُها من کي متاثر ڪري نہ سگھندي. پوپٽيءَ جي آتم ڪٿا جي هڪ وڏي خوبي اِها آهي جو اها لکي نہ لکارائي ويئي آهي، ان ڪري ئي ساهتيہ سرجن، شوق ناهي، ساڌنا آهي. جيئن جيئن وقت گذري ٿو، تيئن تيئن هڪ فنڪار جي سوچ ۽ شعور ۾، اونھائي ۽ ڦھلاءُ ايندو وڃي ٿو. هو حياتيءَ جي پن پن پھلوئن تي هوشمندي ۽ دوراندیشيءَ سان پنھنجي

سيون نُنبيندا ويا
گورين جا پترا ايترا ڏسيائون
جو انهن جي ڊيگهہ
هردوار جي پنڌن
۽ ڳوٺ جي واٽين
جي بندين کي بہ شه ڏيئي ويئي

بدن مان رت
۽ کيسي مان پئسا ڦري
هر طرح ڪمزور بڻائي
مونکي اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
چي :
اسان توکي رنوويٽ ڪيو آهي
هاڻ
تون اهو رنوويشن ڪيستائين ٿي هلائين
اِهو توتي مدار آهي!

هوءَ بيمارين سان لڙندي رهي. هن کي ڪڏهن ڪڏهن تہ ڳالهائڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي هئي، پوءِ بہ هوءَ منهنجي سوالن جا جواب برابر ڏيندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن پوپٽيءَ جي پيڻ ڪملا جو فون ايو، ”لڇائي، تون اڇ. خبر اٿيئي رات پوپٽيءَ ڇا ڪيو! Suicide note وهاڻي هيٺان رکي، آپگهات ڪرڻ تي هئي. مونکي شڪ پئجي ويو ۽ مون ڪيس پڪڙي ورتو. نہ تہ تہ غضب ٿي وڃي ها!“

مان منجهي پيس. مان کيس ڪيئن سمجهائي سگهندس.

مون ايم. ڪمل سان ڳالهہ ڪئي. ٻئي ڏينهن ايم. ڪمل، نند ڇڳاڻي ۽ مان ڪار ۾ پوپٽيءَ وٽ وڃي پهتاسين. مونکي اِها خبر هئي تہ پوپٽي ايم. ڪمل ۽ نند ڇڳاڻيءَ کي پائيندي آهي. هوءَ اسان کي ڏسي بيحد خوش ٿي. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ مون کيس چيو، ”دادي توهان تہ گيانوان آهيو، ٻين کي سمجهائيندا


پائڻ لڳي. مان بنا ڪنڪي، ڪهڙي به وقت داديءَ وٽ هليو ويندو هوس. گهڻيون ئي يادگيريون ذهن ۾ آهن، پر اُنهن کان ڪنارو ڪري اڳتي وڌندس. سن 1987ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ تي ”جوڳي جادو لائي ويا“ ٽيلي سيريل اسڪرپٽ لکڻ ڪانپوءِ، اسان پوپٽيءَ جي جيون، رچنائن ۽ خيالن جي آڌار تي ويڊيو فلم اسڪرپٽ لکڻ جو اِرادو ڪيو. پوپٽيءَ اسان کي سهڪار جي پڪ ڏني. پوءِ ته منهنجو پوپٽيءَ وٽ اچڻ-وڃڻ شروع ٿي ويو. فون تي ته روز ڳالهائڻ ٿيندو ئي هو. ڪملا، پوپٽيءَ جي ڀيڻ به منهنجي آواز کي سڃاڻي ويئي هئي. هڪ ڏينهن پوپٽيءَ چيو، ”ننڍي هوندي کان ئي مونکي تلخ ۽ مشڪل حالتن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. انڪري منهنجي زندگي ائين بڻجي ويئي آهي جو مان مشڪلات ڏسي روئان يا پڇتاءُ ڪين پر همٿ ڪري ان جو مقابلو ڪرڻ جو يتن ڪريان.“

هڪ دفعي وري چيائين، ”هاڻي جيون جي شام اچي ويئي آهي. منهنجي زندگيءَ تي رات جو پاڇو پئجي چڪو آهي. اسان به جاڻ، جاڻ موڪلايو.“

جڏهن پوپٽيءَ پنهنجي آتم جيوني ٿي لکي ته بيحد بيمار هئي. هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي، ”نراس ته مان نه ٿيندي آهيان، نه وري ڊڄندي آهيان. پر هن ڀيري شريرڪ پيڙا ڪجهه زياده هئي. مونکي صرف هڪ ئي خيال پئي ستايو - اپاهج بڻجي زندگي ڪيئن گذاربي؟ هن ڀيري مون موت سان خوب چڪري ڪاڌي. هڪ ٻه دفعو ته مون هار مڃي پنهنجا هٿيار ڦِٽا به ڪيا ۽ آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿيس. پر عين وقت تي منهنجي هوش ۽ حوصلي جي ڦٽڪار مونکي لڙائي ڪرڻ لاءِ اُڀاريو ۽ مون ڪال کي گوهي ڏيئي ورتي! اندر بدن ڪهڙو به هجي، ٻاهران ته رنوويشن لڳي ٿو نه؟“

هن هڪ دفعي ڪونج ۾ لکيو :
مونکي پن ڪش سمجهي

ارجن ميرچنداڻي ”شاد“



جنم : 17 ڊسمبر 1924ع
سکر (سنڌ)

مرتيو : 3 نومبر 2006ع
ممبئي

آهيو، پوءِ ائين ڇو ڪَيُوَ؟'' پوپٽي ٻالهہ کي ٽاري ويئي. چيائين، ''لڇاڻي، اڄ الائي گهٽڻ ڏينهن کان پوءِ کِلي آهيان.''

ڪملا جي گذاري وڃڻ کان پوءِ، پوپٽي بلڪل اڪيلي ٿي پيئي، جنهن ڪيس نهوڙي ڇڏيو. هوءَ بيحد ڊپريشن ۾ اچي ويئي. پوپٽيءَ جي اها حالت ڏسي، سندس ڀاڻيجي کيس پنهنجي گهر وٺي ويئي. پر هن جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. ڳالهائڻ بہ بند ٿي ويس. سڃاڻڻ جي شڪتي بہ وڃائي ويٺي. اهڙي نموني بيمارين سان لڙندي لڙندي هن 17 ڊسمبر 2005ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

■

ادبي ماڻڪُ

ارجن گوبندرام ميرچنداڻي شاد، جنهن جو نالو اڄ به سنڌيءَ جي ادبي مرڪزن ۾ عزت سان ورتو وڃي ٿو؛ تنهن جو جنم 17 ڊسمبر 1924ع تي سنڌ جي سکر شهر ۾ ٿيو هو، جيڪو هينئر پاڪستان جو حصو آهي. هن جا ابا ڏاڏا اصل حيدرآباد جا هئا، جن پوءِ لاڙڪاڻو اچي وسايو. ارجن ميرچنداڻي شاد سنڌيءَ جي هڪ اها مانائتي شخصيت آهي، جنهن اڌ صديءَ کان به وڌيڪ سنڌي شاعريءَ ۾ نين نين طرح جي رنگن ۽ واس وارا گل مهڪائي، سنڌي شاعريءَ جي ساک ۽ پَتِ کي برقرار رکيو. حياتيءَ جي آخرين گهڙيءَ تائين سندس قلم جي مس ڪانه سڪي. وڌندڙ عمر به هن جي سوچ ۽ فڪر ۾ فرق نه آندو. ارجن شاد جو هند-سنڌ جي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ خاص رتبو قائم آهي.

ارجن ميرچنداڻي شاد ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي شهر ۾ حاصل ڪئي، جتي سنڌيءَ جي برک شاعرن ڪشنچند بيوس، هوندراج دکايل، پريو وفا، هري دلگير، رام پنجواڻيءَ اڳ ئي ادب جي ڏوڻي ڏُڪائي رکي هئي. ننڍو ارجن به اُنهن جي شاعريءَ ڏانهن مائل ٿيو ۽ اڳتي هلي اُنهن جي صحبت نصيب ٿيس. هن جي پهرين ڪوتا سن 1938ع ۾ شايع ٿي. هنَ جي تخليقي

منهنجي هر شعر جو هر لفظ
ٻٽي باه جو جڻ گولو ٿو ٻاهر نڪري
ڇو تہ هي ناهہ فقط منهنجي ئي دل جي جوالا
هن ۾ شامل آ هزارن ۽ لکن جي آتش ...

ارجن ميرچنداڻي جڏهن سن 1942ع ۾، پريميئر هاءِ اسڪول، ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي تہ سندس دوستي سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز سان ٿي ۽ سندس ادبي دائرو وسيع ٿيندو ويو. ارجن چواڻي:

”اهي ڏينهن مونکي ڪيئن وسرندا جڏهن اسين ٻئي هڪ ٻئي جون ٻانهون ڪلهن جي آرپار ڪري ميدانن جا ميدان لتاڙيندا هئاسين. جتي مون چيو هو:

مَرُ لڙي جي نہ ٿين لڙي آزاد
جي غلاميءَ ۾ چو تباہ ٿجي!

اُتي شيخ اياز جو آواز گونجي اُٿيو هو:
”او باغي- او راڄ دروهي، ڀارت جي بلوي جا باني.“

اوچتو ڀارت جو ورهاڱو ٿيو. ارجن ميرچنداڻي شاد کي بہ ٻين سنڌين جيان سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري، هند ۾ اچڻو پيو. هن ڪجهہ وقت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي شرنارٿي حياتي گذاري، پوءِ سيان هليو ويو ۽ آخر ۾ جهو، ولي پارلي ڊيولپمينٽ اسڪيم، ممبئي وڃي وسائي، جتي ئي 3 نومبر 2006ع تي شانت ٿيو. ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ 1949ع ۾ هن موهنيءَ سان پيار جي شادي رچائي. شاد پهرين خالصا ڪاليج ۾، پوءِ جئہ هند ڪاليج ۾ بطور ليڪچرار ٿي ڪم ڪيو. ان بعد بمبئي يونيورسٽيءَ مان رام پنجواڻيءَ جي رٽائر ٿيڻ کانپوءِ، ارجن ميرچنداڻي شاد 1981ع ۾ جئہ هند ڪاليج کي الوداع ڪري، ممبئي يونيورسٽيءَ سان ريڊر طور وابستہ ٿيو ۽ اُتان ئي 1985ع ۾ رٽائر ڪيو.

ورهاڱي کانپوءِ، سنڌي شاعري ٽن دورن مان گذري آهي. پهريون ترقي پسند دور، ٻيو تجرباتي دور ۽ ٽيون نئين ڪوتا ۽

قوت سن 1942ع جي قومي هلچل مان ڪافي اُتساهه حاصل ڪيو. ارجن شاد 1942ع واري آزاديءَ جي هلچل ۾ بہ ڀرو ورتو ۽ ڪافي انقلابي ڪوتائون لکيون. هن کي جيل بہ ڀوڳڻو پيو. ارجن شاد چواڻي :

”آزاديءَ جي راهہ ۾، اُمنگن جي اُٿل ساريءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويئي. جيلن جون جنيون قبول ڪري، منهن تي مرڪ رکي، اڳتي ڌوڪيندا ويندا هئاسين. اسڪول ۽ ڪاليج ڦري لللڪار جا ايوان بڻجي پيا. اها ماضي مونکي سنڌ جي سر زمين تي نصيب ٿي.“(1)

هوُ ’منهنجي تخليقي طرز‘ ۾ بي هنڌ لکي ٿو :

”قومي هلچل واري وقت ۾ مون تي بلند پايي جي عوامي شاعر هوندراج دکايل جو گهڻو اثر هوندو هو. پربات-ڦيرين ۾ سندس قومي گيت ڳائيندي، منهنجي دل جي اُمنگن ۾ جا جنبش پيدا ٿيندي هئي، تنهن هڪ اهڙي جنون کي جنم ڏنو، جنهن جي بدولت منهنجي شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ملي ويو. ”ڪئٽ انديا“ تحرڪ ۾ ورتل حصي جي دوران، مان اڳ پوءِ جو خيال نہ ڪري، اهڙا قدم کڻندو هوس، جن جو اڄ بہ تصور ڪري پنهنجي همت تي عجب ڪائيندو آهيان!“

سرڪار خلاف مخفي بليٽنون ڪڍڻ ۽ بين ڪيترن انقلابي اعمالن سان هن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو ورتو. سن 1942ع ۾ ڪئٽ انديا هلچل جي دوران هن کي جيل اُماڻيو ويو ۽ ٻيو دفعو وري کيس 1946ع واري بحري بغاوت جي حمايت ڪرڻ لاءِ جيل جي سزا ملي هئي. 1942ع واري قومي هلچل، هن جي شاعريءَ ۾ پڙڪندڙ باهہ پيدا ڪئي. هن جي شاعريءَ ۾ بغاوت جو سُرُ ڳونجڻ لڳو :

1. ارجن شاد : ساهتڪار - 94 مهاراشٽر راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪادمي، بمبئي. سن 1994ع. ص. 1

ويچار ڌارا منهنجي شعر کي وسعت بخشي ڇڏي ۽ سيني مونکي باغي شاعر جو خطاب عطا ڪري ڇڏيو." مارڪسواد کان متاثر ٿي هوُ بامقصد شعر چوڻ لڳو. سندس شعرو شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي اهو ڪجهه وڌيڪ ٿي اظهار پائڻ لڳو هو. مارڪسوادي ادب جي گهري مطالعي باعث، ارجن شاد جي ڪيترن شعرن ۾ سماجوادي نظريو نمايان ٿي بيٺو آهي :

آءٌ مِلن ۾، فٽ پاٿن تي ويهي پنهنجو گيت لِکان
ڪين ڪٿي آڪاس تي پنهنجي گيتن کي ٿو آءٌ وجان
غيب جون ڳالهيون ڪين ڪريان مان، منهنجو دنيا سان ٿي لاڳ
آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ، مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳ!

ميءَ ۾ نهيون ڏيان ٿو، ڇڙهي پر نہ ٿو خمار
افسوس حال پنهنجي تي ڪاوان ٿو بار بار
ڪهڙو جيئڻ ٿيو روح جتي بند قيد ۾
آيو ڪڏهن پکيءَ کي اُڏامڻ بنا قرار؟
نغمن تي نغما دل جڏي ڳائڻ جي لءِ سڪي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل چڪي!

هن مجموعي جي ٽين مشهور ڪوتا آهي، ڪوي ۽ احساس'. 'ڪوي ۽ احساس' لاءِ ارجن شاد پاڻ لکي ٿو :

"ڪهاڻي رسالي پاران ڪيل چناپيٺيءَ ۾ نارايڻ شيام جي هڪ ڪوتا ۽ منهنجي 'ڪوي ۽ احساس' ڪوتا کي ججن جي فيصلي مطابق سڄي هندستان ۾ پهرين نمبر انعام جو حقدار ٺهرايو ويو."

تو ۾ دردن جا اگر دود دکيا ٿي ناهن
تنهنجا هي جان جگر ڏک کان ڏکيا ٿي ناهن
تنهنجي دل کي جي ڪڏهن لهس نہ آئي هوندي
چنگ پو ڪهڙي تو گيتن ۾ سمائي هوندي؟

اِهو ترقي پسند نظريو، ڪيترن ڪارڻن سبب، ٽڪي نہ سگهيو. چوٽي آهي 'پاني بهتا يلا، جوگي چلتا يلا'، سائي نموني

اڪوتا جو دور. جينوٽيڪ ويهين صديءَ جي نائين ڏهاڪي ڌاري، سنڌي شاعريءَ ۾ بعد جديديت (Post Modernism) جي لهر بہ اُڀري آهي؛ تنهن تي بہ ايڪويهين صديءَ ۾ بحث مباحثا ٿيڻ شروع ٿيا آهن. سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ڌارا جو آغاز، ورهاڱي کان ٿورو اڳ ٿي چڪو هو. اهو تخليقي تابِش جو هڪ اهڙو عالم هو؛ جنهن ۾ هر قلمڪار، ٿانڊي جيان پڇري، پنهنجو فني ۽ فڪري تجلو ڦهلائي رهيو هو. اردو زبان ۾ ان جا باني هئا؛ سردار جعفري، ڪيفيِ اعظمي، اختر ال ايمان، ساحر لڌيانوي، جنهن جو نظم ’تاجمحل‘ ان وقت هر ڪنهن جي زبان تي هو ۽ ڪي ٻيا. هي نہ صرف صاحبِ-فڪر هئا، مگر اعليٰ اديب پڻ هئا. اسان جا نوجوان ۽ پرجوش اديب اُنهن کان بيحد متاثر ٿيا. حالتن جي تقاضا پڻ اِها هئي. ترقي پسند ادب جا مکيہ موضوع هئا : سرمائيدارن جي لوٽ مار تي ملامت، امن لاءِ محبت ۽ جنگ لاءِ نفرت، عورت جي عزت ۽ هن جي مرتبي جو احساس ڏيارڻ، هڪ نئين سماج جو ادب ذريعي نرماڻ ڪرڻ ۽ ان سان وابستہ ٻيا تمام پهلو. ان طرح جي موضوعن اسان جي ادب ۾ جوڳي جاءِ حاصل ڪئي. اُلهاسنگر ۾ ان ينيت جون ٽي جنگاريون زور سان بخوبي چمڪنديون نظر آيون، سڳن آهوجا، ايشور آنچل ۽ ارجن شاد. سڳن آهوجا جو انداز وڏيڪ ڪلاتمڪ هو. جڏهن تہ ٻين شاعرن ۾ بلند آوازيءَ وارو ڍنگ سرس هو. ارجن شاد جو ”آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ“ (2) شعريہ مجموعو، اهڙين رچنائن ۾ هڪ آبرودار جڳهہ والاري ٿو، جنهن ۾ شاعر داخليٰ احساسات کان ڪنارو ڪري، سماج جي مظلوم طبقي جي مجموعي جذبات سان جڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ“ شعري مجموعي جي مقبوليت پنيان هڪ سبب اِهو بہ هو جو ڪتاب جي مهڙ ۾ رام پنجواڻيءَ شاد جي شاعريءَ جي ساراهہ جون سرڪيون پريون آهن ۽ گوبند مالهيءَ شاد جي شاعريءَ جي وصفي وضاحت ڪئي آهي. ارجن شاد چواڻي : ”ترقي پسند

2. ارجن گوبندرام ميرچنداڻي (شاد). پبلشر ليڪ پاڻ.
1 اپريل 1957.

ڏيندا پورا نہ هي تڪرار، هليا ويندا سي
بس فقط پنهنجو ئي اونو ڪ هين جو پي ٿي؟
ڪر هين جو بہ تہ ويچار، هليا ويندا سين.

”آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ“ ڪانپوءِ ارجن شاد جو ”ڏاهيون ڏک ڏسن!“ (3) نرتيہ ناٽڪا ظاهر ٿيو. ناٽڪ سيني ڪلائن جو سنگم آهي. ان ۾ گيت-سنگيت، گفتگو، اداڪاري، نرتيہ مڙيئي عناصر رهن ٿا. سنگيت بئلي ۾ لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جو استعمال ٿئي ٿو. لوڪ گيتن ۾، ڪنهن بہ قوم جي نہ فقط روزمره جي حياتيءَ جو عڪس ملي ٿو؛ مگر ان جي زبان، طرزحيات ۽ اميدن - نااُميدن جي اظهار مان تهذيب بہ جهلڪا ڏئي ٿي. ”ڏاهيون ڏک ڏسن!“ ارجن شاد جو ليلا چنيسر لوڪ ڪهاڻيءَ کي آڌار بڻائي لکيل سنڌيءَ جي پهرين نرتيہ ناٽڪا آهي. تخليقڪار، هن ۾ شاعريءَ جي فن سان گڏ، ناٽڪي فن سان بہ ڪلاتمڪ نموني نڀاهيو آهي. ليڪڪ بئلي ۾ چنيسر، ليلا خواه ڪونئرو، ٽنهي ڪردارن کي سڀاويڪ انساني صورت ۾ پيش ڪيو آهي. هيءَ نرتيہ ناٽڪا ليکڪ آل انڊيا ريڊيو جي ڊمامنڊ ۽ رام پنجواڻيءَ جي چوڻ تي تخليق ڪئي هئي. هيءَ بئلي آل انڊيا ريڊيو طرفان، جئہ هند ڪاليج هال ۾ 7 فيبروري 1960ع تي پيش ڪئي ويئي هئي؛ جڏهن ارجن ميرچنداڻي شاد اُتي ليڪچرار هو. هن بئلي تز قافيہ بندي، سليس ۽ رسميہ ٻوليءَ سبب ڏسندڙن کي بيحد اثرانداز ڪيو هو.

ان بعد سيپٽمبر 1967ع ۾ ارجن شاد جو سوويت ڪوتائن جو ترجمو ”وولگا جي ڪناري“ (4) شايع ٿيو، جنهن تي کيس سوويت لئنڊ نهرو انعام عطا ٿيو. نظم جو نظم ۾ ترجمو ڪرڻ آسان ناهي. ارجن شاد خود هڪ برک شاعر هئڻ ڪري، نظمن کي

3. ارجن ميرچنداڻي (شاد) : ڏاهيون ڏک ڏسن!
پبلشر ليکڪ پاڻ. ميءِ 1960ع.

4. ارجن شاد : وولگا جي ڪناري، جهنڪار ڪلا نڪيتن پبلشنگ سوسائٽي، سيان - بمبئي. 1967ع

سوچيندڙ قلمڪار لاءِ به هڪ هنڌ بيهڻ هاڃيڪار آهي. جڏهن ترقي پسند دور وارين لکڻين ۾ سطحيت گهر ڪري ويئي، ادب هڪ نعريبازي بڻجي پيو، تڏهن ان دور جي نمائندگي ڪندڙ اديبن رڪجي، نئين سِري سان، نين حالتن، واقعن ۽ نظارن جي مقابل ٿي، پاڻ سنڀالي ڪنڌ مٿي ڪنيو، تڏهن هنن جي سوچ، سمجهه ۽ شعور ۾ نئون موڙ آيو. نوجوانن اديبن جي تخليقي قوت نوان گس ڪڍيا ۽ پراڻين ادبي روايتن کان پلئه آجا ڪيا. ارجن ميرچنداڻي شاد به انهن مان هڪ هو. شاد چواڻي :

"منهنجو عقيدو آهي ته هڪ هنڌ بيهي رهڻ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي. خيال جي وهڪري کي بند ڏيئي بهاري نه ڇڏڻ گهرجي. ڪيس ڇيڪ ڇڏي ڏجي ته پل نيون واديون لتاڙي. ائين مارڪسواد جو ايترو اڀياس اٿم جو ان بابت ڪجهه نه ڪجهه لکي وقت صرف ڪري سگهان ٿو. مان ائين ڪري پاڻ کي ٽڳڻ نٿو چاهيان. ڪنهن به 'واد' کي هر حال ۾ پڪڙي بهڻ مونکي دماغي اڌرنگ برابر لڳندو آهي ڇو ته زندگي 'وادن' کان مٿي آهي."

هُو 'آئيني جي اڳيان' ۾ بي هنڌ لکي ٿو :

"هينئر محسوس ڪيو اٿم ته مارڪسواد آرٿڪ، سياسي ۽ سماجڪ ڇنڊ ڇاڻ لاءِ بيشڪ ڪارائتو آهي، پر شخصي زندگيءَ ۾ ان کي رهبر بڻائي نٿو سگهجي. ان لاءِ مونکي گيتا جهڙن پستڪن مان وڌيڪ روشني ملڻ جي اُميد آهي."

ان بعد سندس شاعريءَ ۾ نئون موڙ آيو. گويا سندس سپنو ٽٽي ٿو پوي ۽ هن ۾ هڪ قسم جي بغاوت ٿي اچي. ايتري قدر جو هڪ روايتي عشقيه غزل ۾، ڏسو هو ڇا ٿو چوي :

آءُ ڍوليا ته ڪريون پيار. هليا ويندا سين
ڪيسين هئن رهبو پلا ڌار. هليا ويندا سين
ڪجهه خطا منهنجي ته ڪجهه تنهنجي به هوندي ڍوليا!

لکڻيءَ ۾ خود نفاست پيدا اثر ڪري ٿي
ڪٿن تا چون ادب جو هيئت سان ناهه مطلب!

ارجن شاد 'ڪويءَ احساس' ڪوتا ۾ چوٿو:

تنهنجي دل کي جي ڪڏهن لهس نہ آئي هوندي
جنگ بو ڪهڙي تو گيتن ۾ سمائي هوندي؟

اِها مڃيل حقيقت آهي تہ جيسين ڪنهن شعري تخليق ۾ زندگيءَ جو رنج وَ غم، خوشي ۽ راحت ان جو تناءُ ۽ ان مان جڙيل سماجي، سياسي، تهذيبي شعور شامل نٿو ٿئي، ۽ جيسين شاعر اها جذباتي تپت ذهني ولوڙ مان حاصل نہ ڪئي آهي، تيسين محاورن، استعارن، تشبيهن ۽ علامتن جي چمڪ ڏمڪ هڪ دوکو آهي، هڪ فريب آهي، ڇاڪاڻ جو ان بنا تخليق ۾ زندگيءَ جي ڌڙڪن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي.

ارجن شاد چوائي:

"ڪڏهن ڪڏهن شاعر ظاهري اثر پيدا ڪرڻ لاءِ مبالغي آميز طريقن کان ڪم وٺندو آهي. اهڙي نموني فقط مصنوعي عڪاسي ڪري سگهجي ٿي، پر صحيح تاثر پيدا ڪرڻ واري ڪوتا نہ ٿي رچي سگهجي."

مان ارجن شاد جي شاعريءَ جي صنفن يا هيئت وغيره تي ڳالهائڻ عيوض سندس شاعريءَ تي ئي ڳالهائيندس. ارجن شاد جو لکيل غزل گهٽو ڪونهي. هن جو غزل روايتي هوندي بہ، احساسات جي اثرائتي اظهار سبب، من ۽ ذهن ۾ پيهي وڃي ٿو، انفراديت ڀري نگاهہ سبب، دِل ۽ دماغ تي دائم تاثر ڇڏي ٿو. ارجن شاد ادبي دوستن جي وچ ۾ ويهي، جڏهن پنهنجا شعر ٻڌائيندو هو تہ سموري ماحول تي ڇانئجي ويندو هو. اهڙو هڪ مثال پيش ڪري، مان پنهنجي موضوع کي اڳيان ڪڍندس.

19 ڊسمبر 1999ع هوٽل گلئمور ۾ ويٽا پبليڪشن طرفان آيوجت هڪ اُتسوَ ۾، ايم. ڪمل جي شعريہ مجموعي "هڪ ٻي رات" جي رونمائي ساهتيہ اڪادمي انعام يافتہ شيام جئسنگهاڻي

وزن تي ڀاري، عمدو ترجمو ڪري سگهيو آهي. هوئنءَ بہ بي وزن نظمن جي ڀيٽ ۾ موزون شاعري وڌيڪ متاثر ڪري ٿي. مصرع ۾ ڪهڙو لفظ ڪٿي ڪم آڻجي، ان سٽاءَ جو بہ مترجم خيال رکيو آهي. هن سر حرفيءَ (Allitertion) جي مناسب استعمال سان بہ، ترجمي جو حسن وڌايو آهي.

ارجن شاد جو شعر گهٽو ڪونهي، پر مقبوليت ڪافي حاصل ڪئي اٿائين. هن جي شعريہ مجموعن ۾ سندس گيت، نظم، رباعي، غزل ۽ نئين ڪوتا وغيره ڏنل آهن. پر شاعر غزل ۽ نئين ڪوتا ۾ ڀرپور زور ۽ جمال سان اُڀري بيٺو آهي. هن جا صحيح معنيٰ ۾ شعريہ مجموعا فقط ٽي آهن: ”آءُ گهٽين جو ٻائيندڙ“، ”تپسيا جون روشنيون“ ۽ ورهاڱي جي درد تي لکيل طويل نظم ”اندو دونهون“، جنهن ڪتاب تي ڪيس سن 1983ع ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪادمي اوارڊ ۽ مهاراشٽر گورو پرسڪار عطا ٿيا. چوٿون ڪتاب ”ڌرتيءَ جو درد“ سندس اڳين شعريہ مجموعن جي عيوضي شاعريءَ جو انتخاب آهي. هن شعريہ مجموعي ۾ ارجن شاد جي نئين ۽ اڻ ڇپيل شاعري بلڪل ڪانهي. باوجود ان جي ارجن شاد سنڌيءَ جو هڪ برک شاعر ٿي اُڀريو. هن جو شعر گهري سوچ جو احساس ڪرائي ٿو. هو سدا وقت جي هر لمحي سان شامل ٿي، وک وڌائيندو رهيو. هر دور ۾ نواڻ ۽ تازگيءَ جي احساس سان پڙهندڙن جي ذهنن کي مالا مال ڪندو رهيو. شعر لاءِ بحر وزن جي پيروي شعر جي جمالياتي تقاضائن جي برٿوابيءَ لاءِ، ان جو اڻ ٽر انگ بڻجي اچي ٿي.

ارجن شاد جي موزون شاعري گهڻو ڪري وزن قافيہ ۽ رديف مطابق ئي آهي. هن کي بحر وزن جو پورو علم هو ۽ هن الڳ الڳ وزنن تي شعر چيا آهن. ڪارڻ شروع شروع ۾ هري دلگير، هن کي بحر وزن جي پيچيدگين کان آشنا ڪيو هو. ارجن ميرچنداڻيءَ تي 'شاد' تخلص بہ هري دلگير ئي رکيو. احساس جي گهرائي، چست بندش ۽ فنائتي اظهار باعث شاد جي شاعري پنهنجو ڌاڪا گذرڻ ڪانپوءِ بہ ساڳي مناسبت رکي ٿي ۽ دل کي چوري ٿي :

عشق محبت جي احساسات جو اظهار، غزل ۾ نهايت دلپذير نموني ڪيو ويو آهي. عشق محبت جو واسطو ڪنهن خاص زمان سان به ڪونهي، ان ڪري غزل هر دور ۾ زنده رهيو آهي. پر موجوده صورتحال ۾ عشق محبت جي موضوعن کان علاوه ٻيا مضمون به غزل ۾ شامل ٿي ويا آهن. اڄ موضوعن جي لحاظ کان غزل ۾ وسعت آئي آهي؛ ان ۾ سنڌي ماحول به نمايان ٿيو آهي.

آهه ساڳي زمين ۽ اهو آسمان
هِتِ به آهن، هُتي ئي نه ها گلستان
چوطرف هت به ٿو سنڌ وارا ڏسان
پر لڳي سنڌ جيان چو نه ٿو هندستان!

سرحد جي پار منهنجي نظر ڪي اُڏڻ ڏيو
اصلي وطن جي ٻي ته زمين ڪي ڏسڻ ڏيو.
هر فرد جي نراڙ تي هر قوم جا نشان
’سنڌين‘ ۾ مونکي سنڌ جي صورت پسڻ ڏيو.

ارجن شاد جو غزل، جيڪو بحر وزن جي لحاظ کان پڪو پختو آهي، تنهن ۾ سندس دل جا اُمنگ ۽ احساسات ڏاڍي صداقت سان اظهاريل آهن. غزل جو مقصد به اهو ئي آهي ته داخلي جذبن جو تغزل جي روپ ۾ اظهار هجي. غزل جا به پاسا آهن. هڪ آهي ان جو ٽيڪنيڪ، جنهن ۾ وزن ۽ قافيو وغيره اچي وڃن ٿا ۽ ٻيو آهي ان جو سِتاءُ، جنهن ۾ احساسات، خيالات وغيره اچي وڃن ٿا. ارجن شاد ٻولي ڪافي سولي ۽ عام فهم استعمال ڪئي آهي. ارجن شاد جي غزل ۾ ڪٿي ڪٿي پارسي ۽ عربيءَ جا دقيق لفظ به ملن ٿا، پوءِ به اُنهن ۾ سنڌي زبان جو رنگ قائم آهي.

هر ڪنهن قلمڪار وٽ پنهنجا پنهنجا احساس آهن. جڏهن شاعر احساسات جي شدت کان مجبور ٿي، پنهنجي تجربي کي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو، تڏهن آپ بيتي، جڳ بيتيءَ جو احساس ڪرائي ٿي. در اصل اعليٰ شعر ۾، شاعر جو جذبو، مشاهدو، احساس يا خيال دِل کي تڏهن ٿو ڇُهي، جڏهن هن پنهنجي

۽ هري موٽواڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ سنڌيءَ جي برک شاعر ۽ نقاد ڊاڪٽر ارجن شاد جي شپ هٺن سان ڪئي ويئي هئي.

ڊاڪٽر ارجن شاد، اُتسو جي صدارت ڪندي، پهرين ايم. ڪمل جي ”هڪ ٻي رات“ ڪتاب جو وموچن ڪيو ۽ اُن بابت ڳالهائيندي چيو هو ته ”بهترين شاعري اُها آهي، جنهن ۾ جذبات مان تشبيهون پنهنجو پاڻهي اُپري اچن ۽ اها خوبي ايم. ڪمل ۾ پليءَ پانت موجود آهي. هن جي غزل ۾ تغزل سان گڏ مضبوط پڪڙ پڻ آهي. اڄ جي دور ۾ ڀارت جي پهرين صف جي شاعرن ۾ ايم. ڪمل بلند مقام جو حامل آهي.“ شيام جئسنگهاڻيءَ چيو هو ته ”ايم. ڪمل جو هر شعر ٻڌندڙن کي بيخود ڪري ڇڏيندو آهي.“ هري موٽواڻيءَ به ايم. ڪمل جي شاعريءَ جي بيحد ساراهه ڪندي چيو هو، ”هيءُ شاعر، برصغير جي بهترين سنڌي شاعرن ۾ شماري سگهجي ٿو.“ نند جويريءَ چيو، ”ڪيڏو نه حسين اتفاق آهي، جو هڪ اعليٰ شاعر جو ڪتاب، ٻئي اعليٰ شاعر جي هٿن ڪان رليز ٿي رهيو آهي.“ ٻيا به گهڻيئي ادب حضرات ان محفل ۾ موجود هئا، جيئن ته منوهر بيدي، نند ڇڳاڻي، نارايڻ ڀارتي، ڪمار تيجواڻي، پريم تولاڻي، نيوند واڌواڻي، جڳوير، ٻلديو مٽلاڻي وغيره.

پروگرام جي پڇاڙيءَ ۾ ارجن شاد کي شاعري ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو هو. ارجن شاد پنهنجي ڪيتري شاعري پڙهي ٻڌائي. ٻڌندڙن خوب Enjoy ڪيو هو ۽ تاڙيون وڄائي ڪيس داد ڏنو هئائون، ڇو ته جيئن شاعريءَ جي تخليق هڪ فن آهي، تيئن شعر پڙهڻ / ٻڌائڻ به هڪ ڏانءُ آهي. هن جي شاعري بنا سُرَ ۽ ساز جي ٻڌندڙن جي روح جي غفائن ۾ سمائجي ويئي. اڄ به منهنجي ذهن جي اسڪرين تي، اُهو منظر فلمي تصويرن جيان چرپر ڪندو نظر اچي ٿو.

شاعريءَ جي پياري صنف غزل، سنڌيءَ ۾ بيحد ئي مقبول آهي. غزل جو موضوع منڍ کان وٺي عشق محبت پئي رهيو آهي.

شاعر وٽ چوڻ جو خوبصورت ڍنگ آهي، پرڪشش عبارت آهي. سر حرفيءَ به شعر جو حسن وڌايو آهي.

پيتم شراب - حسن جا پيالا پري پري
منهنجي اکين جي اڄ اجا برقرار آ.

روايتي هوندي به شاعر پنهنجي نجي نرالي انداز ۾ علحدگي ڪٽي آيو آهي. احساس دل کي ڇهي ٿو.

هن جا ڪجهه ٻيا شعر آهن :

دل ۾ آ منهنجي "شاد" حسين صورتن جو گهر
مان ڪئن چوان ته منهنجو مقدر غريب آ.
جنهن لءِ وڌم ٿي واجهه سو گهائي ٿو گهور سان
حسن ۽ حجاب جو به هيءُ منظر عجيب آ

مٿيون بند روماني ضرور آهي، پر ان جي اندازِ بيان جي دلڪشي ڏسڻ وٽان آهي.

هر گل جي خون اندر صحرا لڪل رهي ٿو
اِنسان جي خوشيءَ ڪي ڪائي بقا به آهي؟

ارجن شاد غزل جي باريڪين، نفاستن، نزاڪتن، آداب ۽ اسلوب کان بلڪل آشنا هو. هو ترتيب ۽ نفاست پسند هو.

ارجن شاد چوائي :

"غزل ۾ مان ان جي ذاتي صفت موجب، داخليت جي انداز جو استعمال وڌيڪ پسند ڪندو آهيان. سماج جي خارجي مسئلن جي چند چاڻ گهٽ ۽ دل جون ڳالهيون وڌيڪ ظاهر ڪرڻ جو قائل آهيان. خاص ڪري عشق محبت، وفائي بي وفائي، حسرت ۽ مسرت وصل ۽ وڇوڙي وغيرهه جون ڪيفيتون منهنجي غزل ۾ گهڻي قدر نظر اينديون."

تخليقڪار وٽ مقرر لڪيرون ڪونهن، گوناگونيت آهي. رعبدار ۽ شاهاڻي شخصيت، سٺا همدرد رهبر ۽ دوست : هري دلگير، رام پنجواڻي، گوبند مالهي، پريو وفا، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز وغيره ملڻ سبب ارجن شاد سنڌي شاعريءَ تي ڇانئجي

تجربي کي مڪمل ريت پاڻ ۾ جذب ڪيو هجي، ان کي مڪمل سپردگي عطا ڪئي هجي. ارجن شاد جون ترقي پسند دور ۾ لکيل ڪيتريون رچنائون، اڄ به پنهنجو آب تاب قائم رکي بيٺيون آهن. ترقي پسند دور جي هن شعلي جو شعاءُ ورهين بعد به وساڻو ڪونهي :

رت ڪنوري جي ڏيڻ کان پو رُکي روني نصيب
رکي روني به ڪٿي، جي پوي بيمار غريب؟

مان ڪلڻ جي واسطي ڪلندو به آهيان "شاد" پر
ٿا چون جنهن کي خوشي، سؤ ڪوهه مونکان دور آ.

محنت جو ڦل جي هاڻ نه هئي جنم ۾ ملي
جنمن ۾ پر جمي نه جي ويساه ڇا ڪجي؟

سرڪار پنهنجي ساڻ بغاوت ٿي ڏوهه، پر
جي ڏينهن رات بک ۾ ٿجي پاهه، ڇا ڪجي؟

شاعر تمام سليس ۽ سهڻن لفظن ۾ حياتيءَ جي تلخ احساسات جو اظهار ڪري ٿو، پنهنجي دور سان هم آواز ۽ هم قدم بڻجي! پيار محبت به ارجن شاد جي شاعريءَ جو موضوع بڻجي آيو آهي. هن پيار محبت جي موضوعن تي چڱو ئي غزل چيو آهي. عشق محبت جو موضوع ڪڏهن به پراڻو ٿيڻ جو ناهي. ارجن شاد جي رومانوي ڪلام ۾ خيال، فڪر، احساس ۽ اندازِ بيان اهڙو آهي جو پڙهندي دل ۽ ذهن ۾ پيهي ٿو وڃي. هن جو رومانوي غزل پڙهندي احساساتي ڇهاءُ محسوس ڪجي ٿو. هن پيار جو اظهار ڪيترن ئي رنگن روپن ۾ ڪيو آهي :

مونکي ڪهڙي چاڻ ته تنهنجون نظرون سڀ سان نڪرن ٿيون،
مون سمجهيو هو شايد هاڻي پريت جا پيچ پڪيرا ٿيا.

سن 1974ع ۾ شايع ٿيل ”تپسيا جون روشنيون“ (5) سان ارجن شاد جي شاعريءَ جو هڪ بلڪل نِرالو روپ ظاهر ٿئي ٿو. هن شعري مجموعي ۾ ارجن شاد جي قافيه رديف ۽ بحر وزن جي پابند شاعريءَ سان گڏ، بحر وزن کان بلڪل آزاد نظمون به شامل آهن، جن کي ’نئين ڪوتا‘ نالو ڏنو ويو آهي. ارجن شاد چوائي ٿو:

”مون پنهنجي شاعري، قافيه رديف ۽ بحر وزن جي پابندين سان شروع ڪئي ۽ لڳاتار اُنهن پابندين جي اندر ئي لکندو رهيو آهيان. منهنجو اِهو ويچار آهي ته وزن ۽ قافيو شاعريءَ لاءِ بلڪل ضروري نه آهي. بلڪ ڪيترن وقتن تي اِهي شاعر جي جذبات ۽ ويچار لاءِ هڪ قسم جي زنجير آهن. ”نئين ڪوتا“ ان دعويٰ جي ثابتي ڏئي ٿي.“

ارجن شاد جي سوکيم جذبات جي خوبصورت عڪاسيءَ جي لحاظ کان ’تپسيا جون روشنيون‘ ڪوتا غور طلب آهي:

دل ۾ سانديل جو محبت جو اثر / آهه ورهين کان /
سو اثر ڪنهن‌کي ڏيان؟ / آگ جا ڀڙڪي اُٿيا شعلا /
مگر / دل نه ڳري / لوه مثل / لال لال بٺجي ويئي /
مان اُهي روشنيون تپسيا جون / هن ’سپيه‘ دنيا ۾ /
ڪنهن کي ڏيان؟

’صبح ۽ سانجهي‘ ڪوتا ۾ شاعر اڄ جي اِنسان جي انتر آتما جي درد جو نهايت ئي پراثر عڪس چٽيو آهي. اڄ جي انسان جي بيوسيءَ جو اهڙو چِٽُ، ڀارتي ادب ۾ ملڻ آسان ناهي:

هر صباح جو سورج / منهنجي لاءِ هڪ نئون سورج هوندو آهي / هر صباح منهنجي لاءِ / زندگيءَ جي، شروعات هوندو آهي / اڳينءَ رات جو / مان پنهنجي ڪل حسرتن کي / ننڊ جي انتڪار ۾ مِنائي / صباح جو نئون سنئون ٿي اُٿندو آهيان / پر سانجهيءَ تائين

5. ارجن شاد : تپسيا جون روشنيون.
پبلشر ليڪ پاڻ. 1974ع.

ويو هو. هن مداح ۽ ثناخوان بہ پيدا ڪيا. جن ارجن شاد جي شاعريءَ کي ساراهيو. ان ڪري سندس ادبي سرهاڻ، هند جون حدون پار ڪري، سنڌ ۾ پڻ ڦهلي. ارجن شاد غزل کان علاوه ٻين شعريہ صنفن تي بہ طبع آزمائي آهي؛ جهڙوڪ گيت، رباعي، آزاد نظم، نئين ڪوتا وغيره.

سنڌيءَ ۾ سن 1970ع جي آس پاس نئين ڪوتا جي صنف اُڀري ۽ ڏهاڪو کن سال، سنڌي ادب ۾ ان جو زور رهيو؛ جيتوڻيڪ هينئر بہ اهڙي قسم جون رچنائون ٿينديون رهن ٿيون. اِها شاعري روايتي شاعريءَ واري ميناج، ريشمي اُلٽت، ليءِ، موسيقي ۽ لفظن جي نرميءَ کي پٺي ڏيئي هلي. نون ۽ اڇوتن موضوعن کي اظهار ملڻ لڳو. وزن يا ڇند جا ٻنڌن ٽٽڻ لڳا. انسان جي مجبوري، مونجهارو، نراسائي، اڪيلائي ۽ بي مهانڊائي شعر ۾ اظهار پائڻ لڳي. سماجي، سياسي ۽ مالي دٻاءَ، تناوَ ۽ پريشانين جي اظهار سبب، شاعريءَ جي صورت ئي بدلجي ويئي. نئين ڪوتا موجوده طرز حيات جو سڌو سنوانو اظهار آهي. اها اخلاقي قدرن خواه رومانوي اثرن کان مطلقا آزاد آهي. جڏهن شاعريءَ ۾ ’شعريت‘ تي گهٽ پر ’نواڻ‘ تي وڌيڪ زور رهي ٿو؛ تہ شاعريءَ لاءِ اهو سنُو سوڻ ڪونهي. شاعري اُها آهي، جنهن مان شاعرانہ حِس حاصل ٿئي، پوءِ ڀلي ان ۾ قافيو، رديف ۽ وزن نہ بہ هجي، پر پڙهڻ / ٻڌڻ کانپوءِ شعر وارو تاثر ڇڏي. ڀڳل ٽٽل جملن، اوپرن الفاظن، مبهم ۽ منجهائيندڙ ويچارن جي اظهار سبب شاعري، نئين شاعريءَ ۾ نٿي شمارجي، ڇو تہ جدت صرف شاعريءَ جي طرز بيان ۾ نہ، پر ان ۾ سمايل ذهني رَوَش، خيالن، مشاهدن ۽ ان جي رُخن ۾ آهي.

ارجن شاد پابند شاعريءَ سان گڏ آزاد شاعري بہ ڪئي آهي. ادب جا نهيل - نڪيل ماپا قبولڻ سان ڪيترائي دفعا اسين غلط زنجيرن ۾ جڪڙجي وڃون ٿا. قلمڪار کي وقتي فڪر جي بہ قرباني ڪرڻي پوي ٿي.

چٽيو آهي. هن رچنا ۾، جذبات جي ولوڙ کي، ذهني سگهہ جو ساٿ مليو آهي، تنهن ڪري هيءَ رچنا وقت جي واءُ ۽ تاءُ کان آزاد ٿي ويئي آهي. شاعر جي دل تي، جلاوطنيءَ جي ڏارون وڌيون، سي هن طويل نظم ۾ بخوبي اُڀري آيون آهن. هن نظم ۾، واحد متڪلم سڄي سنڌي جاتيءَ جي علامت بڻجي پيو آهي. شاعر جي روح جو گهاءُ، وطن کان وڇڙيل هر سنڌيءَ جي روح جو زخم آهي. هن نظم جي هڪ ٻي خوبي اِها بہ آهي تہ نظم جا الڳ الڳ حصا ڪوتا جي مرڪزي موضوع سان بلڪل ڳنڍيل آهن، تنهن ڪري هن طويل نظم جي تاثير ۾ اضافو آيو آهي. ڀارت ۾ سنڌين کي سياسي آواز ڪونهي، سندن پيرن هيٺان زمين ڪانهي :

نہ زمين تي پختو آهيان / نہ هوا ۾ لٽڪيل / آهيان الائي آهيان ئي ڪونہ.

”انڌو دونهون“ درحقيقت پنهنجي ڌرتيءَ کان وڇڙي ويل، ان فرد جو داستان آهي، جو پنهنجي پونءَ کان ڪٽجي گويا تاريخ کان ئي ڪٽجي ويو آهي.

زمين کي پاڙا ڪرڻ آسان آهي / دل کي پاڙا ڪرڻ سان / بجليءَ جو قهر پيدا ٿي سگهي ٿو / زلزلو برپا ٿي سگهي ٿو / هيءَ جا جلاوطني آهي / تنهن ۾ وطن تہ پري رهيو / تاريخ ۽ تهذيب جي هزارن سالن جي / تصور کي ئي مون کان ڪسيو ويو آهي / مان هڪ سياسي ننڊڪو بڻجي / ڪڏهن ڪنهن راهہ تي / تہ ڪڏهن ڪنهن راهہ تي / ڀٽڪندو رهان ٿو / خبر ناهي آخر / انجام ڪهڙو ٿيندو؟

ارجن شاد جي هنن ڪوتائن ۾ زبان جي نئين گهڙت ڪانهي. زبان نئين ناهي، اڳ ئي نهيل - ٺڪيل ۽ روايتي آهي.

---

6. ارجن شاد : انڌو دونهون. پبلشر موهني ميرچندائي، بمبئي. 1982ع.

/ سپيئي حسرتون مِڙي / مونکي اهو احساس ڏياريندون آهن / تہ زندگي / شروع کان آخر تائين / حسرتون ئي حسرتون آهن / مان سوچڻ لڳندو آهيان / تہ تنهنجو 'مان' / صبح وارو سچو آهي / يا سانجهيءَ وارو؟

نئين ڪوتا جي پاوَ 'پنڌ' ڪوتا ۾ بہ فنائتو اظهار پاتو آهي. شاعر حياتيءَ جي فلسفي کي 'زندگي پنڌ ئي پنڌ آهي' قرار ڏئي ٿو. اهو سفر گهور اونده مان آهن، جتي جهڙو اکيون کولي هلڻ، تهڙو اکيون بند ڪري هلڻ. هيءَ ڪوتا 'صبح ۽ سانجهي' ڪوتا جو ٻيو پاسو آهي. ٻئي قلمڪار جي نئين احساسداري ۽ زندگيءَ جي ڪوڙين ۽ کرين سچاين کي ساڻ ڪري هلن ٿيون :

اسان سڀني جو گذر / گهور اونده مان آهي / جتي / جهڙو اکيون کولي هلڻ / تهڙو بند ڪري / ڏسڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي / راهہ ٻڌائڻ / معنيٰ / وقت جو زيان / زندگي پنڌ ئي پنڌ آهي / پنڌ زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي / اهو پنڌ ان حد تي ختم ٿئي ٿو / جتي انسان جو جيئڻ ختم ٿئي ٿو.

هن مجموعي جون ٻيون ذڪر لائق ڪوتائون آهن : 'سياسي شينهن جي لڙائي'، 'ڌرم ۽ مذهب'، 'بيمار سپيتا' ۽ 'انڌڪار' وغيره.

''تپسيا جون روشنيون'' کان پوءِ سن 1982ع ۾ ارجن شاد جو ''انڌو دونهون'' (6) شايع ٿيو. وطن کان وڇڙڻ جي درد جو اظهار، هونئن تہ انيڪ شاعرن پنهنجي غزلن، گيتن ۽ نظمن ۾ ڪيو آهي، مگر ارجن شاد پنهنجي ٻہ سو پنجاهہ سٽن جي طويل نظم ''انڌو دونهون'' ۾ ورهاڱي جي ٽرئجڊيءَ کي جيڪو اظهار ڏنو آهي، سو لاجواب آهي. شاعر هن ڏکي ڪوتا ۾، پنهنجي دل جي پيڙا ٻڌائي نٿو، ڏيکاري ٿو. هن پنهنجي زخميل روح جي رڙ جو عڪس موزون انوکين تشبيهن، استعارن، علامتن سان بخوبي

6. ارجن شاد : انڌو دونهون. بمبئي. سن 1982ع.

ايم . ڪمل



جنم : 8 آگسٽ 1925ع
ڪنڊيارو (سنڌ)

مرتيو : 3 فيبروري 2010ع
اُلهاسنگر

شاعر اڀ ٿي ٿهيل - تکيل ٻولي ۽ روايتي محاوري سان نئين شعور ۽ احساس کي اظهار ڏنو آهي. ارجن شاد جو ادبي سفر لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جو رهيو. هو ادبي تاريخ تي پنهنجي امٽ ڇاپ ڇڏي، 3 نومبر 2006ع تي پنهنجي مثل محفل ڇڏي ويو. هن جي شاعريءَ جي شام اچڻي ناهي. هن جي شاعريءَ جي سرهاڻ هند خواه سنڌ جي ادبي حلقن کي سدا واسيندي رهندي.

■

زندگيءَ جھڙو سرجڻھار

ايم. ڪمل ھن نئين ٽهيءَ جو ھڪ وڏو شاعر آھي. ھن جو پورو نالو مولچند منگھارام بندراڻي ھئو؛ پر سنڌيءَ ۾ ھوءَ ايم. ڪمل جي نالي سان مشھور ٿيو. غزل جي شھنشاھ ايم. ڪمل جو جنم 8 آگسٽ 1925ع ۾ ڪنڊياري (سنڌ، پاڪستان) ۾ ٿيو ھئو. زال جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ايم. ڪمل زندگيءَ جا پوئيان ڏينھن، بيمارين ۾ ڏاڍا ڏکيا گذاريا. ھوءَ بستري حوالي رھيو ۽ ڪجھ ڏينھن تہ ڳالھائڻ بہ بند ٿي ويس. آخر ھن پنھنجي حياتيءَ جا چوراسي سال پورا ڪري، 3 فيبروري 2010ع تي ھيءُ جھان ڇڏيو.

ايم. ڪمل صاف گو، خوش مزاج، بي باڪ، ٽهڪ ڏيندڙ ۽ کشادي مرڪ رکندڙ شخص ھئو. ھن جي ٽهڪن ۽ مُرڪن ۾ چڀيندڙ طنز ۽ داد بہ شامل رھندو ھو. ڀارت جي ورھاڱي کانپوءِ، ايم. ڪمل بہ ٻين ڪيترن سنڌين جيان، ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي شرنارٿي حياتي گذارڻي پيئي. ذھين ھوندي بہ، ھوءَ پنھنجي تعليم جاري رکي نہ سگھيو. پنھنجي ڪٽنب جي پرورش لاءِ، ھن کي ريلويءَ ۾ نوڪري ڪرڻي پيئي ۽ اُتان ئي ھن سن 1983ع ۾ رٽاير ڪيو. ايم. ڪمل جي ساھتيہ - سرجن جو سفر، اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ رھيو. ھن جي سرجن جو سرور ڀچاڙيءَ تائين ڪين سُڪو. ايم. ڪمل جا 20 شعري مجموعا ۽ ست ايڪانڪي ناٽڪن جا اِنتخاب شايع ٿيل آھن. ھن ادب جي ڀن ڀن شاخن تي، ڀن ڀن طرح جي روپن، رنگن ۽ واس وارا گل مھڪايا آھن، جن جي خوشبو جھڪي ٿيڻ واري ناھي.

ايم. ڪمل ۾ شاعريءَ ڏانھن لاڙو مير تقي مير پيدا ڪيو.

هِتي هي نڪتو بہ زيرِ-نظر رهي تہ جيسين ڪو خيال، شعري لباس ۾، زندگيءَ جي رنج وَ غم، خوشي ۽ راحت، ان جو تناءُ ۽ ان سان جڙيل سماجي، سياسي يا تهذيبي شعور سان شامل نٿو ٿئي ۽ جيسين قلمڪار ان کي جذباتي تپت ۽ ذهني ولوڙ مان حاصل نہ ڪيو آهي، تہ پوءِ محض محاورن، استعارن، تشبيهن ۽ علامتن جي چمڪ دمڪ هڪ دوکو آهي، فريب آهي، ڇاڪاڻ تہ ان بنا خيال ۾ زندگيءَ جي ڌڙڪن جي آهٽ پڌري ۾ نہ ايندي. سائِي وقت جي شاعريءَ جا نفيس نڪتا، جي صحيح ريت موضوعن سان ٺهڪايل ناهن يعني شعر ۾ ربط، وزن، لفظي توازن، متضاد لفظن جو حسين اتحاد ۽ ٻيون لساني خوبيون - تہ پوءِ شعر عظمت جي مقام تي رسي نہ سگهندو. اهڙو ڪلام جنهن ۾ مٿيون خوبيون ناهن، واريءَ تي اڏيل محل مثل آهي، جنهن کي وقت جي هوا جو هلڪو جهونڪو ئي ڪيرائي پَٽ ڪري ڇڏيندو. ڪلام کي پختگيءَ جي ماڳ تي رسائڻ لاءِ اڀياس، لڳاتار مشق جي ضرورت آهي. ايم. ڪمل چوائي :

هڪ عمر جي پڙهڻ، ڪڙهڻ جو ڦل آهي دوست
ڪوئي ستي پيئڻ سان، سخن ور ٿئي نٿو.
ڏينهن جي نہ ڳالهہ آ، هٽ سال ٿا گهرجن
هڪ عمر کپي دوست، سخن دان ٿيڻ لاءِ.

ايم. ڪمل سنڌي ادب جي هڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن جي فن ۽ فڪر، هند ۽ سنڌ ٻنهي ملڪن کي موهيو آهي. غزل سان هن جي دل جڙيل آهي. ايم. ڪمل سنڌيءَ ۾ اٽڪل ست سؤ کن غزل قلمبند ڪيا. غزل ۾ هن تمام فني خوبين جو استعمال ڪيو آهي، تشبيهہ، استعارو، ڪنايو، تمثيل، علامت، تضاديہ لفظن جو ٽڪراءُ وغيره، ايم. ڪمل جا غزل زبان جي پختگي، شعور جي بلندي، خيال جي گهرائي ۽ فني مهارت ڪان پنهنجو مت پاڻ آهي. ڪمل نهايت فني خوبيءَ سان، محاوره بنديءَ سان، نہ صرف پنهنجي خيال کي اظهاري ٿو، پر ان کي پُرُ لطف بہ بڻائي ٿو. محاورن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي پاڻ ۾ مناسبت جي صفت بہ

مير تقيءَ جو اُردو ڪلام پڙهي، ڪمل لرزي اُٿيو. هوُ اُردوءَ ۾ ڪلام چوڻ لڳو. هن جي سنڌيءَ ۾ پهرين ڪوتا 1953ع ۾ شايع ٿي. هوُ ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن ايم. ڪمل ادبي ڪلاس ۾ هڪ غزل پڙهيو. غزل تي رائزني ڪندي ليکراج عزيز چيو، ”ايم. ڪمل ڪي غزل چوڻ جو ڏانءُ آهي، پر ....“ ۽ انهيءَ ’پر‘ ڪي متاثڻ لاءِ ايم. ڪمل، اُستاد شاعر ليکراج عزيز جي شاگردي قبول ڪئي. عزيز کيس شعريہ نفيس نڪتا ۽ زبان جي اهميت کان روشناس ڪرايو. شعر ۾ ربط، تشبيه، تمثيل، استعارو، ڪِنايو، علامت ۽ خيال جي موزون عدائگيءَ کان واقف ڪيو ۽ محاوره - بندي خواه چست بندش جو علم ڏنو.

ايم. ڪمل شعر وَ شاعريءَ ڪي تمام گنڀيرتا سان ڪنيو. هن ڀن ڀن شعريہ صنفن تي طبع آزمائي، منجهن گهربل تاثير اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ پوءِ چاهي اُهو نظم هجي، قطع هجي، نئين ڪوتا هجي يا وري غزل هجي. ايم. ڪمل هميشه غزل چاهي نئين ڪوتا ۾ نئين فڪر ۽ فني تجربن جو قائل رهيو. سندس ڏيان ۾، حياتيءَ جا ڪئي بدلجندڙ پهلوُ اُجاگر ٿين ٿا. ايم. ڪمل جي ڪلام ۾، زندگيءَ پنهنجي انيڪ روپن ۽ رنگن ۾ اظهار پاتو آهي. ذهني سجاڳيءَ سبب، سندس تخليقن ۾، اڄ جي حيات جي گفتار ۽ رفتار جو آواز ۽ آهٽ، صاف ٻڌي ۽ ڏسي سگهجي ٿي. هن جو دلي لڳاءُ سدا غزل سان رهيو. ايم. ڪمل، غزل کي نئين سر انوکي انداز سان سنواريو، سينگاريو ۽ جرڪايو آهي. هن سنڌي غزل کي گهڻو اڳيان سوريو آهي. اهڙي دعويٰ ٻن راين کان آزاد آهي. سندس غزل جذبي، سوچ ۽ فڪر کي پختو شان عطا ڪيو آهي. بقول شيام جئسنگهاڻي:

”حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُڀري ۽ اوج تي آئي آهي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ئي جدت سان جڙيل سينسيبلٽيءَ کي ڪمالي بلنديءَ تي چڪي ورتو آهي.“

ڪٿي پنهنجي دلڪش سبب ڪري، ان جو درد دل کي ڇهي ٿو وڃي:

وقت صبر جي صلاح ڏني آهي
صبر وقت جي
انهن ٻنهي جي وچ ۾
منهنجو وجود
طوفان جي ريت جيان
ڦهلجي ويو آهي
هڪ اتهاس جو واءُ
ڪيس پڪيڙي ويو آهي
ٻيو اتهاس جو واءُ
ڪيس سميٽي هڪ جاءِ ڪندو؟

صاف ظاهر آهي تہ هي وجود، سڄي سنڌي قوم جي علامت آهي. اتهاس جو واءُ بہ هتي ڪا پرولي نٿو لڳي. شاعر جو مجموعي طور پنهنجي قوم ڏانهن اشارو صاف آهي:

ٻئي لهسيا آهيون -
اتهاس جي تابش ۾
تون، پل پهر سڏڪي
دل ۾ سورهي ڇُپ ٿي ويو آن
مان اڃا تائين
لفظن ۾ رڙان پيو ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن
ذهن ۾
ڪو لفظ
چٽنگو ٿي ٻري پوندو آهي
تہ خيالن جا
ڪئي ٻاچا اُڀري
روشن ٿي پوندا آهن.

ساراهہ جوڳي آهي. ٻي انوکي خوبي جا ڪمل جي ڪلام ۾ ملي ٿي، سا تمثيلي فن سان وابستہ آهي. علامت بہ منجهس خوب آهي، جا هينئين شعرن مان ظاهر آهي. نظارو، لفظن جي ميل سان، پنهنجي فڪر، فن سان بلندي بخشي ٿو :

شريف هو جيسين غريب هو
هاڻي هفتا ٿو ڪارائي.

آءٌ تہ پنهنجو پيار جتايون
چري لڪائي، پاڪر پايون.

ڊونگ، فريب ءُ ڇُپندڙ طنز جا مثال آهن مٿيان شعر. طنز، ايم. ڪمل جي غزلن جي خاص خوبي آهي. ايم. ڪمل جي غزل ۾ جدا جدا علامتون، نيون ترڪيبون ءُ عمدا استعارا استعمال ٿيل آهن :

هڪ هڪ ٿي سڀ ارمان ڪمل
ڪوئجي ويا گولف بال جيان.

حياتيءَ عمر جي ڪوڪي ۾
ٽنگي ڇڏيو آ ٽوال جيان.

نين حالتن مان پيدا ٿيل شعور ءُ ويچارن جي وسعت ڪي ماپائڻ لاءِ، جڏهن شاعر ڪي روايتي ڪوتا ناڪارگر لڳي تہ 'نئين ڪوتا' جي صنف اُڀري. نئين ڪوتا اندر جي ڪوت ڪوٽان آهي، جنهن ۾ علامتن جو ڀرپور استعمال ٿئي ٿو. نئين ڪوتا ۾ وزن نٿو رهي، ان ڪري ڪيترن قلمڪارن نئين ڪوتا جي مفهوم ڪي نہ سمجهي، جيڪي ڪين آيو، ويا لکندا. پر جن ٿورن قلمڪارن 'نئين ڪوتا' جي مفهوم ڪي سڃاڻي، ان تي ڪلڪراني ڪئي آهي، انهن شاعرن ۾ ايم. ڪمل جو مقام ڪافي مٿاهون آهي. ايم. ڪمل نئين ڪوتا ۾ پنهنجي ذاتي مجبورين سان گڏ، سڄي قوم جي ٻي وسي ءُ روز مره واري زندگيءَ جي تمام حالتن تي قلم هلايو آهي. اهو قلم ڪٿي تہ طنز جي تيز ڌار وانگر آهي تہ

ايڪانڪيون (Absurd) پنھنجي نجي حالتن سان لڳائي، انھن ۾ عالمي سطح وارا نڪتا پيري قلمبند ڪيون آھن. ’ڪانفرنس‘ ۽ ’فاءِ اسٽار هوٽل‘ ۾ هن طنزيہ ڊراما ڪيا آھن، جي درشڪن چاهي پاٺڪن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.

هن صرف هڪ ايڪانڪي لکي آهي، جنھن ۾ مذاق، مذاق خاطر آهي؛ جنھن ۾ هن جي خوش مزاجيءَ دل کولي نھڪ ڏنا آھن ۽ ڏيکاريا آھن. ’حڪيم اجلرام‘ نالي سان لکيل ايڪانڪي، جا پوءِ ’هيلٿ سينٽر‘ جي عنوان سان، ڪيترن ئي شھرن ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪئي ويئي آهي. ان ايڪانڪي-ناٽڪ ۾ ايم. ڪمل جي محاورن تي پڪڙ، ڊائلاگن جي ڪلا، ڊرامائي فن تي دسترس، موضوع جي نسبت ۾ چمڪي بيھي ٿي. اهي مڙيئي ڳالھيون گڏجي ليکڪ جي ناٽڪي فن ۾ مھارت جو ثبوت ڏين ٿيون. گنڀير مسئلن وارن ناٽڪن ۾ ايم. ڪمل جو ’آخرين خواهش‘ ذڪر لائق ايڪانڪي ناٽڪ آهي. اُن ايڪانڪيءَ مان ليکڪ جي فھم، فڪر، هوشمندي ۽ دوراندیشيءَ جو بخوبي اندازو لڳائي سگھجي ٿو. اِها ايڪانڪي هندي ۽ مراٺيءَ ۾ بہ پيش ڪئي ويئي آهي. ڪلا چاهي موضوع، ٻنھي لحاظن کان هيءَ هڪ جديد ايڪانڪي مڃي ويئي آهي. ان جي وڌيڪ وضاحت ۾ نہ وڃي، مان صرف ان جو هڪ ڊائلاگ پيش ڪندس، جنھن مان ناٽڪ جا فني نڪتا اُڀري بيھن ٿا. جڏهن ’آخرين خواهش‘ ۾ پنجن شخصن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي ٿي ۽ سزا کان اڳ، سندن آخرين خواهش پڇي وڃي ٿي. جواب ۾ هڪ قيدي چوي ٿو، ”منھنجي آخرين خواهش آهي تہ اصلي گنھگار کي ڳولھيو وڃي“ ۽ پوءِ هوُ ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهي تو وڃي. هيءُ جواب دل کي نھايت ڇھندڙ ۽ غور طلب تہ آهي ئي، پر ساڳئي وقت اسان جي انصاف جي سرشتي تي بہ هڪ زوردار چماٽ آهي.

ايم. ڪمل جو ’خوشخبري‘ ۽ ’ڪيل‘ سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ ۾ بہ منچ تي پيش ٿي چڪا آهن. ڪيل ۾ چار ڪردار آهن؛ اُستاد،

خيال ڪجي ته ڪيترا سوچ جا پهلو ٿا اجاگر ٿين يا ٿي سگهن ٿا، تخليقي سطح تي، سماجي سطح تي، رشتن جي سطح تي شاعريءَ ۾ بعد جديديت جي هڪ خوبي اِها به آهي.

ايم. ڪمل جي شعر ۾ جيئن زندگيءَ جي ڌڙڪن جي آهٽ ٻڌجي ٿي، تيئن هن جي ايڪانڪي ناٽڪن ۾ به حيات جو گرم خون روان آهي. ايم. ڪمل جي ايڪانڪين جو ڪئنواس سندس شاعريءَ جيان ئي وڏو ۽ گهرو آهي. هن جي سوچ ۽ نگاهه زندگيءَ جي چؤطرف وري ٿي. انڪري هن جي ايڪانڪي ناٽڪن ۾ سماجي، سياسي، ڌرمي ۽ ڪيتري حد تائين فيلسوفي ۽ منو - وگيان جا نڪتا به صاف ظاهر ٿين ٿا، جيڪي ناٽڪي فن سان خوب نياهيا ويا آهن. ايم. ڪمل ايڪانڪي ناٽڪن ۾ جيڪي تجربا ڪيا آهن، جي بعضي هلڪي مذاق جو پرم بخشين ٿا، مگر انهن جي پويان هِن زندگيءَ جون بي زيب، بي حسن حالتون آهن، ۽ جي ڪردار انهن حالتن کي خلقن ٿا، انهن تي ايم. ڪمل ناٽڪي - ڪلا سان نياهيندي، چٽي طنز جا ٿانڊا وسايا آهن. ايم ڪمل جي ايڪانڪي ناٽڪن جا ڪردار، اسان جي روز مره جي زندگيءَ جا جيئرا جاڳندا شخص آهن، جن کي ليکڪ ويجهائيءَ تان گهري نگاهه سان پرکيو آهي ۽ سندن نقاب پوشيءَ کي فاش ڪيو آهي. ڪڏهن ته اسان کي ائين لڳندو آهي ته ڄڻ اهي سڀ اسان جا ڏٺل - وائٺل آهن، اسين انهن کان بخوبي واقف آهيون. ايم. ڪمل جا ايڪانڪي ناٽڪ جن منچ تي ڏنا هوندا، تن کي احساس ٿيو هوندو ته ليکڪ ڪنهن کي ٿو چوٽ ڪري ۽ سندس اڇلايل ٽوپيون ڪن ڪن مٿن ۾ فٽ ٿيون ٿين.

ايم. ڪمل جديد ايڪانڪين ۾ فني ۽ فڪري سطح تي ڪافي تجربا ڪيا آهن. هن جي جديد تجرباتي ناٽڪن جي سڌي سولي زبان، ذهن کي ڌونڌاڙي، سوچڻ تي مجبور ڪندي، پنهنجي اندر ۾ ليئو پائڻ تي آماده ٿي ڪري. هن جي لاءِ مذاق براءِ مذاق ڪانهي. ان جي ته هيٺ سوچ جي لهر به موجود ملي ٿي. مغربي نامور ناٽڪن کان متاثر ٿي هن خام خيالي

ڪنهن ليڊر يا داداگير جو گڏه هجي ها ته سڀ هن
جي هينگ کي راڳ چئي، هن جي ساراه ڪن ها."
گڏه جي سياءَ ۾، ڏسو ناٽڪ-نويس انساني وصفون ڪيئن
ٿو ڀري:

"سائين گڏه پنهنجن کي اِنون ٿو هٽي، ڇو جو
ماڻهن جي سنگت ۾ رهيو آهي."

"هن کي پيسومل جي گڏه سان شادي ڪرڻ
ناگوار آهي ڇو جو هوءَ رنگ جي ميرانجهڙي آهي."

ايم. ڪمل ڪڏهن به ڪنهن واد يا گروه سان جڙيل نه
رهيو. هو هڪ اديب هئو ۽ ادب ئي هن جي زندگيءَ جو مقصد
رهيو. هن سان اُٿندي-ويهندي، جاڳندي-سمهندي ادب سدا ساڻ
رهيو. He ate, drank, Wore & breath it. اهڙا اديب ئي نه
صرف ادب جو مانُ مٿي ڪندا آهن، پر پاڻ به ادب ۾ وڏي مهتا
ماڻي، ادب جي تاريخ ۾ زنده رهندا آهن.

■

جهمورو، پوليس وارو ۽ مجرم. اچ ڪوڙ جو بول بالا آهي. هيءُ ايڪانڪي ناٽڪ انهيءَ موضوع جي اردگرد ڦري ٿو. ناٽڪ جا سيئي ڪردار اُيري بيٺا آهن ۽ ايڪانڪيءَ جي مرڪزي نقطي سان چڱيءَ طرح جڙيل آهن. ناٽڪ جي گفتگوءَ جي هڪ جهلڪ ڏسو:

جهمورو: قسم بيوقوف ۽ ليڊر ڪٺندا آهن.

جهمورو: (پوليس واري کي) توهين ايماندار آهيو ۽ اڃا هن نوڪريءَ ۾ آهيو.

ايم. ڪمل جي ناٽڪن ۾ گفتگوءَ جي اُڻت جو اعليٰ فن ته آهي ئي پر طنز جو بہ اِهو هڪ عمدو مثال آهي. طنز ۽ مزاح جي سنڌي ناٽڪن ۾ کوٽ آهي. ايم. ڪمل ان کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪجهہ ڪوشش اَوِس ڪئي آهي.

’شوڪ سيا‘ ۾ سندس ناٽڪي ڏانءُ ڏسڻ وٽان آهي. ان ۾ سندس طنزيہ فن سهڻي نموني ۾ سليقي سان آيو آهي. اسان جي سنڌي ٻولي مري رهي آهي ۽ اسين ويٺا هڪ ٻئي جي ڳلي ۾ هار وجهون. ليڪڪ دل ئي دل ۾ انهن تي طنزيہ نموني مشڪي ٿو. جيڪي مڪوڻا ڇاڙهي، وڏيون وڏيون تقريرون ٿا ڪن ۽ پنهنجي مرٽينگ ٻوليءَ کي وسيلو بڻائي پنهنجو ناءُ ڪڍڻ ٿا چاهين... ”توهان صاحب اسان جي سماج، ساهت، ڪلا ۽ تهذيب جي نشڪام سيوا ڪئي آهي. اڄ بہ پنهنجي قوم جي رنج وَ وغم جي پيڙا، حال ۽ مستقبل جي خوف جا ڌماڪا دل وَ دماغ ۾ سمائي، ماتمي چهري سان سر تي سماج جو بار کنيو خاموش ويٺا آهيو....“

ايم. ڪمل ’ساڄن جو نيلام‘ ۾ وري ڳڏه کي پرتيڪ (Symbol) بڻائي، سماج جي ڪيترين ڳالهين تي تکي طنز ڪئي آهي، جيڪا ڪِلائڻ سان گڏوگڏ اسان کي سوچڻ لاءِ بہ مجبور ٿي ڪري:

”جڏهن سائين هينگ ٿو ڏئي تہ پاڙي وارا هن جي مالڪ کي گاريون ٿا ڏين ... غريب جو گڏهہ آهي نہ.

ايشور آنچل



جنم : 2 آڪٽوبر 1928ع
ڪراچي (پاڪستان)

مرتيو : 5 ميء 1998ع
اُلهاسنگر

شاعريءَ کي نوان نوان گس ڏيندڙ

آرتوار جو ڏينهن هو، پنجين جولاءِ 1998ع.
پنهنجي ساڍا پنج ٿيا هوندا. مون چانهه وِيني پيتي.
ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.
ڪنيم.
ايم. ڪمل جو آواز هو.
چيائين، ”لڇاڻي، آنچل گذاري ويو.“
چانهه جو پيالو هٿ مان ڇڏائجي ويو.
مان پلنگ تي ويهي رهيس.
هڪ ڳوڙهو، اکين مان نڪري، چانهه جي پيالي ۾ وڃي پيو.
اکين اڳيان آنچل جي تصوير ڦري ويئي.
اڃا ڪالهه، ڪالهوڻي ڳالهه ته هئي. اسين ڪيس ساهتيه اڪاڊميءَ جي ايوارڊ عطا ٿيڻ تي، واڌايون ڏيڻ ويا هئاسين.
مان، ايم. ڪمل ۽ لڇمڻ ڪکڙيجا.
مونکي خبر هئي ته آنچل بيمار آهي، لاعلاج بيماريءَ سان جدوجهد پيو ڪري، پر پوءِ به من قبول نه پئي ڪيو.
مان اُٿيس. بنا ڪپڙا بدلائڻ جي، دوست کي آخرين سلام ڪرڻ لاءِ، سندس گهر ڏانهن روانو ٿي ويس.
آنچل پلنگ تي ليٽيل هو.
خاموش، شانت.
ڄڻ گهري ننڊ ۾ هجي.
مون اڳيان وڌي، من ئي من ۾ کيس سلام ڪندي چيو - دوست، تون به هلندو رهين.

کي نهايت سنجيدگيءَ سان کنيو ويندو هو، تنهن جو مان چشم ديد گواهه آهيان. مان ننڍو هوس، پر انهن ادبي ڪلاسن ۾ اڪثر ويندو هوس. آنچل انهن ادبي ڪلاسن جو هڪ مکيہ رُڪن هو. کيس ترقي پسند دور جو نمائيندو تسليم ڪيو ويو هو. گوبند مالهي تہ هن کي شاعرِ انقلاب ڪري ڪوٺيندو هو. آنچل بنيادي طور ترقي پسند شاعر هو. شاعرانہ شخصيت جو مالڪ آنچل، جڏهن بلند آواز ۾ پنهنجو شعر پڙهندو هو، تہ ٻڌندڙ ان تي عاشق ٿي پوندا هئا:

بڻجي بادل سر پهاڙن سان گسايون ٿا اسين
بوند بڻجي جڳ جا ويرانا سجايون ٿا اسين.
آسمان تائين تصور ۾ اُڏامون ٿا، مگر
ڪين ڌرتيءَ تان نظر پنهنجي هٽايون ٿا اسين.
جا فرشتن واسطي پڻ رشڪ جو باعث ٿئي
هن زمين تي اهڙي هڪ جنت بڻايون ٿا اسين
زندگيءَ ۾ راڳ بيداريءَ جو ڳائي صبح و شام
خواب-غفلت مان زماني کي جڳايون ٿا اسين.

هاڻي شاعر نہ زلفن جي زنجيرن ۾ گرفتار ٿي ٿيو، نہ وري هن جي بي وفائي ۽ ستمگيريءَ جي شڪايت ۾ ڳوڙها ٿي ڳاڙيا. هاڻي ڪهاڻين ۾ قلمڪار راجڪمار کي ست سمنڊ پار ڪنهن پرستان جي پريءَ جا سپنا ڏسندي ڪين ڏيکاريندا هئا پر لوڪل گاڏين ۾ ڪتمنڙا ۽ بسڪيٽ وڪڻندي، ٻارن کي گاڏيءَ هيٺان چيپاتجندو اَوس ڏيکاريندا هئا.

سنڌي شاعريءَ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان، اها ڳالهہ چٽيءَ طرح واضح ٿي بيهي ٿي. وقت جي تقاضا پٽاندڙ شاعريءَ جي هر سطح تي مواد (Content) خواہ هيئت (Form) جي لحاظ کان تبديليون ايندڙيون رهيون آهن. ان بناءَ مان سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جي بخوبي شناس ٿئي ٿي. قديم وقت کان وٺي موجوده دور تائين، سنڌي شاعريءَ ڪيئي منزلون طئہ ڪيون آهن. اِن ۾

اڄ جڏهن عزيز دوست ايشور آنچل تي لکي رهيو آهيان تہ منهنجي ٻي يار ايم. ڪمل جون سٽون ذهن تي تري ٿيون اچن:

لفظ
ڏاڍا ضدي آهن.
منهنجي
مُئي ڪانپوءِ
معنائون ڇڏيندا.

خير، اچان ايشور آنچل تي.

ايشور نارائڻداس شرما آنچل جو ادبي سفر لڳ ڀڳ پنجن ڏهاڪن جو رهيو. هن جو جنم هڪ برهمڻ ڪٽنب ۾، 2 آڪٽوبر 1928ع تي سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ ٿيو. ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ، ٻين ڪيترن سنڌين جيان هوُ بہ ڪراچيءَ کي هميشهہ لاءِ الوداع ڪري، ڪلياڻ ڪئمپ (اُلهاسنگر) اچي وسائي. ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ، مالي مشڪلاتن سبب هوُ پنهنجي تعليم جاري رکي نہ سگهيو. هن ڊاڪٽر بڻجڻ تي چاهيو. ڪراچيءَ ۾ هڪ سال سائنس بہ پڙهيو هو پر پنهنجي ڪٽنب جي پرورش لاءِ، هن کي ريلوي ۾ ملازمت ڪرڻي پيئي ۽ اُتان ئي سن 1986ع ۾ رٽائر ڪيو.

ايشور آنچل جي ادبي زندگيءَ جي شروعات هڪ ڪهاڻيءَ سان ٿي. هن جو پهريون ڪتاب جيڪو سن 1956ع ۾ ڀارت پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو، سو آهي ”پيار ۽ پئسو“؛ جنهن ۾ آنچل جون ڪهاڻيون، ڪجهہ گيت ۽ غزل شامل آهن. هن جي ڪهاڻي ’ڇهاءُ‘ مختلف ۽ نئين رخ سبب ادبي حلقن ۾ بيحد مقبول ٿي. پر پوءِ آنچل ڪهاڻين کي الوداع ڪري، شاعريءَ جي عالم ۾ هليو آيو.

ايشور آنچل بيحد حساس دل ۽ گرم ذهن جو ڌڻي هو. سندس ادبي مطالعو وسيع ۽ گهرو هو. بمبئي ۽ اُلهاسنگر ۾ ان وقت جي ادبي ڪلاس هر هفتي لڳندا هئا، تن ۾ هن جي ادب ۽ تنقيد

موت مسڪرائي ٿو
ماڻ اُداس
سوچيان ٿو
ڪيترين اميدن جي
چنڊ ۽ ستارن جا
ڪير ڄاڻي ڪيڏا روز
روز ڪفن سبجن ٿا.

شاعر جنگ جي خوفناڪ نتيجن کان جڳ کي آگاهه ڪندي چوي

اِبتدا جنگ جي مشرق يا مغرب مان ٿئي
ساري دنيا لاءِ خطرناڪ سا ثابت ٿيندي
آه! انسان جي محنت سان بڻايل دنيا
هڪڙي ڪن ۾ سڙي باهه جو ٻڪ ٿي ويندي

مارڪسواد جي اثر هيٺ شاعر چيو:
محنت آ، پسينو آ، اُجورو ناهي
جي آ ته اڌورو آ، سمورو ناهي
ڏورن جيان صبح شام گهون ٿا پو پي
جو پيٽ پري ڪائجي پورو ناهي

ترقي پسند ادب سماجي، سياسي، ڌرمي ۽ مغلسيءَ تي ٽانڊا ٿي وسندو هو. آنچل ان دور جو هڪ شعلو هو، جو پنهنجي شعرن ۾ انهن موضوعن جي عڪاسي ڪندو هو. سندس شاعري، ذهن تي دائما نقش ڇڏي ٿي.

ايشور آنچل جا هيٺيان شعري مجموعا شايع ٿيل آهن:

1. گهنڊ پيو گُڙي (1967)
2. خاڪ لپ (1974)
3. پاڇولا سانجهيءَ جا (1982)
4. پنڌ تنل واريءَ تي (1990)

پنهنجي ذاتي صنفن جو جوهر بہ موجود آهي تہ ان ٻين ديشي وديشي صنفن جا اثر پڻ جهٽيا آهن.

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ڌارا جو آغاز، ورهاڱي کان ٿورو اڳ ٿي چڪو هو. عالم انساني برادريءَ جو آواز بلند ڪندي، لنڊن ۾ سن 1935ع ۾ Indian Progressive Writers Association برپا ٿي. پارت ۾ وري ڪلڪتي ۾ سن 1936 ۾ Progressive Writers Association ٿي. ان تحريڪ جا اردو زبان جا باني هئا: سردار جعفري، ڪيفي اعظمي، اختر الايمان، ساحر لڌيانوي، جنهن جو نظم 'تاجمحل'، ان وقت هر ڪنهن جي زبان تي هو ۽ ڪي ٻيا. اُهي نہ صرف صاحب فِڪر هئا، مگر اعليٰ اديب پڻ هئا. اسان جا باشعور باسڃاڳ نوجوان قلمڪار انهن کان بيحد متاثر ٿيا. حالتن جي تقاضا بہ اِهائي هئي. بمبئي ساهت سڀا، جا سرگرم ليکڪ ڪي شعلا هئا، ڪي چڻنگون تہ ڪي پنيت. پر هئا سڀئي ڏات ۽ ڏانءَ جا ڌڻي. ايشور آنچل بہ انهن مان هڪ تيز شعاع، شعلو هو. سندس ڪلام، احساسات جي شدت جو اهو جلوو، اهو لهجو هو، جو پڙهندڙن / ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ کي چوري ۽ ڌوڏي ڇڏيندو هو. ڪمال اِهو آهي جو اڄ بہ سندس، ان دور جو بهترين رچنائن جي تازگي قائم آهي. اهي رچنائون، وقت کي شڪست ڏيئي بيٺيون آهن:

رات جي انڌيري ۾
خاموشيءَ جي سايي ۾
حرفتون ۽ چالاڪيون
پنهنجا پير پکيڙن ٿيون
زندگيءَ جي ڌڙڪن تي
موت گيت ڳائي ٿو
چنڊ جي اُجالي کي
انڌڪار کائي ٿو
ڪائنات جو سينو
ڊپ کان ٿرٿرائي ٿو

لکڻين ۾ احساس جو ٻُهراڻ اچي ويو هو. سطحيت گهر ڪري ويئي هئي. ڪلام هڪ نعريبازي تي پيو هو. ادب جي نمائيندگي ڪندڙ اديبن رکجي، نئين سِري سان، پنهنجي ڪٿ ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي نجي ادبي پڇاڻ ٻڌائڻ ۾ لڳي ويا. ايشور آنچل پنهنجي نجي، نئين سوچ ڌارا ۾ جڇ ٻڌي، غائب تي ويو. هوُ چُپ رهيو. هن تي ادب دوستن سمجهيو ته هن ساهتيه کان سنياس ورتو آهي ۽ ڪنهن مذهبي پنٿ ۾ گم تي ويو آهي. ڪيترو غلط هئا، اِهو سوچيندڙ!

ايشور آنچل زندگيءَ جي ڪشمڪش ۽ ان جي آخريت تي غور ڪندي، هڪ پختو نئون احساس پائي ورتو. اهو احساس ڇا هو؟ ان احساس جي شعري اظهار جو صحيح لهجو ڪهڙو آهي؟ حياتيءَ جو مفهوم ڇا آهي؟ اچائون ڇا آهن؟ اهو هڪ روحاني احساس هو: پنهنجي ’مان‘ ۾ هڪ ٻئي ’مان‘ جي هئڻ جو احساس. هن کي پنهنجي اندر جي اونداهين تهن ۾ ڪي صورتون ڏنڌليون ڏنڌليون اُڀرنديون محسوس ٿيون. هيءَ نئين ڪيفيت ۽ فڪر ڪبس هڪ نئين گس ڏانهن وٺي ويو، جو عجيب هو. جذباتي ۽ ذهني ولوڙجي تمجي وڃڻ بعد، ان اچاتي شعري سفر جو پهريون قدم، ”خاڪ لپ“ (1974) ۾ ظاهر ٿيو. خاڪ لپ جي ڪوتائن کي موهن ڪلپنا ’نئين ڪوتا‘ جي دائري اندر شمار ڪيو هو. مگر گهڻا اديب موهن جي ان دعوي سان شاملراءِ نه ٿيا. خاڪ لپ جون گهڻيون ڪوتائون بي وزن ۽ بي قافيه ضرور آهن، پر موضوع ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان نئين ڪوتا جي دائري ۾ شامل نٿيون ڪري سگهجن. نئين ڪوتا جي مفهوم کي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ، اسان کي ان جي اسلوب ۽ موضوعن ٻنهي کي سمجهڻو آهي. جن ئي نئين ڪوتا جو تاجي-پيٽو جوڙيو آهي. هونئن نئين ڪوتا تي ان جي آغاز کان وٺي، ايترو لکيو ويو آهي، ۽ اهو ايترو گهڻ معنائون آهي، جو نئين ڪوتا جي مفهوم کي سمجهڻ انڪانيو ڪم ٻڻجي پيو آهي.

5. آتم جي تلاش (1993)
6. ٿانڊاڻا انڌيري رات ۾ (1994)

ورهاڱي کان ڏهاڪو کن سال پوءِ، زندگيءَ جي آتشي سنگهرش جي ترڻ بعد، نئين ٽهيءَ جڏهن پاڻ سنڀالي ڪنڌ مٿي کنيو، نين حالتن، واقعن ۽ منظرن سان مقابل ٿي، تڏهن هن جي سوچ، سمجهه ۽ شعور ۾ نئون موڙ آيو. نوجوان اديبن جي تخليقي قوت نوان گس ڪڍيا ۽ پراڻين ادبي روايتن کان پلئه آجا ڪيا.

ايشور آنچل جو سن 1967ع ۾ ''گهنڊ پيو ڳُڙي'' شعري مجموعو اشاعت هيٺ آيو :

راهون راهون الجهن ٿيون
پند پند اُلجهن ٿا
لڙڪ لڙڪ اُلجهن ٿا
گيت گيت اُلجهن ٿا
رهزنن جي دنيا ۾
ڪنهن جو پروسو ڪهڙو؟

هن رناج ۽ روج جي دنيا ۾
مڪمل نه خوشي ٿي حاصل ٿئي
پرپور خوشين جي وچ ۾ سُري
ڪو غم پي اچي ٿو شامل ٿئي

آنچل درد پرست نه هو، پر حياتيءَ جي درد کان آشنا هو. آنچل پراڻن پيچرن جو قائل نه هو. هوُ هميشه پنهنجين رچنائن ۾، نئون فڪر ۽ نئون اظهار جو ڍنگ پيرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. جيئن جيئن عمر چڙهندي ويس، احساس گهرو ٿيندو ويس، ته هوُ زندگيءَ کي تمام ويجهائيءَ تان ڏسڻ لڳو. هوُ خود پاڻ کي تلاشي، هن ڪائنات ۾ پنهنجو مقام ڳولهڻ لڳو. هن جستجوءَ کيس روحانيت جي راه تي آندو.

ترقي پسند دور دم ٽوڙي چڪو هو. ترقي پسند دور وارين

۽ نڪي سچيءَ جو چيتنيہ آهيان!
آءٌ ڊوڙ اُڏائيندڙ
ديوانو آهيان
شاعر آهيان!

هن مجموعي مان ظاهر آهي تہ شاعر، پنهنجي وجود کي، ڌرمي مهتائن ۽ ويد پراڻ جي ڪُندن کان جاچي پرکي ٿو. اڄ جي وهنواري زندگيءَ ۾، پنهنجي تهذيب، تاريخ ۽ سياست کي ڪن اصولن تي ماپي ٿو. ماضي، حال ۽ مستقبل تي ويچاري ڪن نتيجن تي پهچي ٿو. ڪي مثال پيش آهن. اڄ جي دور جو اِنسان مري چڪو آهي :

ڪنپٽلين جي نانڪ ۾
نہ ڪو ٻجهٽو يا گيدي آهي
۽ نہ ڪو سورمو!
تن پراپت ڪرڻ
۽ پراپت ڪري، ان مان
سک حاصل ڪرڻ، ٻہ الڳ الڳ ڳالهيون آهن

نا اميدي
بيچارگي
لاچاري
انسان جي وهيءَ جو
لکيو آهي.

شعور اڄ جي شخص جو
ڪراس آهي، جنهن کي ڪيس
هر حالت ۾ ڍوئڻو آهي!
ان ڍوئڻ جي پيڙا کان
اڄ جي شخص کي ڇوٽڪارو
ڪونهي!

ان ڪان پوءِ آيو آنچل جو ”پاڇولا سانجهيءَ جا“. (1) هن مجموعي جو عنوان، صاف اِشارو ٿو ڪري، عمر جي لهندڙ سج ڏانهن. ايشور آنچل جي مذڪوره ٽنهي مجموعن ۾، موجوده حياتيءَ جي صورتحال جي تصوير نمايان آهي. سندس ڪلام ۾ تهذيب، ورهاڱي جو درد، پنهنجي قوم جي مجموعي سوچ-ڌارا، ذاتي فڪر، غم، خوف سوچ جي گهيري ۾ اچن ٿا. اهي سندس ٽيئي شعري مجموعا اڄ جي انسان جو ٻاهريون ۽ اندريون چِٽُ چٽين ٿا. ان حقيقت ڏانهن شعري ڏانءَ سان اشارو ڪن ٿا تہ اڳي پوءِ، باشعور شخص کي روحاني سفر تي گامزن ٿيڻو آهي، دنيا کي ٿي نہ پر آتم کي بہ سمجهڻو آهي. خود کي سمجهڻ آهي دنيا کي سمجهڻ. ”پاڇولا سانجهيءَ جا“ اهو اثر ڇڏي ٿو تہ شايد، شاعر پنهنجي آخرين تحرير پيش ڪري رهيو آهي، مگر سندس ادبي سفر اڃا اڌورو هو، تاڪ منجهند جو سمو هو ۽ واريءَ واري گس تي پنڌ ۽ منزل جو ڪو نشان ڪيس نظر نہ ٿي آيو. شاعر کي اڃا پنهنجي ڪلام مان، مڪمل جذباتي تسڪين جي حاصلات نہ ٿي هئي. هن کي احساس ٿيو، جيڪو بہ ڪجهہ هن تخليق ڪيو آهي، سو سندس سفر جيان اڌورو آهي، نامڪمل آهي ان کي مڪمل بڻائڻ جي خواهش، سندس من ۾ زور پڪڙڻ لڳي شاعر هڪ ٻئي شعري مجموعي ۾، ان اڌوري پنڌ جي پيڙا کي اظهارڻ جو جتن ڪيو ۽ ”پنڌ تنل واريءَ تي“ (2) جي عنوان سان شعري مجموعو اسان کي ڏنو ۽ پنهنجي شعري سفر کي جاري رکيو. هن شعري مجموعي جي ابتدا هيٺين سٽن سان ٿئي ٿي :

سڀ ناتا ٽوڙي
اڄ آءٌ وري پنڌ پيو آهيان!
نڪي آءٌ يشوڌرا جو گوتم

---

1. ايشور آنچل : پاڇولا سانجهيءَ جا. ديپ شڪا پبليڪيشن، بمبئي. سن 1982ع
2. ايشور آنچل : پنڌ تنل واريءَ تي. پبلشر ليڪ پاڻ. اُلهاسنگر. سن 1990ع

هاڃي تي رسائي :

راڄنيتيءَ جي رنديءَ
پڙون جي جنم ڏنو آهي!

هن ڪلام ۾ جيڪي خيال پيش ڪيل آهن، سي برابر حقيقت سان پختا جڙيل آهن، مگر اظهار جي ڍنگ شاعريءَ جي خوشبو ڇُهي ورتي آهي. هڪ اهڙو ٻيو مثال ٻہ آهي :
آءٌ گانڌو آهيان، جو پنهنجي پومي ڇڏي ڀڄي آيو آهيان.
مگر جتي قلمڪار، خود کي ظابطي ۾ رکي گنڀيرتا سان ڪجھہ چيو آهي، سو نهايت ئي دلڪش آهي، دل ۽ دماغ کي ڇهي ٿو.

”پنڌ تنتل واريءَ تي“ ڪانپوءِ هن جا ٻہ پويان شعري مجموعا ”آتم جي تلاش“ (3) ۽ ”ٿانڌاٿا انڌيري رات ۾“ (4) جنهن ڪتاب تي آنچل کي سن 1997ع ۾ ساهتيہ اڪادميءَ جو ايوارڊ عطا ٿيو، لڳ ڀڳ ساڳيءَ ويچار ڌارا جي وهڪ ۾ آهن، مگر انهن ۾ شامل رچنائن جي گهرائي ۽ گيرائي بيحد ئي وسيع آهي ۽ اُهي ماضيءَ جي لب ۾ لهجي جي ساڃي کان ڪافي متي آهن؛ ان ڪري اُنهن ۾ شعري هڳاءُ ڀرپور آهي ۽ گهربل تاثير پڻ حاصل ٿئي ٿو. ايشور آنچل کي پنهنجي ’مان‘ ۾ هڪ ٻئي ’مان‘ جي وجود جو احساس برابر ٿيو پر هنن شعري مجموعن ۾ قلمڪار جديد صورتحال تي گهرائيءَ سان غور ڪري ٿو، اُن کي نين نين ڪنڊن کان جاچي پرکي ٿو. شاعر جديد صورتحال ۾، پنهنجي من جي اونداهين تهن کي کوليو آهي ۽ اظهار ۾، روزمره جي وهنواري زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جي علامتون، تمثيل ۽ اشارا تي پيا آهن. اِهي فني نڪتا، اعليٰ شاعريءَ جي جان آهن. هنن ٻن شعري مجموعن سان، جيڪڏهن اڳين مجموعن جي، ان نقط نظر سان مشابهت ڪبي تہ ان جو بخوبي احساس ٿيندو. ائين پيو معلوم ٿئي تہ آنچل جا پويان شعري مجموعا

3. ايشور آنچل : آتم جي تلاش، اُلهاسنگر. سن 1993ع
4. ايشور آنچل : ٿانڌاٿا انڌيري رات ۾
پرڀات پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1994ع.

آءٌ جلاوطن آهيان
راڄنيتيءَ جو شڪار ٿي
پنهنجي جنم ڀوميءَ مان
لوڌجي، ڌڪجي
هن ڀوميءَ جي مون شرڻ ورتي آهي
چون ٿا،
آءٌ گاندو آهيان جو پنهنجي ڀومي
ڇڏي ڀڄي آيو آهيان
جلاوطنيءَ جو ڏنڀ توکي ڇڪائڻو پوندو!
توکي بهاني ڪ بهاني هلندڙ لوڪل گاڏيءَ
۾ مارڻ جي اسان کي آزادي آهي
ها، آءٌ يهودين ۾ يهودي
فلسطينين ۾ فلسطين
۽ سنڌي آهيان
دنيا ۾ آءٌ جتي ڪٿي آهيان
پر ڪٿي بہ گهربل ڪين آهيان!
آئون ڀارت جي آتما آهيان
سج چنڊ ۽ تارن جيان امر اجر.

آئون هماليہ جي اڏولتا
ڌرتيءَ جي وشالتا
۽ آڪاش جي اونچائي آهيان
آئون گوتم جو ويراڳ
چيتنيہ جي ڀڳتي
۽ ميران جي مستي آهيان .....

آنچل جڏهن نهايت جذباتي ٿي، بيحد ڏکوئيندڙ حالتن ۽ ملول ڪندڙ ماحول جو عڪس پيش ڪري ٿو، تہ سندس اسلوب ۽ لهجي ۾ ترقي پسند جي پوئين دور جي گهري ڇاپا پوندي نظر اچي ٿي، ڪلام ۾ سطحيت اُڀري ٿي، جا شعري هڳاءَ کي بيحد

ان جو کهڙو
فکر آ
اهل-وطن کي
کيئن رهان ٿو
بي وطن
پنهنجي وطن ۾

منهنجو
پنهنجو
ڪجهه نہ آ
مونکي اوڏر ۾
ملي آ زندگي!
مور ڪان وڌ
ڏياج مون آهي ڏنو
مور چڪتو
پر نہ ٿيو آ.

سماج تي گهري چوٽ ڪرڻ جو، سندس ڍنگ بہ ڏسو :

سب وڏا آهن!
ننڍا آهن ڪئي؟
دلين جي درميان
اج فاصلا آهن!

اڄ بہ هن جي رچنائن جي تازگي قائم آهي. سندس ڪيتريون رچنائون وقت کي شڪست ڏيئي بيٺيون آهن :

رات جي انڌيري ۾
خاموشيءَ جي سايي ۾
حرفتون ۽ چالاڪيون
پنهنجا پر پکيڙن ٿيون.
زندگيءَ جي ڌڙڪن تي

”گهنڊ پيو گڙي“ کي ڇڏي، هڪ قسم جي ذهني تياري هئي، پنهنجي ويچارن ۽ احساسات جي صحيح شعري عڪاسي ڪرڻ جي، جيئن پرندو اونچي اُڏام پرڻ کان اڳ، پنهنجا کنڀ سموئيندو آهي ۽ پوءِ پختي ارادي سان اُڏامندو آهي. ايشور آنچل جون هي تمام شعري رچنائون، سندس شعري سفر جو سلسلو آهن. شاعر جي ويچارن ۽ احساسات ڪهڙا ڪهڙا ڏيڪ پار ڪيا، ڪهڙن موڙن تي رڪجي هن ساهي پٽي، وري پنڌ پيو.

ايشور آنچل جي شاعري، خاص ڪري نئين ڪوتا علامتي رنگ ۾ رڱيل آهي. جيسين سندس علامت کي پوري طرح نہ سمجهيو ويو آهي، تيستائين سندس ڪلام مان شعري هڳاءُ جهٽڻ ممڪن ناهي. آنچل جي شعري مجموعي جو عنوان، جنهن تي ڪيس ساهتيہ اڪاڊميءَ جو انعام عطا ٿيو، ”ٽانڊاڻا انڌيري رات ۾“. ٽانڊاڻا معنيٰ ڪڙ ڪيٽو، جو ڪن پل جي هلڪي چمڪ ڏيئي غائب ٿي ويندو آهي ۽ وري ٻي هنڌ وڃي چمڪ ڪندو آهي. شاعر ان کي حياتيءَ جي سک ڏک جي علامت ڪري ڪتيو آهي يعني چمڪ خوشيءَ جي ڪن پل ۽ انڌيرو ڏک جو. ڪن پل خوشيءَ جي چمڪ ۽ وري غمن جو انڌيرو!

آنچل جي شاعريءَ جي خاص وصف اِها آهي تہ سندس احساس ۽ اظهار ۾ فاصلو تمام گهٽ آهي. اها خوبي اُنهن شاعرن ۾ ٿئي ٿي، جيڪي گهڻي عرصي کان شاعريءَ تي مشق پچائين ٿا، ورنہ شوقيا شاعرن ۾ هوُ سوچين ڪجهہ ٿا، سندن احساس اور آهن پر جڏهن هوُ اظهار تي اُترن ٿا تہ سندن ڪلام ۾ شعري هڳاءُ تہ ڇا پر سندن دل جو احساس بہ پورو نٽو اُتري، پوءِ سندن ڪلام صرف لفظن جو ڍير ٿيو پوي ٿو.

آنچل جو شعري شعور نهايت ئي وسيع آهي. سندس نگاه ڪائنات جي هر نظام تي پوي ٿي. اتهاس، ماضي، حال ۽ سياسي صورتحال تي بہ شاعر غور فرمائي ٿو ۽ خود کي بيوس ٿو محسوس ڪري، تمام ٿورن لفظن ۾، ان درد جو هينئن اظهار ڪري ٿو :

هاءِ فطرت ۾ اسانجي هي تفاد آيو ڪٿان
غم ڀلائڻ لاءِ غم جا گيت ڳايون ٿا اسين.

دشمنن جي آهه فطرت دشمني پاڙڻ، مگر
دوستن جي دوستيءَ کي آزمايون ٿا اسين.

ايشور آنچل جا ڪي ڪي شعر تہ معنيٰ آفرينيءَ وارا آهن يعني هڪ شعر مان ڪيئي مطلب ڪڍي سگهجن ٿا. ٻين لفظن ۾ سندس ڪلام ۾ ٻوليءَ جو تخليقي استعمال سبب بعد جديديت جا عناصر نمايان آهن :

منهن جو رنگ اُڏامي چو ويئہ؟
مون تہ فقط توکي ڪيڪاريو!

شعر ۾ واحد متڪلم صرف ڪيڪاري ٿو پر اڳلي جو رنگ لهي وڃڻ، گهٽائي مطلب ٿو عطا ڪري. ڇا واحد متڪلم جي ڪيڪار اڳلي کي نوڪ ٿي لڳي يا سندس ڪيل غلط وهنوار جي ياد ٿي ڏياري. اهو سڄو معنيٰ آفريني پهلو جيڪو 'رنگ اُڏامي'، مان اُڀري ٿو، سو بعد جديديت شاعريءَ جي هڪ اهم وصف ٿي اُڀريو آهي.

غزل گوُ شاعر چاڻين ٿا تہ اهڙو شعر سڌو سادو پر نهايت گهرو ۽ پُرُ معنيٰ رَچڻ، ڪو آسان مرحلو ناهي. سندس هڪ ٻيو شعر آهي :

رت جا رشتا پاڻي
لڄي ٿي آهي ڪُک جي غيرت
اڄ جي حياتيءَ ڏانهن اِشارو آهي. اڄ
رت جا رشتا پنهنجي معنيٰ وڃائي ويا
آهن؛ جنهن ماءُ جي ڪُکِ کي لڄي ڪري ڇڏيو آهي.

غزل موزون شاعريءَ جي هڪ اهم صنف آهي، ان لاءِ بحر وزن جي ڄاڻ بيحد ئي ضروري آهي. ايشور جي غزلن مان ظاهر آهي تہ هيءُ غزل جي فني نفيس باريڪين کان واقف آهي. ان

موت گيت ڳائي ٿو
چنڊ جي اُجالي کي
انتڪار ڪائي ٿو
ڪائنات جو سينو
ڊپ ڪان ٿر ٿرائي ٿو
موت مسڪرائي ٿو
مان اداس
سوچيان ٿو
ڪيترين اميدن جي
چنڊ ۽ تارن جا
ڪير ڇاٽي ڪيڏا روز
روز ڪفن سبجن ٿا

اڃا تائين
حياتيءَ درد جو ڳاتو نہ آهي گيت اهڙو
جنهن جي سر لهرن سان
ٻٽجي دردمند انسان
حياتيءَ جا پراڻا زخم ميساري.

هيءَ سموري ڪوتا جنهن زوردار لهجي ۽ روانيءَ ۾ شاعر پيش ڪئي آهي، سو داد جي قابل آهي! شاعر پنهنجي ذاتي احساسات جو اظهار، ڏسو ڪيئن ٿو ڪري.

منهنجي حيات
سڙڪ تي ٻرندڙ سگريٽ
سڙي سڙي جو رک ٿي ويندو.

آنچل غزل گوُ شاعر بہ آهي، جيتوڻيڪ هن غزل ٿورو چيو آهي. هوُ غزل جي تمام فني پهلوئن کان آشنا آهي. ان باعث ئي سندس غزل جو انداز بيان نرالو، تصوير ڪشي دل کي ڇهندڙ ۽ پراثر آهي:

مُٺو منڊائي ساک ڪڍون ٿا
ڪيڏو سوچيون ٿا ماڻهن جو
يا
ڪالهہ جنهن جي ياد ۾ هئي چاشني
اڄ انهيءَ ۾ ذائقو آ زهر جو!

ايشور آنچل ترقي پسند دور جو هڪ تيز شعلو، ورهين بعد بہ، وساڻو ناهي، مگر سندس شعاع ۾ دل ڇڪيندڙ، دماغ کي زلزلائيندڙ لاٽ اُهائي آهي. هن جي شاعريءَ مان فن-فڪر جو شعور، زندگيءَ سان گهري وابستگي، ماضي، حال ۽ مستقبل تي فڪرمنديءَ جا نهايت شعري هڳاءَ سان خيال پيش ٿيل آهن، جي دل کي ڇورين ٿا، دماغ ۾ هلچل مچائين ٿا. جنهن شاعر جي ڪلام ۾ اِها قوت آهي، تنهن کي بلند چوٽيءَ ۾ عار ڇو ڪجي؟

■

ڪري سندس غزل سوچ ۽ فڪر جو باعث ٿي نہ پر هڪ ڪيفيت بہ ظاهر ڪري ٿو. بيان جي خوبي، پختي بندش، تشبيهن جي تازگي هن جي غزل کي دلڪش بڻائين ٿيون. سندس پهرين مجموعي ”گهنڊ پيو گُرِّي“ (1967) جا ڪي غزل رومانوي درد سان پُرُ آهن تہ ڪن ۾ وري حياتيءَ جي ڪنور حالتن جا اثر بہ سهڻي نموني نمايان آهن :

راهہ پلڄي تنهنجو منهنجي گهر اچڻ
تو سان پرچڻ جو بهانو ٿي ويو!

آنچل جا روماني طبيعت وارا شعر بہ خوب آهن :

ڪريان مان جڏهن توکي ياد، هوءَ بہ ياد اچي
نہ آهين دل کان پري تون، نہ هوءَ ٿي آهي
مان اوهان ٻنهي جي وچ ۾، ان طرح آهيان
جيئن هجن ٻہ ڪنارا ۽ وچ ۾ ڪشتي تري


چانو اڱ ۾ جنهن جي زلفن ۾ هئي
هاڻ آ اُنجي ورهہ جي اُس ڪڙي.
رات ايڏا لڙڪ لاڙيندو رهيس
پاند ڌرتيءَ جو سمورو ويو پُسجي.

ڏکويل دل کي ڏڍ ڏيڻي ائين پرچائبو آهي
ڏئي لب نول جو جڻن ٻار کي پرچائبو آهي
حيات چاهي سمي جو پهاڙ ٽُڪٽو آ
جڏهن ٿا پورا ٿين ڏينهن ٿي نجات ملي.

پنيلجي وجو ڪين منهنجيءَ خوشيءَ تي
لڪل غم گهڻا منهنجي راحت ۾ آهن.

شاعر طنز ۽ چوٽ بہ خوب ٿو ڪري :

موهن ڪلپنا



جنم : 22 نومبر 1930ع
ڪوٽڙي (سنڌ)

ديهانت : 19 جون 1992ع
اُلهاسنگر

جلاوطنيءَ جو درد

موهن ڪلپنا هن نئين ڪٿ جو هڪ برجستو قلمڪار آهي. سندس ناموس هند سان گڏ سرحد جي هن پار سنڌ ۾ به ڦهليل آهي. هن جو جنم ڇنڇر 22 نومبر 1930ع تي شهر ڪوٽڙي ضلع دادو سنڌ جي هڪ تعليم يافته ڪٽنب ۾ ٿيو. هن قلمڪار جي تخليقن کي عام پاٺڪ سان گڏ ادب جي شعوري طبقي به پسند ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ادب جي دنيا ۾ اهڙو مقام تمام گهٽ تخليقڪارن کي نصيب ٿيندو آهي. يوڳيل سچ جي فنائتي اظهار سبب، سندس تخليقون پُرُ اثر پڙهڻ جهڙيون آهن. سندس لکيتن ۾ حقيقت ۽ ڪلپنا جو سندر ميل ملي ٿو. ڳالهين کي ٽپرس ۾ وجهندڙ، پُرُ اثر عبارت ۾ اظهار ڏيڻ سندس سياءُ جو هڪ اڻوٽ انگ هئو. هونئن به اڄ جو ادب يوڳيل زندگيءَ جي احساسات جو اظهار ئي ته آهي! ڪنهن ويچار يا مسئلي کي ادبي سانچي ۾ اظهارڻ جو وقت هاڻي گذري ويو. موهن ڪلپنا چواڻي :

”مونکي محسوس ٿيو يا وهم ٿيو ته مان جيڪي
به چوڻ ٿو چاهيان، اُهو زندگيءَ جي قريب آهي،
جيڪا مون ڏٺي آهي ۽ جنهن کي مون ماڻيو آهي.“

يوڳيل زندگي پنهنجي صورت پاڻ اختيار ڪندي آهي. ٻولين جي عالمي اثر ۽ ڳاڙهَ ذاتي ادب جي صنفن جي شڪل صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي. ناول، آتم-ڪٿا، يادگيريون، ڊائري وغيره جيتوڻيڪ ادب جون پن پن شاخون آهن، ليڪن جديد دور ۾ اُهي نثري صنفون هڪ ٻئي جي دائري ۾ دخل اندازي ڪنديون

جون سرڪيون پريون آهن. موهن جي ليکڪ بڻجڻ ۾ سندس ماءُ جو وڏو هٿ هو. هوُ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو :

”مان ليکڪ ماءُ جي بدولت بڻيو آهيان. هوءَ منهنجي پيءُ کي لنبا لنبا خط لکندي هئي ۽ انهن کي زور زور سان پڙهندي هئي. مون به انهن ڏينهن ۾ ئي خط لکڻ سکيا. ٻارهن سالن جي عمر ۾، مون هڪ ناول لکيو، جنهن ۾ مون بلئڪ جاسوس جو موت ڏيکاريو .... ماءُ هڪ يونيورسٽي آهي. زبان به اها ڏني، تهذيب به. پيار، موهه، ممتا، وشواس ۽ تياڳ به.“

موهن ڪلپنا کي پنهنجي حياتيءَ ۾ گهٽين ئي مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو هو. زندگيءَ جي پوئين پهر تائين لڪشمي، هن سان رٺل رهي. هن سچي حياتي جدوجهد ڪندي گذاري. موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ۾ سندس مالي تڪليفن ۽ زندگيءَ سان ڪشمڪش جي چٽي تصوير ملي ٿي. هوُ لکي ٿو :

”حقيقت اِها آهي ته سن 1948ع کان 1954ع تائين منهنجي جوان زندگيءَ ۾ هڪ به هفتو اهڙو نه آيو جو روز هڪ نيرن ۽ ٻه ويلا ماني نصيب ٿي هجي.“

”..... هڪ نهايت ڏکيو رستو طئہ ڪيو آهي مون. هونءَ ڪو رستو ٿيندو ته نه آهي زندگيءَ ۾. پيچرا، پهاڙ، ميدانن تي ڪريل گل پير رکجن ته اڪثر ڪندا لڳن. واديون لهندو وڃجي، ڪرندو وڃجي. ڪرڻ ۾ موج آهي ڪنهن سان ڪوڙ. ڪنهن سان دوکو. ڪڏهن اجايو ايمان. پر مون اڪثر مٿي چڙهڻ چاهيو آهي. مٿي ۽ مٿي. ان کان به مٿي .... ڏسان ته اتي ئي بيٺو آهيان. ياترا فقط من جي ڪئي اٿم. آدرشن جا پهاڙ، عمل جون کاهيون. ڪڏهن عمل جون ٻاهيون. جيل جڊ ڪاٽيا اٿم ته گولين جي سامهون سينو به ساهيو اٿم. ادبي محفلن ۾ سر ڪاٽيا اٿم ۽

نظر اچن ٿيون. ادب جون اِهي صنفون، اڄ پنهنجي انفراديت وڃائڻ لڳيون آهن. جديد ادب جي، ڪنهن مقرر اُصول يا فارمولي تي پرک، ان کي صحيح ثابت نه ڪندي، ان جو روپ ڪوٺو ئي نڪرندو. موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ”بک، عشق، ادب“ جڏهن شايع ٿي، ته تيز تنقيد جو شڪار بڻي هئي. ڪنهن طنز ڪندي لکيو، ”موهن ڪلپنا جو هيءُ هڪ ڪامياب ناول آهي.“ ته ٻئي چيو، ”موهن ڪلپنا جي هيءَ آتم ڪٿا، آتم ڪٿا جي ٽيڪنيڪ تي پوري ڪانهي!“ يعني قلمڪار پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ وقت، آتم ڪٿا جي بنيادي اصولن کي طاق تي رکي ڇڏيو آهي. اِهي ڳالهيون ٻڌي موهن ڪلپنا جوش ۾ اچي ويو هئو. مخالفتين کي جواب ڏيندي چيو هئائين، ”آتم ڪٿا قاعدن جي آڌار تي نه نهندي آهي، قاعدا آتم ڪٿا جي ڌار تي نهندا آهن.“

موهن ڪلپنا، سنڌي ادب ۾ هڪ پُرڪشش شخصيت ٿي اُڀريو. ڊگهو، قداور، پنهنجائپ وارو، سَرَلِ، پيار ڪندڙ، چرچائي ۽ مهمان-نواز. فصيح زبانيءَ ۾ هوُ پنهنجو مٽ پاڻ هئو. ميڙن، ادبي محفلن ۽ سيمينارن ۾ سندس حاضري محسوس ٿيندي هئي. مرڻ-مارڻ لاءِ هميشه تيار. خوشامد جي غير موجودگي. مهِت-ڪانگي. پارٽي بازيءَ جي سياست کان ٻنه پري. سنڌيءَ جي نثري ادب کي هن بيحد شاهوڪار بڻايو.

موهن ڪلپنا پنهنجي هڪ ليک، ’منهنجو نظريو ۽ منهنجي اوقات‘ ۾ لکي ٿو :

”هر شخص جي ڪٿا دروپديءَ جي ساڙهيءَ وانگر ڊگهي ۽ ڪڏهن ختم نه ٿيڻ واري هوندي آهي. هزارين ريڪا چٽر، هزارين رنگ هوندا آهن ان ۾! ڳٽپ ڪانهي انهن جي!! ڪهڙي ڳالهم ڪڍهن، ڪٿي تي ٽئي، ڪنهن کي پتو ڪونهي ... ها، منهنجي لاءِ فن سچ جي ڳولها آهي ۽ منهنجي لاءِ سچ فن جي جدوجهد آهي.“

ماءُ جي محبت عالم آشڪار آهي. موهن به ماءُ جي ساراه

سگرين داهو ڪيو ۽ اهو سلسلو اڃا جاري آهي.“
”..... مونکي لکڻ وقت تنهائي ۽ خاموشي کپي، مگر ڪڏهن جنون جي شدت اهڙي جو ٻنهي جي غير موجودگيءَ جو احساس نہ ٿئي. اڪثر مان لکڻ وقت ريڊيو، ٽي.وي چالو نہ ڪريان ۽ فون جو چوغو هيٺ لاهي رکان.“

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جا مجموعا آهن : ”موهي-نرموهي“ (1961)، ”چانڊني ۽ زهر“ (1964)، ”فرشتن جي دنيا“ (1966)، ”اُها شام“ (1981)، ”انين ڪٿا“ (1989) ۽ ”درد جي تلاش“ (1995) موهن ڪلپنا کي ”اها شام“ ڪهاڻي سنگره تي سن 1984ع ۾ سينٽرل ساهتيہ اڪاڊمي ايوارڊ مليو. مهاراشٽر سرڪار پڻ موهن ڪلپنا کي سن 1990ع ۾ گُورُو پرسڪار عطا ڪيو. موهن ڪلپنا جي شروعاتي رچنائن تي ترقي پسند ڌارا جو اثر نمايان آهي. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ڌارا جو آغاز، ورهاڱي کان ٿورو اڳ ٿي چڪو هو. هي اُهو سمو هو، جڏهن ترقي پسند دور پنهنجي عروج تي هو. هرڪو باشعور ۽ سجاڳ اديب، ان دور جي اثر کان پاڻ بچائي نہ سگهيو. حالتن جي تقاضا پڻ اها هئي. پر ڌيري ڌيري ترقي پسند ڌارا جا موضوع پنهنجي ڪشش وڃائڻ لڳا. ديشي-وديشي ٻولين ۾ پڻ ادب ۽ ڪلا جون نيون ڌارائون نمودار ٿيڻ لڳيون. ايتري قدر جو، ان عرصي ۾ روس جهڙي سماجوادي ملڪ جي اديبن جي رخ ۾ پڻ تبديلي اچڻ لڳي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سن ڇهين ڏهاڪي ڌاري سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ ۾ رومانوي ڌارا نمودار ٿي. ترقي پسند ڌارا ۾ جتي سماج جي مجموعي روپ کي ترجيح ڏني ويندي هئي، اُتي هينئر اديبن جو ڌيان ’فرد‘ ۾ وڃي کُتو. سنڌي ادب ۾ هڪ نوجوان پيڙهي اُسري، جنهن مارڪسوادي ڌارا جي غير ادبي ۽ پرچاري تخليقن کي للڪاريو. ان نوجوان ٽهيءَ جي اڳواڻي موهن ڪلپنا ڪئي. جلدئي گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ بہ هن سان اچي شامل ٿيا. ان ٽمورتيءَ ترقي پسند ڌارا جي خلاف پنهنجو آواز بلند ڪيو. موهن

ڪنايا اٿم. زلفن جي پينگهن ۾ وڪڙ ٻٽجي لطف ماڻيو اٿم ۽ غلط گلاسن جو زهر پيتو اٿم. پنهنجو رت ٻه پياريو اٿم. حاصل مطلب اِهو ئي ته جتي هوس، اُتي آهيان. منهنجو بئنڪ بئلنس فقط ڪي يادون آهن.''

موهن ڪلپنا مٿيون ڳالهيون پنهنجي آتم ڪٿا ''بک، عشق، ادب'' ۾ لکيون آهن. ليڪن حياتيءَ سان جدوجهد ڪندو نظر اچي ٿو. موهن ڪلپنا شخص کي، موهن ڪلپنا تخليقڪار کان جدا نٿو ڪري سگهجي. سندس رچنائن ۾ موهن ڪلپنا ۽ موهن ڪلپنا ۾ ڪيترِيون ئي تخليقون سمايل آهن. موهن ڪلپنا جو ادبي سفر سن 1948ع کان شروع ٿيو. موهن جي پهرين شايع ٿيل ڪهاڻي 'آتم هتيا' آهي، جيڪا سن 1948ع ۾ هڪ فلمي مخزن ۾ شايع ٿي. ان بعد سندس ادبي تخليقن ۾ تيزي آئي. سندس ڪهاڻيون ڏڙاڏڙ ''نرگس''، ''سئنا''، ''نئين دنيا''، ''مانجهي'' ۽ ''ڪهاڻي'' مخزنن ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. موهن ڪلپنا ادب جي سيني صنفن تي قلم هلايو آهي؛ جيئن ته ناول، ناٽڪ، مضمون، رپورتاج، ڪوتا ۽ آتم ڪٿا وغيره. پر سنڌي ادب ۾ هڪ ڪهاڻي نويس جي ناتي هن جو وڏو رتبو آهي. سنڌي ادب جو موهن هڪ سگهارو ڪهاڻي نويس آهي. هن جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو هڪ بي بها خزانو آهن. سنڌيءَ ۾ منهنجي سمجهه موجب سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻيون تخليق ڪرڻ جو جس ٻه موهن ڪلپنا کي آهي. هوُ پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ''درد جي تلاش'' ۾ 'منهنجي رچنا پرڪريا' ۾ چوي ٿو:

''1948 کان 1960 تائين سخت غربت واري ماحول ۾ مون کي اڌ پگل يا ڪهڙي ٻه نيبل اڳيان لکڻ لاءِ اگربتي يا ڌوپ ٻارڻ جي ضرورت پوندي هئي جو ان جي خوشبو منهنجي سوچ جي تيزاب کي يا ڪنهن حد تائين منهنجي ذهني پاڳلپڻي کي ضابطي هيٺ رکندي هئي. پوءِ شادي ئي ته ڌوپن جي جڳهه تي

’فيصلو‘، ’چاندني ۽ زهر‘، ’خوابن ۽ سراپن جي وچ مان‘ وغيره ڪهاڻين ۾ فن جي بيحد پختائي ملي ٿي.

موهن ڪلپنا ناولن جي بہ تخليق ڪئي. هن جا هيٺيان ناول شايع ٿيل آهن : ”آوارا“ (1953)، ”لڳن“ (1954)، ”عورت“ (1956)، ”زندگي“ (1957)، ”پٿر جو جگر ميڻ جي دل“ (1959)، ”وشواس“ (1959)، ”رڃ ۽ پاڇا“ (1968)، ”جلاوطني“ (1974)، ”ماءُ“ (1979) ۽ ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ (1981). موهن ڪلپنا پنهنجي ناولن ۾ سماجي مسئلن جي جڳهہ تي منووگيان جو سهارو ورتو. هن ناول کي هڪ نئون نظريو ۽ فلسفاڻي گهرائي عطا ڪئي. هن جي ناولن ۾ هن جي شاعرانہ روپ بہ اُڀري اچي ٿو. ڪٿي ڪٿي ڪردارن جي لنبي ۽ بي معنيٰ گفتگو بہ آهي، جيڪا سندس ناولن جو عيب بڻجي اچي ٿي. ”وشواس“ ۽ ”جلاوطني“ ان جا مثال آهن. موهن جي ”جلاوطني“ ناول ۾ سنڌ لاءِ بي پناه محبت جو اظهار ڪيل آهي. موهن جي ناولن ۾ اڪثر ڪردارن جو منو-وگيانڪ ڇيد ۽ انهن جي خانگي حالتن جو ئي اظهار آهي. موهن کي هڪ طرف ڪلپنا جي اُڏام آهي ۽ ٻي طرف انيوتين جو خزانو، هوُ جنهن ڪري پنهنجي رچنائن ۾ خوبصورتي ۽ رس ڀرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن جي ناولن ۾ احساسات جي جيڪا سونهن، ٻوليءَ جي جيڪا رواني ۽ عبارت جي جيڪا پختگي آهي، اها هن جي ڪنهن بہ همعصر ناول نويس لاءِ ايرکا جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي. پر موهن جتي ناول جي اصول کي وساري، صرف من-ڇيد جي چڪر ۾ وڃي ڦاٿو آهي، اُتي هن جي ناول جي سونهن کي زخم رسيو آهي. ”وشواس“ ان جو زنده مثال آهي.

موهن ڪلپنا جي ”اڃا رات باقي آهي“ (1955) گوئا جي ستياگره سان وابستہ سنڌيءَ جي هڪ اهم رپورتاج آهي. ان ۾ اکين ڏٺل وارداتن جو جيئرو جاڳندو ۽ سياويڪ اظهار آهي، جيڪو ڪافي جاندار آهي.

موهن ڪلپنا سن 1958ع ۾ ٻارن لاءِ هڪ ناول لکيو : ”سرڳ جي ٻولها“. هيءُ سنڌيءَ جو پهريون ناول آهي، جيڪو ’هڪ هو

ڪلپنا جو رايو آهي تہ اعليٰ ادب ڪنهن بہ واد جو سهارو نٿو وٺي. هوُ لکي ٿو، ”هر واد، هر فلسفو هڪ بندش آهي، جيڪو اديب جي حدبندي ٿو ڪري.“ بقول هريش واسواڻي :

”ڪلپنا چاڪاڻ تہ ڪنهن سنديش جو بار نٿو کڻي، شخص ۽ سماج جي بنيادي ورود کي پڪڙي ٿو، انساني پنڪاءُ، ايڪانت، ۽ ٽوٽ جون کي اسٿتيون خلقي ٿو. تجربن جا تجربا نٿو ڪري، اظهار جي تڪاڻ ساڻ کڻي ٿو اچي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي سفر ۾ قابل ذڪر حيثيت رکي ٿو“.

موهن ڪلپنا رومانوي فطرت جو ڪهاڻي نويس آهي. موجوده دور ۾ پريم جو روپ بيحد پيچيدو ٿي ويو آهي. هاڻي لئلا-مجنو، شيرين-فرهاد گهٽ ئي پيدا ٿيندا آهن. ڪوئي ڪجھ بہ چوي، پر حقيقت اها آهي تہ هر پُرڪشش ۽ زنده دل شخص جي حياتيءَ ۾ ٻہ چار عورتون ايندڙيون ئي آهن. اُنهن مان ڪير جتاءُ ٿو ڪري ۽ ڪير هليو ٿو وڃي، اهو حالتن ۽ ڪشش جي گهرائيءَ تي منحصر آهي. موهن ڪلپنا پڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترين عورتن جي سنگ ۾ اچي ٿو ۽ هرهڪ تعلق کيس هڪ نئون آزموندو ٿو عطا ڪري. اُنهن آزمودن ۽ احساسات تي موهن ڪلپنا ڪهاڻيون ۽ ناول تخليق ڪيا. فرائڊ ۽ اُن جي پوين من-ڇيد جي ماهرن جو اثر بہ سندس ادب تي آهي.

موهن ڪهاڻين ۾ اهڙن انيڪ ڪردارن کي خلقيو آهي، جن جي شخصيت گهٽ يا وڌيڪ ورهايل آهي. موهن جي ڪهاڻين جا گهڻا ڪردار مايوسي ۽ نا اُميديءَ جي ماحول ۾ پنهنجي مسئلن جي آس پاس چڪر ڪاٽيندا نظر اچن ٿا. موهن ڪلپنا سنڌي ڪهاڻيءَ کي سطحي حقيقت نگاريءَ کان نجات ڏياري، ڪهاڻيءَ کي فرد جي اندروني شخص جي مانسڪ ۽ ذهني عڪاسيءَ جو واهڻ بڻايو. ڪلپنا اسٿول مسئلن جي بدران سوکيم منووگيان جو سهارو ورتو. موهن جي ڪهاڻين جي گفتگو بيحد ئي دلچسپ آهي. ’پٽر جو دشمن‘، ’هڪ شريف ماڻهو گاڏيءَ ۾‘،

اُپري اسان جي سامهون آيو آهي. موهن ڪلپنا جو ”جهاز جي ڊيڪ تي“ موضوع ۽ هيئت جي لحاظ کان نئين ڪوتا جو مجموعو آهي ۽ نہ آزاد نظمن جو، جيئن قلمڪار لکيو آهي. هنن ڪوتائن ۾ رچناڪار زندگيءَ کي نئين نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ”بک، عشق، ادب“ پنهنجي پُرُ اثر افسانوي انداز ۽ پختي فن سبب شايع ٿيندي ئي ادبي دنيا جي هڪ اهم تخليق بڻجي ويئي. ادب جي عام توڙي خاص بنهي طرح جي پڙهندڙن ۾ ڪيس مقبوليت حاصل ٿي. موهن هند خواه سنڌ جي ادبي خلقن ۾ هر دلعزيز بڻجي ويو. ڪابہ تخليق پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اهميت جي حقدار بڻبي آهي. بورس پاسترناڪ (Boris Pasternak) جو ذڪر ڪندي ببيتا ڊينٽ (Babeta Denrach) صحيح لکيو آهي :

”شاعر (ليکڪ بہ) جي جيوني ان رد عمل ۾ ئي زنده آهي، جيڪو هوُ پڙهندڙن جي من ۾ پيدا تو ڪري.“

موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ”بک، عشق، ادب“ پڙهندڙ کي اديب موهن ڪلپنا جي ڀيٽ ۾ موهن ڪلپنا شخص جي وڌيڪ ويجهو آڻي ٿي؛ ڇو تہ آتم ڪٿا رچناڪار جي شخصيت جي پل پل جي ڪهاڻي آهي. فنائتي ۽ پکي پختي اظهار ۽ احساسات جي گهرائي سبب، موهن جي آتم ڪٿا دل کي ڇهي ٿي. آتم ڪٿا ليکڪ هن ۾ پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجي حياتيءَ جي ڪوڙن تجربن ۽ تناوَ ڀريل گهڙين جو احوال تمام موثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

موهن ڪلپنا کي سچي حياتي ان ٻالهہ جي ملوائي رهي تہ صدين کان هڪ هنڌ مڻ محبت ۾ رهندڙ ٻن قومن کي مذهب جي نالي تي، مذهب جي صحيح معنيٰ نہ سمجهندڙ سياستدانن هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو. موهن سنڌ مان تڙي پار ٿيو. وري سنڌ ڏسڻ نصيب نہ ٿيس. جلاوطنيءَ جو درد ڪيس سچي حياتي

راجا' جي روايتي طرز کان هٽي، ٻارن ۾ جانبازيءَ جا احساسات پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي. موهن ڪلپنا جو هيءُ ٻال ناول بيحد ئي دلچسپ ۽ سکيادايڪ آهي.

موهن ڪلپنا ٽي جيونيون به لکيون آهن : ''فنڪار ۽ فيلسوف''، ''آفتابِ انقلاب'' ۽ ''انسان دوست سلامت پرسواڻي''. ٽنهي شخصن جي نزديڪ رهڻ سبب موهن سندن زندگيءَ جي حقيقتن ۽ وارداتن جي اسان کي سامهون پيش ڪري سگهيو آهي. سنڌيءَ جي برک اديب سڳن آهوجا جي فن ۽ شخصيت تي لکيل ''فنڪار ۽ فيلسوف'' سنڌيءَ جي جيوني ادب جي هڪ عمدي حاصلات آهي. موهن ڪلپنا، سڳن آهوجا جو گهرو دوست هو. شاعريءَ جي فن جي نزاڪتن ۽ باريڪ بينين کان، سڳن ئي کيس واقف ڪيو هو. ''فنڪار ۽ فيلسوف'' ۾ ڪلپنا، سڳن جي شخصي ۽ ڪلاڪار جي تمام باريڪ بينيءَ سان وضاحت ڪئي آهي. موهن ڪلپنا مضمون-نگار ۽ نقاد پڻ هو. جديد سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان به موهن ڪافي ڪجهه لکيو آهي. موهن سن 1963ع ۾ ''نظرياتي ڪشمڪش'' نالي ڪتاب جي تخليق ڪئي. موهن هن ڪتاب معرفت ترقي پسند اديبن سان زوردار ٽڪر کاڌو ۽ سندن مارڪسوادي پرچاري ادب کي للڪاريو. موهن جي هن ڪتاب ۾ ادب کي فني قدرن جي مدِنظر پرکڻ جي ڳالهه ڇيل آهي.

موهن ڪلپنا ايڪانڪي ۽ ريڊيو ناٽڪ به لکيا آهن پر انهن جو انداز گهٽو ڪونهي. سندس ناٽڪ هِتي-هُتي شايع ٿيل آهن. موهن جي ناٽڪن جو ڪوبه مجموعو شايع ٿيل ڪونهي.

سن 1983ع ۾ موهن ڪلپنا جي نئين ڪوتا جو مجموعو ''جهاز جي ڊيڪ تي'' شايع ٿيو. موهن ڪلپنا هنن ڪوتائن کي آزاد نظم ٿو ڪوني. آزاد نظم ۾ وزن جي پابندي ضروري آهي. اهو فقط قافيه رديف جي بنڌنن کان آزاد آهي. ڇو تہ شاعر وٽ وزن جي اُستادي حاصل نہ هئي، ان ڪري هن پنهنجي ڪوتائن ۾ صرف ٽن چئن وزنن جو ئي استعمال ڪيو آهي؛ ۽ انهن جو خيال بہ پوري طرح رکي نہ سگهيو آهي. ڪوتائن مان هڪ نئون سُرُ

آهن تہ سندن تنهاين کي نانگ ڏنگڻ لڳندا آهن.
ڪردارن جو هٿ پڪڙي مان ڪين ڪڍهن مٿي
چڪيندو آهيان تہ ڪڏهن زور لڳائي هيٺ ڪيرائيندو
آهيان. تنهن ڪري منهنجو فن جهنگلي بہ آهي تہ
ساتوڪ بہ آهي."

موهن پارٽ جي ورهاڱي ڪانپوءِ ڏاڍي غريبي ڏٺي. هوُ
پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو :

"رشيد ڀٽيءَ چيو، "موهن مونکي ڏاڙهي لاهڻي آهي ۽
اِها تنهنجي گهر لاهڻي آهي."

مان ڪيس گهر وٺي آيس. هوُ منهنجي غربت جو اندازو
لڳائي ويو. افسوس جو ان ڏينهن آرسيءَ سان گڏ بليڊ بہ پڳل هو.
صابڻ بہ ڪونہ هو. هن ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ گهريو. پڳل بليڊ سان
ڏاڙهي لاٿائين تہ ڪافي ڪٽيون آيس. اکين ۾ پاڻي پرجي
آيس."

موهن ڪلپنا هڪ پيرو سنڌ وڃڻ پئي چاهيو، نہ وڃي
سگهيو. من جي ان درد ۽ پيڙا کي هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ پر اثر
نموني اظهار ڏنو آهي. پنهنجي ملڪ سان اهڙي محبت جو مثال
دنيا جي ادب ۾ ملڻ آسان ناهي. هوُ چوي ٿو :

"مان ائين جلاوطنيءَ ۾ ئي ڳري سڙي ختم ٿي
ويندس ۽ پوءِ شايد ڪي ماڻهو ڳالهہ ڪندا. "هڪ
هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا. ٻنهي هڪ ٻئي
کي ڏاڍي محبت ڪئي - پر ملي نہ سگهيا."

موهن ڪلپنا جي نس نس ۾ زندگيءَ پر سنڌيت جي ڌارا
وهندي رهي. هوُ پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي
ادب ۽ سنڌي تهذيب جي ڦهلاءَ ۽ اوسر لاءِ سرگردان رهيو. هوُ هڪ
هنڌ لکي ٿو : "سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب،
سنڌي ڪلچر، سنڌي ساهت، سنڌي هلچل، سنڌي
جلاوطني، سنڌي فرد .... اهي سڀ موهن ڪلپنا ۾ آهن".
سنڌيءَ جي اهڙي ڳهڻ ڳُڻدائي تخليقڪار موهن ڪلپنا جو موت

تڙڦائيندو رهيو. ”سيلف پورٽريٽ“ ۾ موهن ڪلپنا لکي ٿو :

”اڳ ۾ هڪ هندستان هو، هاڻي هڪ پاڪستان بہ آهي. ٻنهي جي وچ ۾ حد آهي يا حدون آهن. اِهي حدون ڪنهن ناهيون، يا اهي حدون اڳ ۾ ڪٿي هيون؟ ڪالهہ جن جو ڪو وجود نہ هو، ڪهڙو پتو مستقبل ۾ ان جو وجود هوندو بہ يا نہ؟“ ....

... چئو، دنيا ۾ اهو ڪهڙو ملڪ آهي، جيڪو تون ڏسڻ چاهيندين؟

”هڪ شخص جي ناتي مان اٽلي يا فرانس نہ، سنڌ ڏسڻ چاهيندس، پنهنجي سنڌ.“


جيڪڏهن هند-پاڪ ۾ لڙائي ٿئي ۽ توکي بندوق ڏني وڃي تہ ڇا ڪندين؟

”بندوق وڪڻي مان گل خريد ڪندس ۽ اُهي گل اُنهن کي ڏيندس جيڪي لڙائيءَ کي روڪيندا.“

موهن ڪلپنا ’منهنجو نظريو ۽ منهنجي اوقات‘ ۾ لکي ٿو:

”مونکي ڪارل مارڪس ڏاڍو سمجهايو آهي، پر گانڌيءَ جي ”هي رام“ ان کان وڌيڪ عقلمند بڻايو آهي. ڳاڙهي جهنڊيءَ کي مان ڏاڍو مٺي ڏسندو آهيان پر ان کان بہ مٺي مون هڪ ڌن ٻڌي آهي ۽ ٻگن کان مان ان ڌُن ۾ ڪوهيل آهيان. تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ منهنجي من ۽ منهنجي آتما تي ڪافڪا ۽ پرائوُس جو اثر عارضي آهي. مان سچ پچ هڪ الڳ انسان آهيان. پر روي بابوءَ جيان آزاد ۽ پوتر نہ آهيان. مان نہ مغرب جي مهان آتمائن مان آهيان ۽ نہ اوير جي ... منهنجا ڪردار جڏهن ساتوڪ موڊ ۾ هوندا آهن تہ رشيڪيش جي لڪشمڻ جهولي تان لنگهندي ڪين گيتن جو بخار چڙهي ويندو آهي ۽ جڏهن هوُ جهنگلي ٻڌي جهوُ تي سنان ڪرڻ سدا

لعل پشپ



جنم : 1 جنوري 1935ع
لاڑڪاڻو (سنڌ)

ديهانت : 29 مارچ 2009ع
ممبئي

جمع 19 جون 1992ع تي دل ٽُٽڻ سبب سندس گهر، اُلهاسنگر ۾ ٿيو. هند-سنڌ جي ادبي دنيا ۾ دک جي لهر ڦهلجي ويئي. سنڌ جي عظيم فنڪار امر جليل موهن ڪلپنا کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو هم معنيٰ ڪوٺيو ته هند جي برک ڪهاڻي نويس ايشور چندر موهن کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته موهن جي موت سان سنڌي ڪهاڻيءَ جو موت ٿيو آهي.

■

گهڻ پاسائون اديب

لعل پشپ ڀارت جي ورهاڱي بعد پيدا ٿيل نئين پيڙهيءَ جو هڪ برجستو ساهتيڪار آهي. هو سنڌي ادب ۾ هڪ سگهارو ڪهاڻي نويس، ناول نويس، مضمون-نگار، نقاد، ترجمان ۽ مفڪر طور مقبول آهي. لعل پشپ ٽي ڊزن کن ڪتاب ادب جي ڀن ڀن صنفن تي تخليق ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اڻ وسرندڙ خدمت ڪئي آهي. لعل پشپ کي سن 1974ع ۾ ”هنجي آتم جو موت“ ناول لاءِ مرڪزي ساهتيه اڪاڊمي ايوارڊ عطا ٿيو ۽ ان بعد مهاراشٽر سرڪار کيس هڪ لک روپين جي گوروَ پرسڪار سان نوازيو. لعل پشپ جون ڪهاڻيون انگريزي، هندي، مرهٽي، گجراتي، اردو، بنگالي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڇپيون ۽ پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيون. لعل پشپ اخبار نويسيءَ ۾ بہ هڪ اهم رول ادا ڪيو آهي. تڪراري شخصيت جي باوجود، لعل پشپ هند سنڌ جي ادبي دنيا جي هڪ نامياري ۽ اهم شخصيت ٿي اُڀريو. هن پنهنجي فن فڪر ۽ اديبانہ صلاحيتن ۽ خوبين سبب، سنڌي ادب تي اُهي نشان ڇڏيا آهن، جي ڪڏهن متجڻ جا ناهن.

لعل پشپ جو جنم پهرين جنوري 1935ع ۾ هڪ تعليم يافتہ گهر، لاڙڪاڻي ۾ ٿيو؛ جيڪو هينئر سنڌ جو حصو آهي. سُکي ۽ آسودي گهر ۾ جاول لعل پشپ کي، ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ، ڪجهہ وقت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهي انيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. ان بعد هو ممبئيءَ هليو ويو. حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين، هو اُتي رهيو. حياتيءَ جي لڳ ڀڳ مني صدي گذاري، هو ممبئيءَ ۾ ئي پنهنجي گهر ۾ 29 مارچ 2009ع تي راهہ عدم ڏانهن هليو ويو. هن جي ادبي حياتيءَ جي اِبتدا 20 صديءَ

سن 1958ع جي آس پاس سنڌي ادب ۾ هڪ نئون موڙ اچڻ لڳو. ترقي پسند ڌارا ۾ جتي سماج جي مجموعي روپ کي ته جيئن ڏني ويندي هئي، اُتي هينئر اديبن جو ڌيان ’فرد‘ ۾ وڃي کتو. سطحي سماجي حقيقت نگاريءَ بدران، هن دور جا تخليقڪار فرد جي اندروني شخص جي مانسڪ ۽ ذهني عڪاسي ڪرڻ لڳا. انهن انفراديت پسندي ۽ رومانواد جي موضوعن کي کڻي ادب جي تخليق ڪئي. سنڌيءَ ۾ ان ڌارا جي نمودار ٿيڻ سان من-ڇيد وارين ڪهاڻين جي بي مثل ڌارا وهي نڪتي. هن ڌارا جي ڪهاڻي نويسن ڪهاڻيءَ کي حقيقت نگاريءَ جي چڪڻ مان ٻاهر ڪڍي، هڪ منووگيانڪ آڌار عطا ڪيو. هن پيڙهيءَ نوان نوان موضوع کڻي، جهجها تجربا ڪري، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مواد خواه ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان پختائي آندي. هنن تخليقڪارن جو زندگيءَ کي ڏسڻ جو نظريو، اڳ کان بلڪل علحدو هو. ڪهاڻي وڏيڪ سوکيم ۽ اِشارن سان پر ٿي ويئي. لعل پشپ هن رومانوي دور ۾ اهم حيثيت رکندڙ سگهارو سرجڻهار آهي. هن جي ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيل آهن :

1. وشواس اوشواس سن 1958ع
2. ٻنڌن ۽ نرماڻ سن 1965ع
3. دائرو سن 1966ع
4. واريءَ جا محل سن 1966ع
5. پنر ملن سن 1966ع
6. خال ئي خال سن 1970ع
7. قرض جي درخواست سن 1976ع
8. وقت جي رفتار سن 1987ع
9. سنڌي ٻولي امر آهي سن 2004ع

پنجين ڏهاڪي ۾ لکيل پشپ جي ڪهاڻين : ’ڏيون‘، ’تزڪ‘، ’وشواس-اوشواس‘ تي مارڪسوادي ڌارا جو چٽو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو؛ ليڪن جلدئي هن پنهنجي راهه بدلائي ڇڏي. هوُ ڪهاڻيءَ کي ’ٻاهر کان اندر‘ طرف وٺي ويو :

جي پنجين ڏهاڪي ۾ هڪ ڪهاڻيءَ سان ٿي. هوُ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين تخليقي ادب ۾ سرگردان رهيو. لعل پشپ حياتيءَ جو ڪجهه پويون عرصو، گوڏن جي تڪليف سبب ادبي دنيا ۽ دوستن کان ڪنجي ويو هو.

پارٽ جي ورهاڱي کانپوءِ جيڪا نئين پيڙهي ادب ۾ داخل ٿي، اُن ۾ لعل پشپ سڀ کان وڌيڪ ووادي ۽ تڪراري شخصيت رهيو. باوجود ان جي، لعل پشپ هند سنڌ جي هڪ سگهاري تخليقڪار جي روپ ۾ اُڀري اسان جي سامهون آيو آهي. پارٽ ۾ ورهاڱي بعد ڪجهه سمو، ٻين پارٽي ڀاشائن جيان، سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ادب جو زور رهيو. هي اُهو وقت هو، جڏهن ترقي پسند دور پنهنجي عروج تي هو. هرڪو شعوري ۽ سجاڳ قلمڪار، ان صورتحال کان پاڻ بچائي نہ سگهيو. ان کان قريب هر طبقي جا قلمڪار متاثر ٿيا. ”نئين دنيا“ ان وقت جي عيوضي مخزن هئي. نئين دنيا ۾ ڇپجڻ تي ئي شخص تي ليکڪ هئڻ جي مهر لڳندي هئي.

ترقي پسند ادب ۾ طبقاتي ڪشمڪش، بک ۽ بي روزگاري، ڪئمپن جي دوزخي زندگي ۽ ڪنهن خوش نما انقلاب جا چٽر ملن ٿا. هڪ سوچيندڙ تخليقڪار ۽ فنڪار لاءِ هڪ هنڌ بيهي رهڻ هاڃيڪار آهي. جڏهن ترقي پسند دور وارين لکڻين ۾ سطحيت گهر ڪري ويئي، موضوع ڪشش وڃائي ويٺا، تڏهن سجاڳ قلمڪارن، نئين سِري سان، نين حالتن، وارداتن ۽ نظارن تي سوچڻ شروع ڪيو. اُنهن جي سوچ، سمجهہ ۽ شعور ۾ نئون موڙ آيو. نوجوان اديبن جي تخليقي قوت نوان گس ڪڍيا يعني مارڪسوادي رجحانن کان پلئہ آجا ڪيا. ان نوجوان پيڙهيءَ جي اڳواني موهن ڪلپنا ڪئي؛ پوءِ ان ۾ لعل پشپ ۽ گنو سامتاڻي بہ شامل ٿي ويا. هيءَ نوجوان پيڙهي بيحد سجاڳيءَ ۽ گنڀيرتا سان سنڌي ادب ۾ نمودار ٿي. اها نہ-مورتي اڳتي هلي **Angry young men** جي نالي سان مشهور ٿي. لعل پشپ ٽنهي ۾ سڀ کان وڌيڪ تيز، ووادي ۽ تڪراري شخصيت بڻجي اُڀريو.

آهي. اڄ ليکڪ صرف حقيقي چِٽُ ئي نٿو چٽي، پر ان حقيقت کي پيدا ڪندڙ حالتن جي وگيانڪ ڇنڊڇاڻ بہ ڪري ٿو. پر انهيءَ مان نقصان ٿيڻ جو امڪان بہ آهي، ۽ ڪن حالتن ۾ اهو ٿيو بہ آهي. انهيءَ پٽ جا ڪي پانڊيئڙا، تخليقڪار جي جڳهہ تي منووگيانڪ وڏيڪ بڻجي ويا آهن. متي اسان جنهن وگيان جي ڳالهہ ڪئي آهي، ان جي باري ۾ بہ هڪ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ لازمي آهي. منووگيانڪ اپياس اهڙو نہ هئڻ گهرجي جو ڪهاڻي ادب جو هڪ اصطلاحي ڪتاب بڻجي پوي. (هڪ ماءُ، هڪ پيءُ، هڪ پٽني، دائرو) جيڪڏهن اسين فقط منووگيان کي ئي آڌار بڻائي هلنداسين تہ اسان جو ادب ناچاڪ من ۽ پاڳل چرترن سان ڀرجي ويندو. ڪهاڻي صرف ڪنهن خاص شخص تائين محدود ٿي ويندي.

لعل جي اڪثر ڪهاڻين ۾ پلاٽ جو عنصر گهٽ، من ۽ بڌيءَ جو بيان وڌيڪ آهي. لعل جي ڪردارن کي سوچ جي بيماري لڳل آهي، هوُ اڳيان پٺيان سوچيندي صفحن جا صفحا ڀري ٿا ڇڏين (پنر ملن) لعل پشپ جي گهڻين ڪهاڻين ۾ اهو اسٽائيل عمل ۾ آيل آهي. مان ڪردار (تخليقڪار)، ڪردارن جو هڪ من-وگيانيءَ جيان من ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ مصنوعي ڀنڪاءَ جو سوالن جوابن واري عبارت ۾ ڇيد ڪري، گويا پنهنجي لئباريٽريءَ ۾ من-مريضن جو چارٽ ٺاهي رهيو آهي. لعل پشپ جي پوين ڪهاڻين ’بوريت جو احساس‘، ’قرض جي درخواست‘، ’هڪ ڀڇاڙي‘، ’مشين جو پرزو‘، ’خال ئي خال‘ ۽ ’جواب جو موت‘ ۾ موضوعن جي نواڻ سبب، اهي ڪهاڻيون هن جي تخليقي اوسر جو اڳتي قدم آهن. هنن ڪهاڻين ۾ مونکي نئين ڪهاڻي ۽ بعد جديديت (Post moderinsm) جا عناصر نظر آيا آهن يعني لعل مونکي نئين ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ بعد جديديت جي سرحدن کي ڇهندو نظر آيو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ موجوده صورتحال جي بي ترتيب استتين جا چِٽ آهن. ’بوريت جو احساس‘ ۾ برسات سبب ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهجي ويل گاڏيءَ ۾ ويٺل ماڻهن جي بيچارگي ۽ بوريت جو اظهار هڪ ساڌارڻ روپ ۾ ڏيکاريل آهي.

”منهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ’هڪ انسان‘ جي نظر آهي، جا پاترن جي رشتن ناتن کي سمجهڻ چاهي ٿي، سلجهائڻ چاهي ٿي. من جي انيڪ حصن ظاهر ۽ لڪل ۾، انهن رشتن ناتن طرف انيڪ پاونائن ظاهر ۽ لڪل کي ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.“(1)

لعل پشپ جون ڪهاڻيون، ڪهاڻيون نه آهن، منووگيانڪ چتر آهن. انساني رشتن ناتن ۾ ڪجهه ته متان ئي نظر ايندو آهي، پر ان کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ، من جي اندرين تهن ۾ لڪل هوندو آهي. لعل پشپ انهن تهن ۾ گهسي ڪهاڻيون لکي ٿو. انساني من جي تهن اندر جيڪو لڪل آهي، اڻچٽو آهي، پيچيدو آهي، ان کي من ڇيد ذريعي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هوُ هڪ هنڌ لکي ٿو : ”هيا پل هين جي تلاش ۾ رهن، مان هميشه پنهنجي تلاش ۾ رهندو آهيان. مان پاڻ کي سمجهڻ ٿو چاهيان. پنهنجي من جي گهراين ۾ لهي مان اُن ’مان‘ جو درشن ڪرڻ ٿو چاهيان، جو نج ’مان‘ آهيان.“

لعل پشپ جون ڪهاڻيون مڪئنيڪل ڪونهن. هڪ ڪهاڻي هوندي آهي، جيڪا پهاڙن تي چنبڙايل بورڊ جيان هوندي آهي ”ان طرف وڃڻ لاءِ، هن رستي کان وڃو“ ”اوڏانهن وڃڻ لاءِ هيٺ لهو“ وغيره. پر لعل سان ائين ڪونهي. سماجي مسئلن جو هن بهشڪار ڪيو آهي :

”مون سيني سماجڪ مسئلن جي ڳنڙي ٻڌي.
سماج سڌارڪن جي ڪلهن تي رکي ڇڏي آهي.
اهو بوجو مون لاءِ نه آهي.“ (2)

منشي پريمچند هڪ هنڌ لکيو آهي، ”جديد ڪهاڻي منو-وگيانڪ ڇيد ۽ حياتيءَ جي حقيقي چِٽ کي پنهنجو مقصد سمجهندي آهي. پر هينئر ڪهاڻي، اها حد به پار ڪري چڪي

---

1. لعل پشپ : ’دائرو‘، صفحو 10
2. دائرو، صفحو 10.

ناٽڪپڻي، سطحي احساسات ۽ ڏڏڪو ڏيندڙ ڪلائيميڪس ڪان آجا آهن. لعل ناولن ۾ استول مسئلن جي جڳهه تي، من جي اندروني دنيا جو منووگيانڪ ڇيد وڌيڪ ڪيو آهي. هن جي ناولن ۾ سماج جي بدران چرتر تي وڌيڪ توجه ڏنل آهي. لعل پنهنجن ناولن ۾ روايت ڪان هٽي، نلهي جذباديت ڪان ڪنارو ڪري، يڳ چيتنا ڪي سمورين مشڪلاتن سميت چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ناول جي روايتي بندش ڪي قبوليو ڪونهي. لعل سنڌي ادب ڪي هيئنيان ناول ڏنا آهن :

1. آتم مريادا :(ڪوتا پشپ سان گڏ لکيل) سن 1962ع
2. هڪ سرد ديوار : سن 1969ع
3. هنجي آتم جو موت : سن 1973ع
4. تڏهن ۽ هاڻي : سن 1975ع
5. اها ديوار آسمان تائين : سن 1981ع
6. ڪجهه نه ٿيڻ جو حادثو : سن 1982ع
7. هڪ ويشيا ليکڪا : سن 2004ع

”هڪ سرد ديوار“ لعل پشپ جو پهريون اصلوڪو ناول آهي، جيتوڻيڪ هن ڪان اڳ به سن 1962ع ۾ هن جو ”آتم مريادا“ ڪوتا سان گڏ لکيل ناول شايع ٿيل آهي. لعل پشپ جو ”هڪ سرد ديوار“ سهڻي بندش ۾ لکيل پنهنجي نئين موضوع ۽ محاوري سبب، ادبي حضرات ۾ ڪافي وقت بحث مباحثي جو وشيه بڻيو رهيو. آتم ڪٿا عبارت ۾ لکيل هن ناول ۾ استري پرش جي تعلقاتن جو سوکيم منووگيانڪ ڇيد آهي. هن ناول ۾ هڪ شادي شده فنڪار جو ٻي استريءَ سان پيار سبب (اها عورت به مئيل آهي) روايتي سرشتي ۾ رهڻ جي مونجهه ۽ ٻي وسيءَ جي اظهار ڪيل آهي. ناول جو نائڪ مقرر مڃتائن ۽ اخلاقي قدرن جي ديوار سان پنهنجو سر ٽڪرائيندو، گهايل ٿيندو ڏيکاريل آهي. هوُ نه ان جو حل ڳولهڻ ۾ سمرت آهي ۽ نه ڪجهه ڪري سگهڻ جي لائقي ان ۾ رهي آهي. حال ۾ جيئڻ جي هام هڻندي به هوُ ماضيَ ڏانهن گهلجي ٿو وڃي. حالتن جو مضبوط چڪر، هنکي ايترو ته ڪمزور

’قرض جي درخواست‘ ۾ دفتري اينگهه ۽ هيڊ ڪلارڪ جي بي رخي ۽ غير انساني وهنوار کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو ويو آهي. لعل جون پويون ڪهاڻيون زندگيءَ جي الڳاءَ، بي وسي ۽ شهري زندگيءَ جي عقوبتن کي تمام چٽائيءَ سان پيش ڪن ٿيون. اڄ جي حياتيءَ جي پيچيدگين ۽ معملات کي ڪٽي، لعل پشپ ڪيتريون اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون لکيون آهن. لعل ڪهاڻيءَ کي روايت جي ڏيڻ مان ڪڍي نواڻ طرف وٺي ويو آهي. هن تخليقي سطح تي ڪيترا تجربا ڪيا. لعل پشپ چواڻي :

”ڪهاڻي چوڻ جي به هڪ قطار آهي. ڪردار، ڪهاڻي انش، ڪهاڻي سلسلو، شروعات-وچ-پڇاڙي، واقعا، چرم سيما، ادبي ورثي ۾ مليل ٻوليءَ جو استعمال ۽ اظهار، سنڌيءَ ۾ به تنهن ڪري گهڻن ڪهاڻي نويسن ڪهاڻي چوڻ جي مقرر قطار ۾ بيهڻ پسند ڪيو آهي. تمام ٿورن ڪهاڻيءَ جي پنهنجي قطار ٺاهي آهي ۽ تنهن ڪري هنن کي پوڄٽو پيو آهي. ڳچ عرصو هنن جون ڪهاڻيون ڪٻٽ جي اونده ۾ بند، ڇاپي جي روشني نه ڏسي سگهيون. تجربو طعام ٺي اهڙو آهي جو ان جو سواد وٺڻ لاءِ سگهارو حاضمو لازمي آهي. ڪوبه تجربو سٺي ۽ خراب سڏجڻ کان ڪنارو ڪري ٿو. اهو بي طرفدار آهي، اهو خود کي ثابت ڪرڻ لاءِ وقت جي تقاضا ڪري ٿو. انتظار ان جو نصيب آهي.“ (3)

لعل پشپ پنهنجي پختي فنائتي اظهار، دلچسپ رڌا، اظهار جي نئين اسلوب ۽ ماحول جي ڪلاتمڪ عڪاسيءَ سبب، سنڌي ڪهاڻيءَ تي پنهنجي نجي ڇاپ ڇڏي.

لعل پشپ کي جديد ناول نويسيءَ ۾ به سٺي ساک حاصل ٿي آهي. هن ناول رچنا ۾ هڪ وڏو سفر طئه ڪيو. هن سنڌيءَ کي ڪيترا ئي اهم ناول ڏنا آهن. هن جا ناول مصنوعي پلاٽ نگاري،

3. لعل پشپ : ڪهاڻيءَ جو نونبوڪ. ص. 59

سوچڻ جو سلسلو، هڪ عام رواجي انسان کان ابتڙ ٿئي. هڪ عام رواجي انسان، پنهنجي سوالن جا جواب، ٻين جي تجربن جي نتيجن ۾ حاصل ڪندو آهي، ليڪن هڪ تخليقڪار ائين نٿو ڪري. هو پاڻ جهڙيون اسٽيون ٻين ۾ پائي، پنهنجي انيو ۽ ڇيد ذريعي، انهيءَ ڳنڍ کي کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ڪافور به ائين ڪري ٿو. هو ڪاٻي اک بند ٿي وڃڻ جي ڳجهه کي سلجهائڻ لاءِ يعني مفهوم تي پهچڻ لاءِ، سوچ جو سهارو وٺي ٿو. هو پنهنجي خيالن جي بي ترتيب ڊوڙ ۾ اڳيان پٺيان ڦرندو رهي ٿو. هو منووگيانڪ ڇيد ذريعي، ڪارڻ جي تلاش ڪري ٿو. پنهنجي انهيءَ سوال جو حل تلاشڻ جي دوران، ڪافور جي چيتنا نه معلوم ڪيترين **Absurd** اسٽيئن مان گذري ٿي، پر پوءِ به هو ڪنهن خاص نتيجي تي نٿو پهچي :

”ڪجهه به سمجهڻ لاءِ، ڪوبه رستو نه آهي.
تون جيتور وڌيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين، اوترو گهٽ سمجهي رهيو آهين.“

”هنجي آتم جو موت“ ۾ قلمڪار ڪابه نوس ڪٿا نٿو ٻڌائي. هن ۾ صرف هڪ ئي مکيه ڪردار آهي، ڪجهه استري ڪردار هن جي ذهني اسڪرين تي ضرور اچن ٿا. ڪافور جي سڄي سوچ بي ترتيب آهي. رچناڪار سڄو وقت تناءَ ۾ رهي ٿو ۽ پاٺڪ به ناول پڙهندي تناءَ ۾ رهن ٿا. پاٺڪ لاءِ هي ناول پڙهڻ هڪ چڱي خاصي دماغي مشقت **(Hard work)** ڪرڻ آهي. عام رواجي پاٺڪ ته هيءُ ناول پورو پڙهي ئي نه سگهندو. پوءِ به لعل پشپ جو ”هنجي آتم جو موت“ ٻولي، عبارت ۽ موضوع جي لحاظ کان سنڌيءَ جو بيحد نئون، سگهارو ۽ اهميت ڀريو ناول آهي.

من ئي من ۾ تنتڻ جو احساس لعل پشپ جي هڪ ٻئي ناول ”تذهن ۽ هاٽي“ ۾ به آهي. هن جا ٻيا ناول آهن : ”اها ديوار آسمان تائين“، ”ڪجهه نه ٿيڻ جو حادثو“ ۽ ”هڪ ويشيا ليکڪا“.

لعل پشپ جا پنج ڪتاب آتم جيوني - ناول - تواريخ

تو ٻڌائي ڇڏي، جو هوُ ڪجهہ بہ طئہ ڪرڻ ۾ قابل نہ رهي. ٽپ ٽپ تي شخص جي چاهيل آزادي، ارادي ۽ عمل اڳيان ديوارون ئي ديوارون آهن. هن ناول جو پلاٽ بلڪل ئي مختصر آهي، صرف گڏجاڻين جا ٽي ڏينهن، جن ۾ ليکڪ پنهنجي خيالن کي جوڙي ناول کي وڌايو آهي. ٽن ڏينهن جي بيان ۾ بہ بي ترتيبي رکيل آهي. اها بي ترتيب ٽيڪنيڪ جديد ناول جي خوبي ميچي وڃي ٿي.

لعل پشپ پنهنجي ٻئي ناول ”اها ديوار آسمان تائين“ ۾ پنهنجي پهرين ناول ”هڪ سرد ديوار“ جي ڪٿا کي ئي وڌايو آهي. ڪردار بہ ساڳيا آهن، موضوع بہ ساڳيو آهي. هن ۾ تارا جو ڪردار وڌيڪ Adventurous بڻجي ويو آهي، پرش ڪردار وڌيڪ Practical. هوُ پنهنجي گرهستيءَ کي Disturb ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هوُ ڄاڻي ٿو تہ اِها ’گرمي‘ وقت پوڻ تي ٺڌي ٿيڻي آهي. پوءِ پنهنجي گرستيءَ کي Disturb ڪرڻ مان فائدو؟ ۽ اِتي ئي ناول ڪجهہ بڻجڻ کان رهجي وڃي ٿو. لعل پشپ جو انعام يافتہ ناول ”هنجي آتم جو موت“، سنڌيءَ جو هڪ بيحد معياري تجرباتي ناول آهي. سن 1920ع جي آس پاس جيمس جايس، ورجينا وُلف، ڊي.ايڇ. لارينس پلاٽ جي روايتي بندش کي سچيتيءَ جي وهڪري (The Stream of conciousness) معرفت صفا پيچي پوري ڇڏيو. قلمڪار سڄ ۽ معنيٰ جي تلاش شخص جي ٻاهرين حالتن بدران، ان جي اندرين استتين ۽ ڪشمڪش ۾ ڪرڻ لڳو. هاڻي ڪٿا يا پلاٽ جي ڪايا ئي بدلجي ويئي. ٻين ٻارتي ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ بہ سچيتيءَ جي وهڪري (The Stream of conciousness) جي داخلا ٿي. لعل جي ”هنجي آتم جو موت“ ۾ اهو اثر نمايان ٿي بيٺو آهي.

ڪافور ڳالهائڻ وقت ڪابي اک ڇنيپي ٿو ويهي. هوُ اهو ڪرتب ڄاڻي ٻجهي نٿو ڪري، ازخود هن جي ڪابي اک بند ٿي وڃي ٿي. ڪافور کي هڪ دوست اها ڳالهہ ورجائي ٿو. بس اتان هن جي سوچ جو بي ترتيب سلسلو شروع ٿئي ٿو. رچناڪار جو اِهو

پنهنجو نئون دڳ، نئين راهه اپنائڻ جو جوکم نه کڻندا آهن. ليکن ڪي ٿورا، جلدي پنهنجو پاڻ سڃاڻي سگهن، پنهنجا نوان گسَ، نيون راهون تلاشي، انهن تي گامزن ٿي، پنهنجا نشان ڪندا آهن ۽ پنهنجو انفرادي، ادبي رَوَيو، رنگ ڍنگ اپنائي، پنهنجي نجي سڃاڻپ سان ظاهر ٿيندا آهن. اهو ادبي عمل، خود کي ٻين کان علحدو جتائڻ جو شوق نه مگر ادب جي گهري شناس ۽ وسيع اپياس مان، هڪ پڪي پختي ادبي شعور جو اجاگر ٿيڻ آهي. اهو شعور، سندس جذبات ۾ شدت پيري، ان کي نئين فڪر ۽ سوچ سان ڪجهه نئين انداز سان، نئون ڏيڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙو تخليقڪار، سخن جي هر صنف ۾ پراڻن روايتي اصولي پيچرن کي نتو اپنائي. هوُ انهن کي رد ڪري، پنهنجي شعور، وسيع عالمگير اپياس ۽ گهري ويچار سان، پنهنجي تخليقي قوت سان، ڪجهه اهڙو تخليق ڪري ٿو، جنهن مان ڪي نوان ادبي اصول اُپرن ٿا، نوان ادبي پيچرا نهن ٿا. لعل پشپ جون مٿيون رچنائون، اهڙي ئي قسم جا ادبي ڪارناما آهن. لعل پشپ، رولان بارٿس جي، ڪتاب **Roland Barthes on Roland Barthes** جيان پنهنجن آتم ڪٿائي جلدن ۾ پاڻ تي لکيو آهي، پاڻ بابت لکيو آهي. هن پنهنجي ذاتي حياتيءَ جي حادثن، آزمودن ۽ وارداتن جا، انيڪ تفصيل مٿي ذڪر ڪيل رچنائن ۾ پيش ڪيا آهن.

يارهن سالن جي سانده خاموشيءَ بعد، اوچتو هن پاڻ کي پريل پريل محسوس ڪيو ۽ ڌڙاڪيدار روپ ۾، مليل ٻوليءَ مان پنهنجي ٻولي ڳالهائي، روايتي، مليل، مقرر ٻوليءَ کي، پنهنجي فن ۽ فڪر سان، تخليقي وهڪ ۾ وهائي، انکي پنهنجو هڪ الڳ آواز ڏيئي، لعل پشپ پنهنجي آتم ڪٿائي جلدن ۾، پنهنجي ڪهاڻي ٽڪرن ٽڪرن ۾ بيان ڪئي آهي. لعل پشپ جون اِهي پنج ئي رچنائون الڳ الڳ هوندي به پاڻ ۾ پوريون آهن ۽ جڙيل آهن. ليکڪ چوائي :

”سڀ ڪتاب هڪ ئڪو داستان ٻڌائيندا. هرڪو ڪتاب پاڻ ۾ پورو پنهنجو داستان ٻڌائيندو، ٻين

جي عنوان تحت سن 2002ع ۽ 2004ع جي درميان ظاهر ٿي چڪا آهن. اديب، ڪتاب جي هرهڪ جلد کي الڳ الڳ عنوان ڏنو آهي. پهرين تي ''لعل پشپ''، ٻئي تي ''حياتين جا حصا''، ٽيون ''اُلهاس نگرواسي''، چوٿون ''ڌرتي ڌڪاٽيل'' ۽ پنجين تي عنوان ڏنو اَٿائين ''ٿـ-مورتي''. لعل پشپ، پنهنجي پهرين جلد ۾، ''هن ناول ۾ پهريان ليکا'' ۾ لکي ٿو :

''هيءُ ناول،
يا آتم جيوني
يا ٻنهي جو جوڙ،
جيڪي بہ آهي، مان نالو نٿو ڏيان
يا، اجا بہ،
ٻنهي مان هڪ بہ نہ هجي.
سچي قوم،
سنڌي هندو توڙي مسلمانن جي،
ستين صديءَ کان اڄ تائين، توڙي سيائي تائين،
تواريخ آهي.'' (4)

ناول، آتم جيوني، تواريخ، يادگيريون، ڊائري وغيره جيتوڻيڪ ادب جون ڀن ڀن صنفون آهن، ليڪن موجوده صورتحال ۾ اهي نثري صنفون، هڪ ٻئي جي دائري ۾ Trespass ڪنديون نظر اچن ٿيون.

گهڻو ڪري جڏهن ڪو قلمڪار، شروع شروع ۾، قلم هٿ ۾ کڻي پنهنجي پهرين رچنا پيش ڪندو آهي تہ اڳ ۾ ڪنهن مقبول مڃيل پنهنجي من پسند ليکڪ جو ڳُس وٺي، پنهنجا ڪچڙا ڪچڙا قدم کڻي اڳيان هلندو آهي، بلڪل ائين جيئن ڪو ٻار، ڪنهن وڏي جي آڱر جهلي سِرندو آهي. ڪن اديبن جي اهڙي ڪچڙي قدمن جي چال، لڳ ڀڳ ساڳئي انداز سان، پڇاڙيءَ تائين قائم رهندي آهي. وقت جي بدلاءَ سان، ٿورو هيڏانهن - هوڏانهن سرندا آهن، مگر هوُ پراڻي ڳس کان بلڪل جدا ٿي،

4. لعل پشپ : ص. 11

جيڪي هيلتائين پوشيده هيون ۽ جيڪي ادبي تواريخ جو حصو بڻجي سگهن ٿيون. ليڪڪ جي بيان ڪيل حقيقتن ۾ ڪيتري سچائي آهي، مان ان بحث کان ڪنارو ڪريان ٿو. لعل پشپ، پنهنجين ڪيترين ڳالهين کي لڪايو آهي ۽ پنهنجي عشقي قصن کي بہ نوڙي مروڙي پيش ڪيو آهي. قلمڪار جي پريم ڪهاڻين ۾ ڏنل نالن / شخص کان مان ذاتي طور واقف رهيو آهيان؛ انڪري ئي مان چوان ٿو تہ لعل جي بيان ڪيل عشقي داستانن ۾ حقيقت گهٽ، ڪلپنا وڌيڪ آهي. آتم ڪٿائي جلدن ۾ ليکڪ ادبي قافلي سان جڙيل، انيڪ اديبن ۽ فنڪارن جو ذڪر ڪيو آهي. تخليقڪار جي اظهاريل ويچارن، نڪتن ۽ هوشمنديءَ مان، هن جي عالمگير سطح تي، ٻين زبانن جي مشهور عالمن ۽ اديبن جو اڀياس صاف جهلڪي ٿو. ليڪڪ جو زبان تي دسترس غضب جو آهي. سندس نثر هڪ نئين سرهاڻ وارو آهي.

تخليقي ادب سان گڏ، لعل پشپ تنقيدي ڪيتر ۾ بہ نمايان ڪوششون ڪيون آهن. هوُ نئين ۽ جديد سوچ رکندڙن مان هئو. جڏهن جديد ذهن کي ادبي فضا ۾، تخليق جي بيٺل دٻي مان، قديم روايت پرستي ۽ بدليل صورتحال سان غير همواريءَ جي تيز بدبوءِ جو احساس ٿيو، تڏهن سنجيده نقادن، ادب جي ذهين پاڻکن ۽ قلمڪارن کي، دنيا جي بدليل ماحول ۾، بلند معيار جي ادب سان، آشنا ڪرائڻ جي مراد سان، ڪجهہ قلمڪارن جي لکڻين معرفت، اهو جتائڻ جو جتن ڪيو، بدليل قدرن سان، نهڪندڙ ادبي رنگن جو احوال ڏنو، نون ادبي اصولن ۽ فيلسوفيءَ جي ذڪر سان، سنڌي پاڻکن ۽ قلمڪارن کي، جي ادب جي عالمگير بدلاءَ کان وانجهيل هئا، آشنا ڪرايو ۽ شعوري اديبن جي رچنائن کي نئين فڪري روشني عطا ڪئي. لعل پشپ اهڙن نقادن جي صف ۾ شامل هئو. هن پراڻي انگن اکرن واري تنقيد جي ديوار کي نوڙي، سنڌي تنقيد ۾ نواڻ آندي. عالمگير اثر سبب، لعل جيڪي تبصره ڪيا، انهن ڏانهن سڄاڻ ادبي حلقن جو ڌيان ڇڪيو.

داستانن سان دوستي رکي، نہ رکي هر ڪتاب ڪي، پنهنجو پاڻ ۾ جدا داستان بڻائيندو ۽ پوءِ بہ اهو هڪ داستان بڻبو.“ (5)

لعل پشپ، هنن تخليقن ۾ نہ صرف پنهنجي ڪٽنب، گهر، گهٽي ۽ ڳوٺ جو احوال ڏنو آهي، مگر ان سان گڏ جن ڪردارن سان، هن جو مڪاميلو ٿئي ٿو، انهن جي طرز حيات جو منووگيانڪ ڇيد بہ هوُ ڪندو هلي ٿو. ورهاڱي ڪانپوءِ جي زندگيءَ جي احوال ۾ (ورهاڱي کان اڳ جو احوال بہ هن ۾ آيل آهي) هوُ جن واقعن، ڪردارن ۽ حالتن جو ذڪر ڪري ٿو، ان مان نہ صرف اسان جي قوم جي محنت ۽ عقل جي عڪاسي ٿي ملي، پر ڀن ڀن ڪردارن جي ذريعي، اسان جون ڪيتريون اڻهاڙپٽيون پڻ اُگهاڙي ٿو. مثلن : جن سنڌ ۾ ڪک ڪٽي بہ ٻيٽو نہ ڪيو، تن ڪيئي نهايت ڪريدار طريقا اختيار ڪري، پنهنجي سنڌ واري سهوليت پرستي نہ ڇڏي. ڪن ٿورن، قوم سان همدردانہ رخ ڪي ايمانداريءَ سان سنڀاليو. ڪن وري پنهنجن جي ئي سادگيءَ جو فائدو وٺڻ ٿي چاهيو. جيئن سنڌ کي فتح ڪرڻ جا خواب خلقي، اهڙيون سنسٽائون جوڙيون بس ائين هو، ”جڻ نڳ اچي مڙيا هڪ واڳ“. هرهڪ پنهنجي چتر زباني، چترائي ۽ چالاڪيءَ سان هڪ ٻئي کي گوءِ ڏيڻ لڳو. کل بہ ٿي اچي تہ افسوس بہ ٿئي ٿو تہ ڪنهن اوکي سمي، پنهنجا پنهنجن کان ئي سندن سادي سياءَ ۽ اٻوجهائيءَ جو اجوڳ فائدو وٺڻ جو جتن پيا ڪن.

ليکڪ جنهن انداز سان، سندن ذڪر ڪيو آهي، سو پڙهڻ وٽان آهي. ليکڪ، تواريخ جا پنا بہ اُٿلايا آهن. مثلن : هوُ نائون مل جي ڊائريءَ جي ڳالهہ تو ڪري. پڙهندڙن ۾ جڻ پنهنجي قوم جي ڪيئي ڪوُڙين لڪل حقيقتن تي روشني پوي ٿي. ليکڪ ”نہ-مورتي“ ۾ پنهنجي ذاتي ڪٽنبي احوال کي وري دهرايو آهي؛ خاص ڪري پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيٽيوئي جي، ۽ پوءِ گني ۽ موهن جي ڪيترين ڳالهين کان اسان کي آشنا ڪرايو آهي،

5. لعل پشپ : ص. 12

مان هينئر **Writing machine** بڻجندس. **Art** کان **Written Word** کي هڪ پنهنجي تنهائي ۽ طاقت آهي، جيڪا مان سنڌي ساهتيه کي ڏيندس."

لعل پشپ حياتيءَ جا پويان ڪجهه سال بيمارين ۾ ڏاڍا ڏکيا گذاريا. گوڏن جي تڪليف، هن کي ڏاڍو ستايو هو. هن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي بند ٿي ويو. مون وٽ هن جا فون به اچڻ بند ٿي ويا. مان جيوتيءَ کان سندس حال احوال وٺندو رهيس. سن 2009ع ۾ هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويئي. آرتوار 29 مارچ 2009ع تي هوُ پنهنجي گهر ۾ گذاري ويو.

■

لعل پشپ جون هيٺيون تنقيدي رچنائون شايع ٿيل آهن:

1. ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس : مارچ 1972ع
2. درشٽي ۽ درسني : اپريل 1972ع
3. گڏيل تنقيد : آگسٽ 2001ع

”ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس“ اصولي تنقيد سان وابسته آهي. هن ۾ قلمڪار قومي ۽ عالمي سطح تي ڪهاڻيءَ جي اُٿل ٻٿل کي ڌيان ۾ رکي، سنڌي ڪهاڻيءَ جو گهرو اڀياس پيش ڪيو آهي. هن جي تنقيد جو ڍنگ به Academic criticism ڪونهي. لعل پشپ جي ”درشٽي ۽ درسني“ به سنڌي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ لاءِ هڪ اهم تخليق آهي. هن جي ”گڏيل تنقيد“ ۾ ڇهه تبصره ڏنل آهن، جن مان قلمڪار جي سنجيده اڀياس ۽ گهري ڄاڻ جي پروڙ پوي ٿي.


لعل پشپ جو ادبي سفر، لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جو رهيو. هن جي سِرجَن جو سروور، حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين ڪين سڪو. ليکڪ چواڻي:

”مان خوش آهيان.
منهنجون سڀ پينون سگهاريون آهن.
مَسُ منجهه پريل.
ڪاڳر، هڪ ٻه، سڪي نه آهي.
ڪاڳر، لکڻ مهل ٻيهي نئي.
مَسُ کي، نب تائين، پهچڻ ۾
ڪاڳر دقت نئي ٿئي.
هڪ ليکڪ لاءِ، ان کان وڏيڪ، ڪاڳر وڏي نعمت نه آهي.“

لعل هڪ ٻي هنڌ لکي ٿو:

”مان پنهنجي موت کانپوءِ به جيئرو رهڻ ٿو چاهيان. منهنجو جيئڻ ادب ۾ سمايل آهي: سنڌي ادب ۾ مان سنڌي اديب آهيان. ٻولي وڃائڻ جا ڪيترا به سنڪٽ سامهون هجن. مان اُنهن جو هن طرح مقابلو ڪندس جو

شيام جئسنگهاڻي



جنم : 12 فيبروري 1937ع
ڪوئيٽا - بلوچستان سنڌ

ديهانت : 22 مارچ 2009ع
ممبئي

رِشتا نڀائيندڙ فنڪار

شيام جئسنگهاڻي سنڌيءَ جو گهڻ پاسائون فنڪار. هند-سنڌ جي ادب ۾ وڏو نالو. ڪهاڻيون لکيائين. ناول لکيائين. ناٽڪ لکيائين. تنقيد تي بہ قلم هلايائين ۽ پوءِ شاعريءَ طرف سُري آيو. جيتوڻيڪ نئين ڪوتا جون ڪجھ سگهاريون جهلڪون، سندن ناولن ۾ عيان آهن. شيام ستن سالن جو مس هئو، تہ پارت جو ورهاڱو ٿيو. هوُ 1960ع تائين ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهيو ۽ پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ کي الوداع ڪري، چيمبور وڃي وسائي. پوءِ هوُ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين اُتي رهيو.

شيام ليکڪ نہ، پر چترڪار بڻجڻ ٿي چاهيو، پر هوُ بڻيو ليکڪ. هند-سنڌ ۾ وڏو نانءُ. هن جي Destiny ۾ ليکڪ بڻجڻ لکيل هئو. هن کي ماحول ۽ دوست ئي اهڙا مليا، جو هن جي ليکڪ بڻجڻ جو رستو ازخود ٺهندو ويو.

شيام لکڻ جي شروعات هڪ ڪچي ڦِڪي ڪوتا سان ڪئي.

هوُ ننڍو هئو. اسڪول ۾ پڙهندو هئو. هن کي هڪ پَپن پري ڏاڍي وڻندي هئي. هوُ لِڪي لِڪي، پنهنجي نوٽبڪ ۾ ان پَپن پريءَ بابت ڪوتائون لکندو هئو. هڪ طرح اهو هن جي پيار جو پهريون مهاڪاويہ هو؛ جنهن کي صرف هن جي اسڪولي دوست شاليواهن آشر ئي پڙهيو هو. شاليواهن آشر هن جو گهرو دوست هو. هوُ ذهين هو، هڪ سنو گايڪ هو. هوُ ننڍي عمر ۾ ئي فڪشن لکڻ لڳو هو. سندس ماءُ بہ ادب جي شوقين ۽ اڀياسي هئي. اهڙي نموني شيام ۽ آشر ٻئي ادب ڏانهن مائل ٿي ويا. انهن ڏينهن ۾ جڳت آڏوانيءَ جي ''ڪهاڻي'' ۽ تيج پارواڻيءَ جي ''نرگس'' جو بول بالا هو. هوُ ٻئي انهن رسالن ڏانهن ڇڪجي ويا.

اڳتي هلي هن ادب ۾ بہ پاڻ کي ڪنهن مقرر دائري ۾ قيد نہ ڪيو.

سن 1968ع هڪ تيجسوي ڪرڻو، غئب مان پرگهٽ ٿي، هن جي سموري تن من تي ڇانئجي ويو. شيام ان کي سچائي ورتو، گويا هن کي يڳن کان ان 'ڪرن' جي تلاش هئي. ڪرڻ هن جي زندگيءَ ۾ بهار بڻجي آئي 22 ميءَ 1968 تي. ڪرڻ سان شاديءَ بعد، هن جي زندگي پٽڙيءَ تي اچي ويئي. هن جي ادبي مشغولين تيزي پڪڙي. پر شيام جو رولاڪ پڻو بہ قائم رهيو. هن کي گهڻو وقت هڪ هنڌ ٽڪي ويهڻ پسند نہ هو. اِتي ئي هن جي ويجهائپ هري موٽوانيءَ سان جڙي ٿي. سن 1965ع ۾ شيام جون بہ ڪهاڻيون 'ننگو آسمان' ۽ 'پڙاڏا' هريءَ جي ڪونج ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. 1968ع ۾ هريءَ ''هوجمالو'' فلم ٺي ڪڍي. شيام فوٽوگرافي ۽ اسڪرپٽ رائيٽنگ جي تعليم تہ اڳ ئي حاصل ڪري چڪو هئو. بس پوءِ ڇا ٿيو، هري موٽوانيءَ هن کي يونٽ ۾ ملٽيپل جوابداريون ڏيئي، گهر تر ئي ڇڏائي ڇڏيو.

سن 1960ع وارو ڏهاڪو ڀارتي ادب ۾ ڪافي هلچل وارو ڏهاڪو هو. هنديءَ ۾ نئين ڪهاڻي زور پڪڙي چڪي هئي. اگييہ جي ''تار سپتڪ'' تي ڪافي بحث-مباحثا ٿي ٿيا. موهن راڪيش، ڪمليشور، راجيندر يادوَ، نرمل ورما، دوڏنات سنگهہ، رويندر ڪاليا ۽ رميش بخشيءَ جي ڪهاڻين جي هنديءَ ۾ بول بالا هئي. تارسپتڪ جي ڪوين : گجانن مڪتيبوڌ، نيمچندر جئن، ڀارت ڀوشڻ اگروال، گرجا ڪمار ماٿر، پرڀاڪر ماچوي، رام ولاش شرما ۽ اگييہ جون ڪوتائون بہ چرچا جا موضوع هيون. مغربي ادب ۾ سارتر، ڪامو، اليٽ، پائونڊ، بڪيٽ، جايس، ڪافڪا، ورجينيا وُلف، پئسٽر بڪ جو جتي ڪٿي ذڪر هو. شيام جي چوطرف فلمن، پاپ ميوزڪ، جئز ۽ چتر ڪلا جي پُرُ ڪشش وسيع دنيا هئي. شيام کي فلمن جو بہ ڪافي شوق هئو. هن پنهنجي بئرڪ جي ڪونيءَ جي ڀت تي چار تصويرون فريم ڪرائي، ڪوڪن سان ٽنگي ڇڏيون هيون. دل پسند فلمي هيرو دليپ ڪمار جو ڪلوزاپ، چيخوَ

ازانسوءِ اردو ۽ هنديءَ جي معرفت پارٽي ادب ڪان بہ آشنا ٿيندا ويا.

پنجين ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي. شيام جنِ جي مالي حالت نيڪ نہ هئي. هوُ گهٽيءَ جي بلب هيٺان ويهي پڙهندو هئو. هن ڪي ڪتاب ۽ ڪاپيون خريد ڪرڻ لاءِ پورا پئسا بہ نہ ملندا هئا. شيام ڪي رف نوٽبڪ، ان جو دوست موهن پنواڻي ڏيندو هو، ۽ اسڪول مان پڇي وڃڻ تي، شيام جا ڪتاب بہ هوُ ئي سندس گهر پهچائيندو هو. شيام ننڍپڻ ڪان ئي رولاڪ هئو. شيام ان لحاظ ڪان بيحد خوشنصيب هئو، جو ننڍپڻ ڪان ئي ڪيس دوستن جي محبت حاصل ٿي.

شيام چترڪار بڻجڻ تي چاهيو. امرتا شيرگل، رامڪمار، بيندري، مقبول فدا حسين جي چترڪاريءَ ڪان، هوُ بخوبي واقف ٿي چڪو هئو. پر مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ، مائٽن جي زوربار تي، شيام سائنس ۾ داخلا ورتي. پر هوُ سائنس پڙهي نہ سگهيو. هن سائنس بي سال ڇڏي ڏني. هن آخر گهٽن ڏڪن ڏومن ۽ آواره گرديءَ ڪانپوءِ ممبئي يونيورسٽيءَ مان ايڪنامڪس ۾ گرئجوئيشن ڪئي. ان ڪانسواءِ هن سَرِ جي.جي. اسڪول آف آرٽس مان فوٽوگرافي ڪورس ۽ فلم ۽ ٽيليويزن انسٽيٽيوٽ، پونا مان Course in Script Writing and Film Appreciation ڪيو. گرئجوئيشن ڪانپوءِ شيام ساهتيہ اڪادمي، ممبئيءَ ۾ ملازمت ڪئي ۽ اُتان ئي سن 1995ع ۾ رٽائر ڪيو.

شيام جو حياتيءَ سان سنگهرش جاري هئو. شام تائين آفيس ۾ ۽ پوءِ فري لانس فوٽوگرافي. هن جي خواهش تہ ان ڪيتر ۾ معياري ڪلاتمڪ ڪم ڪرڻ جي هئي، ليڪن مالي حالتن جي لاچاريءَ سبب، شيام جي اها خواهش، خواهش ئي بڻجي رهجي ويئي. شيام ننڍپڻ ڪان ئي سياءَ جو ڏاڍو ضدي، بي چيو بند هئو. ماءُ پيءُ جو ڪجهہ نہ مڃي، اڪثر پنهنجي هوڏ هلائي، هڪ طرح سان هن جي عادت بڻجي چڪي هئي. شيام شروع ڪان ئي ڪنهن بہ گهيري ۾ نہ ٻڌجندڙ، اوشواسي، هوڏي، ربيل رهيو.

هن جي لکڻين ۾ وزن آهي، وکر آهن. تجربن ۾ سندس وشواس آهي. شيام چوي ٿو، ائڊوينچر يعني للڪار يعني جيئڻ جي ڪسوٽي! هيترو سارو ادب تخليق ڪرڻ کانپوءِ به، هو مطمئن نه ٿيو. هو هڪ هنڌ چوي ٿو:

”مون جيڪي ڪجهه چاهيو ۽ سوچيو آهي، اهو اڪثر لکي نه سگهيو آهيان. ڪهاڻي ۽ ناول ۾ ته بلڪل ئي نه. جيڪي به لکيو اٿم، لکڻ بعد پنيان نهارڻ نه چاهيو اٿم. ان کي اُتي ئي ڇڏي، وڌي وڃڻ چاهيو اٿم. بلڪل ان ڊارٽا جيان ته، ڪنهن به سناتني رولاڪ کي زمين جي ساڳئي حصي کي به دفعا لتاڙڻ نه کپي.“

شيام جو ادبي سرمايو آهي: پنج ڪهاڻين جا مجموعا، به ناول، ٽي ڪوتائن جا انتخاب، هڪ ناٽڪن جو مجموعو ”زلزلو“، جنهن تي کيس 1998ع ۾ سينٽرل ساهتيه اڪادمي انعام عطا ٿيو ۽ ڪجهه ٻيا.

شيام بنيادي طور ڪهاڻي نويس آهي. ڀارت جي سنڌي شاعريءَ ۾ جيئن نئين ڪوتا جو باني هريش واسواڻيءَ کي مڃيو وڃي ٿو، تيئن نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جو سهرو شيام جي سِرَ تي رکي سگهجي ٿو؛ جيتوڻيڪ هينئر ڪهاڻي ’نئين ڪهاڻي‘ نه رهي، ڪهاڻي بڻجي ويئي آهي. ان جي صفت ’نئين‘ ڪهاڻيءَ ۾ جذب ٿي ويئي آهي. نئين ڪهاڻي، رومانوي دور کان پوءِ جي ڪهاڻي آهي. سن 1965ع جي آس پاس ڀارت جي مڙني ٻولين ۾ نئين ڪهاڻيءَ جو آغاز ٿيو. سنڌيءَ ۾ به ڪهاڻي نويسن جي هڪ اهڙي پيڙهي اُسري، جا ان زندگيءَ سان دوبدو ٿي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، مالي، دٻاوَ وڌي ويا هئا. جديد زمان ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اوسر سبب، انسان جي ٻاهرين پسگردائيءَ ۾ جيڪي تکيون تبديليون آيون، تن اسان جي ويچار ۽ وهنوار ۾ ڪافي ڦيرو آڻي ڇڏيو. اهي نيون تاريخي حالتون، هڪ نئين انسان کي گهڙي رهيون آهن، جنهن کي اسين نئين ڪهاڻي

جو پورٽريٽ، امرتا شير گل جو سيلف پورٽريٽ ۽ هنديءَ جي برک شاعر نرالا جو پروفائيل.

انهن ڏينهن ۾ شيام کي ائب نارمل شخص وڏيڪ ڪشش ڪندا هئا. هو سوچڻ لڳندو هئو ۽ بعد واري حياتيءَ ۾ به هو اڪثر سوچيندو رهيو ته ڪلاڪار نارمل ڇو نه هوندا آهن يا نارمل طرح سان سندن سياءَ ۽ هلت چلت ڇو نه هوندي آهي؟ لڳن، جنون، ڪجهه الڳ ڪري ڏيکارڻ جي مراد ۽ مقصد کي سمجهي سگهجي ٿو. هڪ الڳ قسم جي مئٽميٽڪس ڪلاڪارن سان لاڳو هوندي آهي.

شيام جو ادب ۾ هڪ وڏو سفر رهيو. ان سفر ۾ هن جي تلاش جاري رهي. تلاش زندگيءَ کي ڏسڻ جي، ان کي الڳ الڳ ڪنڊن کان جاچڻ جي، انکي سمجهڻ جي. زندگيءَ جا اڄ جي زندگي آهي. جيڪا اسين جيئون پيا، سا زندگي! زندگيءَ جي هر سرحد تي؛ جنگ جي احساس، تهذيب جي ماڻن جو ٽٽڻ يا بدلجڻ، رشتن جو برف ٿيڻ، بي احساسي، ڊونگ، فريب، انسان جي بنيادي پاونائن ڏانهن بي رخيءَ جهڙن ويچارن جو اظهار، هن جي ادب ۾ ڇتي انداز ۾ ٿيل آهي. هن روايتن جي بي معنيٰ دهراءَ کان هٽي، اخلاقي يا آدرشي نقط نظر کان بلڪل ئي بي نياز بڻجي، جيون ملهن کي نئين صورتحال ۾ فنائتو اظهار ڏنو آهي. هن جو گهرو اپياس ۽ احساس جي شدت، سندن زبان ۽ انداز بيان ۾ نرالپ ڪٽي اچي ٿي، جا شيام جي نجي سڃاڻپ بڻجي پوي ٿي. الڳ الڳ قلمڪارن جي اظهاريل ويچارن، نڪتن ۽ هوشمنديءَ مان، هن جي عالمگير سطح تي، ٻين ٻولين جي عالمن ۽ اديبن جو مطالعو صاف جهلڪي ٿو. هو پاڻ تي ڪنهن به فلسفي، منووگيان، منطق يا آدرش جو نسخائي ته ڇاڙهڻ پسند نٿو ڪري. هو هڪ هنڌ Henry Cartier Bresson جا الفاظ ڪوٽ ٿو ڪري:

I have neither a message

nor a mission.

I have a point of view.

علحدو آهي. ناول ۾ واقعات جو رٿيل سلسلو ڪونهي، پر منو-وگيانڪ ڇيد ۽ فلاسافيڪل نقطن جي اوک ڊوک وڌيڪ آهي. ناول ۾ پلاٽ بلڪل مختصر آهي. شاعراڻي ٻولي ۽ ماحول جي جمالياتي عڪاسيءَ سبب ناول، گنڀير ادب جي شائقن کي پڇاڙيءَ تائين، پنهنجي گرفت ۾ سوگهو جهلي رکڻ جي سگهه اوَس رکي ٿو. شيام جو ٻيو ناول آهي، ”ڪاهيءَ جي چوطرف“. هن ناول ۾ سندس اڳين ناول کان ڪٿا وڌيڪ ڇڊي ٿي ويئي آهي. ناول جي ٿيم جڏهن من جي تناءَ واري حالت آهي، تہ پوءِ واقعن جي پرمار يا حوالن لاءِ ناول ۾ ڪائي گنجائش نٿي رهي. صرف اهي واقعا يا حوالا پيش ٿيندا آهن، جيڪي ڪردارن جي من-استٿيءَ سان ميل ڪائي سگهن ۽ شيام جي هن ناول ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي. اڄ رشتا ناتا پنهنجي معنيٰ وڃائي چڪا آهن. ليڪڪ برف ٿيندڙ انهن رشتن کي ناول ۾ آندو آهي.

شيام جي ڪوتائن جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيل آهن : ”وچونيون“ (1980)، ”گوٺاڻي منظر“ (1987) ۽ ”منهنجي ممبئي“ (1998). هن ڪوتا لکڻ جي شروعات تڏهن ڪئي، جڏهن سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا تي ڪافي بحث مباحثا پئي ٿيا. هن جي ڪوتا ۾ نئين ڪوتا جون مڙيئي وصفون : بي سلامتي، ڌڪاءُ، خسيسپڻو، تناءُ، دٻاءُ، نراسائي، ڊونگ، بي-چئني وغيره ملن ٿيون. شيام اهڙيون ڪوتائون بہ ڏنيون آهن، جيڪي اڄ جي حياتيءَ جي لعنتن جون چيندڙ تصويرون آهن. اُنهن ۾ بي سلاميءَ جو عنصر نمايان

شيام ناٽڪ بہ لکيا آهن. سندس ستن ناٽڪن جو مجموعو ”زلزلو“ دپ شکا پبليڪيشن پاران سن 1992ع ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن ئي کيس ساهتيہ اڪاڊمي ايوارڊ عطا ٿيو. ”زلزلو“ جي ستن ناٽڪن مان ’اونده جي ڳولها‘، ’ٻيت اڪيلا‘، ’ٻڪري ڪٿا‘ اسٽيج ناٽڪ آهن تہ ’شنک‘، ’پپل جا ڏاڍا‘، ’اڻ-ڳڻيا ارمان‘ ۽ ’زلزلو‘ ريڊيو پلي آهن. شيام جو جديد شعور هتي بہ آهي، زندگيءَ جي تهن اندر داخل ٿي، ان جي اندرين دنيا ڇنڊ ۽

ڪوئيون ٿا، سا انهيءَ نئين شخص جي شعور جي ڪهاڻي آهي. اهو نئون نهندڙ شخص، پراڻن جيون ملهن سان جنگ پيو جوٽي. پراڻن ملهن ۽ قدرن کي سندس شعور قبول نٿو ڪري. ان ڪري هر ذهين ۽ حساس شخص بيچئن آهي. اتان ئي نئين ڪهاڻيءَ جي شروعات مڃڻ کپي. شيام چواڻي :

”گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ فن ۽ مواد جي لحاظ کان روايت کان هٽي، ڪنارا نوڙيندي، نوان سمبلس، نوان اميجز، نوان ميٽفرس، نوان ٽيڪنيڪس اپنائيندي نين ڏارٽائن کان واقف ڪهاڻي-ڪارن سنڌي ڪهاڻيءَ کي بلڪل نئي بدلائي ڇڏيو آهي.“

شيام جئسنگهاڻيءَ سنڌي نئين ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار نڀاهيو آهي؛ جيتوڻيڪ هن جي ڪهاڻين جي شروعات رومانوي لهجي سان ٿي. شيام ڪهاڻيءَ کي روايت جي دٻڻ مان ڪڍي، نواڻ طرف وٺي ويو. هن پنهنجي پختي ڪلاتمڪ اظهار، دلچسپ رٿا، اظهار جي نئين اسلوب ۽ ماحول جي فنائتي عڪاسيءَ سبب، سنڌي ڪهاڻيءَ تي پنهنجي نجي ڇاپ ڇڏي. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي الڳاءَ ۽ شهري حياتيءَ جي عقوبتن کي تمام ڇٽائيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن جون مشهور ڪهاڻيون آهن : ’ڪوئي جو موت‘، ’خون جو ذائقو‘، ’وڇوٽيءَ ۾ ڇلانگ‘، ’ننگو آسمان‘، ’اڌائي گهر‘، ’پبلڪ بس‘، ’ائن ادر ڊي‘ ۽ ’رات‘ وغيره.

شيام ٻه ناول لکيا آهن : ”ڪچا ڌاڳا“ (1966) ۽ ”ڪاهيءَ جي چوطرف“ (1976). شيام جو ”ڪچا ڌاڳا“ پنهنجي نئين رٿا ۽ پيشڪش، پڪي پختي ٽيڪنيڪ، نائڪ-نائڪا جي لکيل ڊائريءَ جي ورقن ۽ خطن سبب سنڌيءَ ۾ ڪافي لوڪپريه بڻيو. خطن ۽ ڊائريءَ جي ورقن ۾ ڪو به سلسلو ڪونهي، ڪا به ترتيب ڪانهي. ذهين پاٺڪ کي ان مان سوتر جوڙي، رچنا ۾ سمايل سچ تائين پهچڻو آهي. هيءُ ناول، روايتي ڍنگ ۾ لکيل ناولن کان

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جهڙا قابل اُستاد ويٺا آهن، جن مونکي ٻيو سڀ ڪجهه ته سيکاريو پر ڳالهائڻ نه سيکاريو، ان ڪري اچ ڪمل صاحب تي لکيل بي مثل ڪتاب جو مهورت مون کان تو ڪرايو وڃي. حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُڀري ۽ اوچ تي آئي آهي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ئي جدت سان جڙيل سينسيبلٽيءَ کي ڪمالي بلنديءَ تي ڇڪي ويو آهي. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي جڏهن مونکي هن ڪتاب جي آف پرنٽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ موڪلي، تڏهن مون ڪيس پڙهي ڇيو ته ”مان پٽ تي ڊانس نٿو ڪري سگهان پر پنهنجي صحت جي مدنظر بستري تي نچي سگهان ٿو.“

اڄ شيام جسماني طور اسان وٽ ڪونهي. پر چوندا آهن : لفظ ڪڏهن مرن نٿا. شيام پنهنجين ڪهاڻين، ناولن ۽ ڪوتائن ۾ اسان سان گڏ آهي. هن جيڪا فڪري روشني ڦهلائي آهي، اُن جي لاٽ اجهامڻ جي ناهي. اڄ به منهنجي ڪنن ۾ شيام جا لفظ ٻرڻ پيا، ”منهنجو صاحب وينو آهي؟“ پوءِ مان ڪيئن چوان ته شيام اسان وٽ ڪونهي. هوُ اسان وٽ آهي، آهي، آهي!

■

جدت، نئين هوشمنديءَ شعور کي ساڻ ڪري هلڻ سبب، شيام جا ناٽڪ روايتي بندش ۾ پيش ٿيل ناهن، ڪجهه علحدا آهن، ڪجهه علحديون ساڻ ڪري هلن ٿا. شيام جي ناٽڪ جو سفر مختصر رهيو. شيام، بنيادي طور ڪهاڻي نويس آهي، جتي ئي سندس روح ٿي رميو. هن ڪجهه ناٽڪ لکيا ضرور، ليڪن وري پنهنجي ڪهاڻي سنسار ۾ هليو ويو.

سال 2009ع سنڌي ادب لاءِ، سياڳو سال ناهي. هند ۽ سنڌ جا ڪيترائي اديب ۽ فنڪار هڪ ٻئي پٺيان راه رباني وٺي ويا. شيام جئسنگهاڻي به آرتوار 22 مارچ 2009ع تي، هن دنيا کي ڇڏي اگم ديش ڏانهن روانو ٿي ويو. 19 جون 1991ع ۾ ڪرن جي گذاري وڃڻ کانپوءِ، شيام اڪيلائپ جي پيڙا ڀوڳي، جنهن هن کي نهوڙي ڇڏيو. شيام کي ڪو پنهنجو اولاد به ڪين هئو.

شيام زندگيءَ جا پويان سال، لاعلاج بيمارين ۾ ڏاڍا ڏکيا گذاريا. هوُ wheel chair تي به رهيو. هوُ لاعلاج بيمارين سان لڙندو رهيو، پر شڪست قبول نه ڪئي. شيام جئسنگهاڻي اڪثر ارنيسٽ هيمنگوي جي ناول Oldman and the sea جو ذڪر ڪندو هئو؛ ان جي ٻڍي مهيمار نائڪ جو ذڪر ڪندو هئو، چوندو هو : Man can be destroyed, but not defeated ۽ سچ پچ شيام به بيمارين جي باوجود هار قبول نه ڪئي. وهيل چيئر تي هئو، ڪيس ڳالهائڻ ۾ بيحد تڪليف ٿيندي هئي، پوءِ به جڏهن ممبئيءَ ۾ هوندو، رات جو فون ضرور ڪندو، ''منهنجو صاحب وينو آ؟'' ڪيترو نه درد لڪل هوندو هو، انهن لفظن ۾! هڪ ازغئبي طاقت ڪانئس اهو سڀ ڪرائيندي هئي.

شيام جئسنگهاڻي ويٽا پبليڪيشن جي Book release جي لڳ ڀڳ مڙني جلسن ۾ شرڪت ڪئي. پويون پروگرام، جنهن ۾ هوُ شامل ٿيو هئو، سو هو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر ۾. 27 آڪٽوبر 2007ع تي منهنجي لکيل ڪتاب ''ايم. ڪمل جي شاعري''ءَ جو مهورتي جلسو. ڪتاب جي رونمائي ڪندي، شيام جيڪي لفظ چيا هئا، سي اڄ به منهنجي ذهن ۾ ٻرڻ پيا، ''اڄ جي هن مبارڪ محفل ۾

’ايم. ڪمل جي شاعري‘

مُلهه ڪٿ

پروفيسر ھيرو شيوڪاڻي



غور سان ھي سمالوچناتمڪ ڪتاب پڙھي، مان ھڪ ئي وقت عبرت ۽ مسرت پيو محسوس ڪريان. عبرت اِن ڪري. جو ھن کان اڳ جگديش لڇاڻيءَ جون ڪھاڻي، ناول تي سمالوچنائون، ھن جا ٽيلي پلي، اِنٽرويوُ ۽ آتم ڪٿائون پڙھيون آھن، مگر ھي تنقيدي ڪتاب اُنھن سڀني کان علحدو آھي.

خوشي يا مسرت اِنڪري، جو لڇاڻيءَ جو ھي اَدبي اَڀياس مواد ۽ رتا، اِظھار جي پختگي ۽ چٽائي، وياڪيا ۽ ڇيد وغيره ۾ ھن جي اَڳين ڪتابن کان گھڻو مٿاھون ۽ سنجيده آھي. پوءِ مونکي اِن فرق جو سبب بہ سمجھہ ۾ اَچي ويو. ان وچ ۾ جگديش لڇاڻيءَ پنھنجي اڪيڊمڪ زندگيءَ ۾ اَدب تي پي ايڇ .ڊي حاصل ڪئي آھي. کوجنا جو ميٿڊ، مواد جي ڇنڊ ۽ رتا، اِن قسم جي اَڀياس جو لازمي پھلوُ آھي. اِنڪري ھن اَڀياس ۾ اِھو صفاتي تفاوت، مان ڀانيان ٿو، اِن ريسرچ ميٿڊالاجيءَ بدؤلت، مبادا آيو آھي. ھونئن بہ اَدب جو جگياسو

بنڌن کان پري
جي دنيا ڏسڻ جي ضرورت

واسديو موهي



سنڌ ۾ هيئت جي خيال کان نئين ڪوتا جي طرز تي نثري نظم وجود ۾ آيو، البت بلڪل علحدي مواد سان، زمين جي تقاضا پٽاندڙ. اُتي قوميت پرستي برتر رهي، جيڪا ون يونٽ ۽ سنڌين جي حقن تي ڪهاڙن جي گهاوَن جي حوالي ۾ جائز به هئي. پر نثري نظم اُتي سيلاب نه بڻيو. سنڌ ۾ نثري نظم هڪ بي صنف جيان لکيو ويجي تو. اُن هند جي نئين ڪوتا جيان بين صنفن کي روڌ جي ڪناري بيحاري ڪونه ڇڏيو بلڪ، بيون صنفون پوري زوم سان جاري رهيون. ان جو ڪارڻ شايد اِهو هجي ته سنڌ ۾، صرف نثري نظم جا شاعر ڳڻپ ۾ اينترا ناهن، جينترا موزون شاعريءَ جا، جيڪي نثري شاعري به پارٽ ٽائيم جاب جيان ڪري رهيا آهن.

جڳديش لڇاڻيءَ سنڌ جي نثري نظم جا وڏ ۾ وڏ مجموعا ڇڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اٽڪل ٽن ٻزن

اَيباسي، جيڪڏهن لاڳيتو اَيباس ۾ رُڌل رهي ٿو تہ سندس سوچ، سوُجهي ۽ اِظهار ۾ پختگي ايندي ئي.


''ايم.ڪمل جي شاعري'' عنوان واري هن ڪتاب ۾ ڏهہ باب مثال طور: فن ۽ شخصيت، شاعريءَ جا گهاڙيتا، اِنٽرويو، هر باب هيٺان فوٽ نوٽس، ضميمو، مددي ڪتابن جي فهرست يا هُن جي شاعريءَ ۾ غزل، 'ڊائريءَ جا ورق' نئين ڪويتا ۽ ناٽڪ نويسيءَ جي تسقيم وغيرهہ هن ڪتاب کي تنقيد کان علاوہ تحقيق جي بہ معتبري بخشين ٿا. اِنڪري مان ڊاڪٽر لڇاڻيءَ کي ڪوڙ ڪوڙ مبارڪون ڏيان ٿو. هڪ فنڪار تي هي تنقيدي اَيباس، اِنڪري ذري گهٽ مڪمل، سلسليوار ڇٽو ۽ اِسڪالرلي بڻجي پيو آهي.

عمر جا ٻياسي سال پورا ڪندي، اسان جو هي، بقول لڇاڻي 'ننڍي ڪند جو وڏو شاعر' ايم.ڪمل لاشڪ ڀاڳن وارو آهي جو شروع کان هن کي اُستادن، اول ميرتقي مير، پوءِ عزيز ۽ پوءِ اديب دوستن سڀڻ آهوجا، موهن ڪلپنا، لعل پشپ جي صحبت نصيب ٿي ۽ پوءِ هن کي ڪيترا فئن بہ پئي مليا آهن ۽ لڇاڻي هن جو وڏو فئن آهي.

هن قسم جو خلاصو ۽ اَهم اَيباس، سنڌيءَ ۾ ورلي ٿيندو آهي. ها، ڪن رسالن جا خاص شخصيات اَنڪ نڪرندا آهن، سنمان پرچا ايندا آهن، خود ويڇهڙائيءَ ۾ سنڌي اَدب کي ديوانگيءَ جي حد تائين چاهيندڙ، هري موٽواڻي بہ، ڀڇاڙيءَ ۾ ايم.ڪمل تي ڪوُنج جو خاص اَنڪ شايع ڪري، سنڌي ساهتيہ کي نذر ڪري ويو. مگر ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو هي اَيباس، اُنهن کان اَلڳ، هڪ اَيباسيءَ طرفان، هڪ شاعر تي خلاصو تبصرو، هُن جي رغبت ۽ محبت منجهان سڀجي نڪتل، نوٽ ونڻ جوڳو ڪتاب آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ جو هڪ اهم اڀياس
نثري نظم ۾ نئين ڪوتا جو ارتقائي سفر

رکيل موراڻي



اڳوڻي خيرپور رياست ۾ هاڻوڪي ڪجين واري خيرپور جي پر ۾ سورهيه بادشاهه جي شهر پير ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ جو نالو وٺندي دل ۾ هڪ احترام جاڳي ٿو، جيڪو ڪنهن به عالم، اسڪالر جي نالي وٺڻ سان جاڳڻ کپي. سنڌين جي شهر الهاس نگر ۾ رهندڙ ۽ سنڌي ادب کي به درجنن کن ڪتابن کان وڌيڪ ادب ڏيندڙ ڊاڪٽر لچاڻي اڄ ڪلهه ڪل وقتي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ رڌل آهي هن تازو ئي ٻن شخصيتن تي مرڪزي ساهتيه اڪيڊميءَ جي اسائنمينٽ تي ڪتاب لکيا آهن، هڪ موهن ڪلپنا تي ۽ هڪ لعل پشپ تي. ان کان اڳ هن پنهنجي طور تي هڪ نهايت اهم تنقيدي اڀياس، سنڌي ٻوليءَ جي حسين ۽ جديد شاعر ايم ڪمل تي لکيو آهي، جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هونئن ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ جيڪو سنڌي ادب تي احسان ڪيو آهي اهو شايد اسان

ڪان وڌيڪ شاعرن جي قلمرانيءَ تي اعتماد ڀريل تبصرو ورنہ ممڪن نہ ٿي سگهيو ها. اِهو ممڪن نہ آهي تہ لڇاڻيءَ ڪي سيني شاعرن جون سڀ رچنائون ڇهي وڃن، پر ڪٿي باضبط رايي سان تہ ڪٿي ٻوليءَ ڪان ولين جهڙو ڪم وٺندي هو پنهنجي ٻالهہ ڏانوَ سان اسان اڳيان رکي ٿو. جئن وليون مڪان جي خوبصورتي وڌائڻ سان گڏو گڏ ان جون خاميون / بدزيبايون بہ ڪي قدر لڪائي سگهنديون آهن تئن لڇاڻيءَ ڪن شاعرن جي حوالي ۾ سندن رچنائن جي خوبصورتيءَ تي اک رکي آهي. هڪ سني تبصره نگار جي جوابدارين کي هن درگذر نہ ڪيو آهي. هونئن بہ لڇاڻيءَ جي ٻولي هڪ پايي جي نقاد جي وقار سان نهڪندڙ آهي. هو نثري نظم سان جڙيل ڪيترن خطرن ڪان بہ شاعرن / پاٺڪن جو ڌيان ڇڪائي ٿو. جئن هن جي اِها جاچنا تہ ”جڏهن شاعريءَ ۾ ’شعريت‘ تي گهٽ پر ’نواڻ‘ تي وڌيڪ زور رهي ٿو ، تہ شاعريءَ لاءِ اِهو سنو سوڻ ڪونهي.“ لڇاڻيءَ سني، بهتر ۽ بهترين ۾ ذهين تال ميل رکيو آهي ۽ اها نندي حاصلات ناهي. نئين ڪوتا هجي يا نثري نظم يا يورپ جو فري ورس، سيني کي وروڌ، احتجاج جو سامنو ڪرڻو پيو آهي. هند توڙي سنڌ ۾ نئين ڪوتا /نثري نظم کي ڪيترن شاعري مڃڻ ڪان اِنڪار ڪيو. شخصي طور مون تي اهو اثر آهي تہ اهڙي ڪا لڪٽي جيڪا پاٺڪ کي پنهنجي من تائين وٺي وڃي تہ اها شاعري آهي؛ ۽ اهڙو ڪارج جيڪڏهن ڪا نثري رچنا ڪري ٿي تہ اها بہ منهنجي نظر ۾ شاعري آهي. هند سنڌ جي ڪوتا / شاعريءَ کي مان ان حوالي ۾ ئي ماڻيندو آهيان. ڪوتا / شاعريءَ ۾ سچ ڪان وڌيڪ سچُو ڪوڙ شامل هوندو آهي، اسين جيترو وڌيڪ ان ڪوڙ تي وشواس ڪنداسين، اوترو وڌيڪ ڪوتا کي ماڻي سگهنداسين. هيءُ ڪتاب ان ڏس ۾ پڪتي ڪوشش آهي.

سنڌ ۾ سرجندڙ نثري نظم جي اوسر، ان جي ادبي پسمنظر تي تفصيل سان لکڻ کان پوءِ سنڌ جي پنجنيهن شاعرن ۽ شاعرائن جي نثري نظمن تي هُن پنهنجا اڀياسي نوٽ ڏنا آهن. جيڪو گهڻو ساراهڻ جوڳو ۽ ياد رکڻ جوڳو ڪم آهي. هيءُ ڪتاب هند ۾ ويهي لکندڙ ڊاڪٽر لچاڻي صاحب جو سنڌ جي نثري نظم تي هڪ لاجواب اڀياس آهي. جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجي الڳ حوالي سان ياد رکيو ويندو. ان ڳالهه جي باوجود ته ڪي نثري نظم جون اهم داخلائون رهجي ويون آهن ۽ ڪي غير اهم داخلائون اهم بڻجي ويون آهن.

سنڌ جي نثري نظم کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب ساڳئي موضوع ڪي ڪٺندي ڪتاب جو ٻيون ڀاڱو (جيڪو پڻ الڳ ڪتاب آهي) اسان کي ڏنو آهي، جنهن جو نالو آهي، ”نئين ڪوتا، ارتقائي سفر“ هي ڪتاب هند ۾ نئين ڪوتا نالي هيٺ لکيو ويندڙ نثري نظم جو هڪ جامع اڀياس آهي. ڏٺو وڃي ته نئين ڪوتا هند ۾ اسان وٽ آيل نثري نظم کان اڳ لکي وئي ۽ مان ڪنهن حد تائين ايئن به سمجهان ٿو ته نئين ڪوتا کان متاثر ٿي اسان جي ڪن جديد شاعرن نثري نظم لکڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ ته هند جو سنڌي شاعر/ ڪوتاڪار جن حالتن مان گذريو آهي سنڌ جو شاعر/ڪوتاڪار انهن حالتن مان ڪونه گذريو آهي، جنهن ڪري هند جي ادب ۾ اڪيلائپ/رشتن کوکلائپ بي يقيني، اوپرائپ ۽ جلاوطنيءَ جو درد، هنن جو سچو پچو اظهار آهي. جنهن کي محسوس ڪندي اتي نئين ڪوتا لکي وئي. پر سچ اهو به آهي ته هند جي نئين ڪوتا ۾ سڀ ڪجهه نئون هُئو، نوان موضوع، نئون احساس، نئين ٻولي ۽ نئين صنف. شايد اهو ئي سبب آهي، جو لچاڻي صاحب جي هن جامع اڀياس جو جيڪو هن نهايت تفصيل سان ٻن ڪتابن ۾ ڏنو آهي ”نئين ڪوتا ارتقائي سفر“ ڊاڪٽر صاحب جي لکيت ۾ چٽو ٿي سامهون آيو آهي سبب اهو آهي. ته هند ۾ ويٺي ڪيس سموري نئين ڪوتا مُيسر ٿي سگهي آهي ۽ ڪتاب جو هيءُ ٻيو ڀاڱو يا جوڙ گهرجي هيءُ ٻيو ڪتاب، هڪ نهايت اهم تنقيدي اڀياس طور سامهون آيوآهي جنهن لاءِ سچ پچ ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل هن ڪم جي تعريف لاءِ هنن گهڙين ۾ شايد لفظ پنهنجو ڀرپور مطلب ڏيئي نه سگهن پر مان سندس هن اڀياس کي نهايت نهايت، اهم تنقيدي اڀياس سڏيندي فخر محسوس ڪريان ٿو ۽ اها خواهش ڪريان ٿو ته هيءُ ٻئي ڪتاب سنڌ ۾

لاهي نه سگهون اهو آهي عاجز بيديءَ سان گڏجي شاهه سائين تي وڊيو اسڪرپٽ لکڻ، جيڪو ڪجهه سال اڳ ”نيڻين ننڊ حرام“ جي نالي سان ڇپيو هُئو. جنهن کي ڪٽي اڄ جي تاريخ تائين هند توڻي سنڌ ۾ شاهه سائينءَ تي هڪ اعليٰ وڊيو فلم جوڙي سگهي ٿي، جيڪو ڪم سنڌ جي ثقافت کاتي کي ڪرڻ کپي ۽ سچ پچ جيڪڏهن اها فلم ٺهي پوي ته هڪ يادگار ڪم ٿي پوي. بحرحال ساڳئي نموني لچاڻي صاحب پڻائي، اياز ۽ تاجل بيوس تي هڪ گڏيل اسڪرپٽ لکيو، جنهن جو نالو هُن پڻائي جي سٽ تان کنيون آهي ”ڏور به اوڏا سپرين“ ان کانسواءِ ادب جي الڳ الڳ صنف تي تنقيدي ۽ تحقيقي اپياس لکندڙ ڊاڪٽر لچاڻي مان پايان ٿو ته ”ورهاڱو کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ ڪتاب لکي ڊاڪٽر بڻيو آهي. جيتوڻيڪ هُو هڪ برک اديب سان گڏ هڪ تعليمدان به آهي ۽ سڄي عمر تعليم کي ڏني اٿائين. ڊاڪٽر صاحب جي مٿئين ننڍڙي تعارف کان پوءِ آنءُ پنهنجي اصل مقصد ڏانهن اچان ٿو ۽ انهن ڪتابن جو تعارف ڏيڻ چاهيان ٿو جيڪي ڊاڪٽر صاحب لکي هڪ اڪيڊمڪ ڪم کانسواءِ اهڙو تخليقي، تنقيدي اپياس لکيو آهي. جيڪو هند ۾ ته اڄ جي ٺهيءَ کان پوءِ شايد اڻ لپ ٿي وڃي پر سنڌ ۾ نسلن تائين ياد رکيو ويندو اهو آهي ٻن جلدن ۾ نثري شاعريءَ جو اپياس ۽ هي هند – سنڌ جو هڪ اهڙو نئين شاعريءَ جو اپياس آهي. جيڪو سچ ته ڊاڪٽر صاحب لاءِ وڏيڪ وڏيڪ احترام وڌائي ٿو ڇڏي پنهنجي پڙهندڙن وٽ.

ٻن جلدن ۾ ڇپيل هيءَ ٻه ڪتاب مان پنهنجي ليکي هڪ ڪتاب جا ٻه ڀاڱا سمجهان ٿو، جنهن مان پهريون ڀاڱو سنڌ جي ”نثري نظم“ تي آهي. جنهن جو نالو آهي ”نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر“ هيءَ ڪتاب سنڌ ۾ نثري نظم جو هڪ ڀاسخاطريءَ کان سواءِ لکيل اهڙو اپياس آهي جيڪو سنڌ ۾ اڄ تائين لکجي نه سگهيو آهي. هڪ سئو چوٽيهن صفحن تي لکيل هيءُ اپياس ڊاڪٽر صاحب سنڌ کان ٻاهر ويهي لکيو آهي. ان لاءِ هُن کي ڪيتري تڪليف ٿي هوندي، مواد هٿ ڪرڻ ۾، ڪتاب جانچڻ ۾ ۽ مناسب لکندڙن کي مناسب اهميت ڏيڻ ۾ هو جيترو سچيت رهيو آهي اهو فقط هوئي ڪري سگهيو آهي.

نئين ڪوتا: اِرتقائي سفر

ڪيمن يوُ. مولاڻي

تازو ئي سال 2012ع ۾ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جو نئين ڪويتا تي تنقيدي ڪتاب، نئين ڪوتا اِرتقائي سفر شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ ڀارت جي نئين ڪوتا لکندڙ 47 شاعرن جي نين ڪوتائن کي شامل ڪري اُنهن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي ويئي آهي. 47 جو انگ وجود ۾ وڏ وجهندو آهي. بدن ۾ سيات پئجيو وڃي. جگديش لڇاڻي شاعر ڪونهي. پيشي کان هوُ تعليمدان آهي. شايد اِنڪري ڪيس ڪوتا کي پرکڻ جي سُني ڄاڻ آهي. جگديش لڇاڻيءَ جي مڃتا آهي ته نئين ڪوتا فقط جدت پسنديءَ جو مظاهرو ناهي؛ بلڪ مؤجوده طرز حيات جو سڌو سنوانئو اِظهار آهي. Experience of actuality جو صادق ۽ پربل اَظهار ڪندڙ آزاد شاعري، اِظهار جي لحاظ کان گهڙيل ۽ پالش ٿيل اَلفاظن کان ڪنارو ڪري اَڳتي وڌي ٿي. نئين شعور، نئين احساس ۽ زبان جي نئين اسلوب سبب، ڪڏهن ڪڏهن نئين شاعريءَ کي سمجهڻ ڏکيو به لڳندو آهي . منهنجي خيال ۾ شاعري شاعر جو اندر اورڻ آهي، جا لکل، اڻ ڇهيل، اڻ پرکيل پنهنجي پاڻ ۾ فنائتو اِظهار آهي. 200 صفحن کان وڌيڪ صفحن واري هن ڪتاب کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. ”ڪوتا، نئين ڪويتا ۽ آزاد نظم“ واري ڀاڱي ۾ ڄاڻايل آهي ته فرينچ شاعر بودليئر پهريون شاعر هو جنهن نثري شاعري جو بنياد وڌو. حالانڪ هوُ منظوم شاعريءَ ۾ نظم جو به هڪ پختو شاعر هو. اُن کان پوءِ اُها نئين ڪوتا جرمني، اِنگلنڊ، آمريڪا ۽ چليءَ جو سير ڪندي هن نئڊي ڪنڊ ۾ آئي. سنڌيءَ ۾ اُها اُردو ٻوليءَ مان آئي. هاڻي ته اِها نئين ڪوتا سنسار جي هر ٻوليءَ ۾ لکي وڃي ٿي.

’نئين ڪوتا جا موضوع ۽ وصفون‘ ۾ چيل آهي ته نئين ڪوتا اَندر جي ڪوت ڪوتان آهي. جنهن ۾ تخليقي زبان ۽ علامتن جو ڀرپور اِستعمال ٿئي ٿو. اُها زندگيءَ جي هر ڪيتر سان منهان منهن آهي. نئين ڪويتا احساس سان گڏ سوچڻ جو سلسلو پڻ بڻي آهي. نئين ڪوتا لکندڙ شاعر، شاعرائين

هڪ جلد ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. ايئن سنڌي ادب کي هڪ نئون شاعراڻو اپياس ملي سگهندو.

نئين ڪوتا ۽ ان جو ادبي پسمنظر - ڪوتا، نئين ڪوتا ۽ آزاد نظم – نئين ڪوتا جا موضوع ۽ وصفون – نئين ڪوتا ۽ سنڌ جي ساروڻي – اهي مجموعي مضمون آهن جن تي ڊاڪٽر صاحب نهايت اعتماد سان ۽ سچيتائيءَ سان هڪ اسڪالر هجڻ جون گهرجون پوريون ڪندي لکيو آهي، جيڪو چاليهن سالن تي پکڙيل نئين ڪوتا/نثري نظم جي سفر بابت آهي ۽ ان کان پوءِ نئين ڪوتا جي لکندڙن/ ليکڪن ۽ ليکڪائن تي اپياسي نوٽ آهن، جيڪي نهايت اهميت وارا آهن ۽ انهن جي اصلي سڃاڻ ڏين ٿا، ساڳي وقت انهن ليکڪن/ليکڪائن جي ڪوتائن جا ڪجهه حصا يا مکيه ڪوتائون حوالي طور ڏنيون ويون آهن. جنهن ڪري هيءُ ڪتاب نه رڳو هڪ تخليقي تنقيدي اپياس آهي پر ساڳئي وقت هڪ کوجنائي ڪتاب پڻ آهي. جيڪو سنڌ جي تنقيدي اپياس طور هند ۽ سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هڪجيتري اهميت لائق آهي هيءُ اپياس خود ڊاڪٽر صاحب لاءِ هڪ الڳ اهميت واري جڳهه جوڙيندو اهڙي پڪ اٿئون. ٻه ٻاهن صفحن تي مشتمل هيءُ ڪتاب سنڌي تنقيد ۾ هڪ اهم واڌارو آهي.

ٻيءَ طرح ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ”سنڌي ادب جي پرک“ نالي ڪتاب لکي اسان کي پنهنجي اهم هجڻ جو احساس ڏياريو هُئو ۽ اهم لفظ سان مان ”مان ترين“ لفظ جوڙي ڪيس هڪ سنڌي ادب جو هڪ ”اهم ترين“ نقاد سمجهان ٿو، اهو منهنجو شخصي خيال آهي ۽ بس.

صنعتن جو جهجهو اِستعمال ڪري پنهنجن خيالن کي اونهيون معنائون عطا ڪن ٿا.

’نئين ڪوتا ۾ سنڌ جي ساروڻي‘ سري هيٺ مثال ڏيئي اِهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نئين ڪوتا ۾ سنڌ جي ساروڻي جا ٻجا پڪڙي پيئي آهي. مثال سنڌ ۾ چاول شاعرن سان گڏ هند ۾ چاوَل شاعرن جا بہ ڏنا ويا آهن. هند ۾ چاول نئين ڪوتا جي سنڌي شاعرن بہ جهجهيون ڪوتائون سنڌ جي ساروڻيءَ ۾ لکيون آهن، جيڪي مثال طور ڏنيون ويون آهن، پر هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ منظوم شاعريءَ جا بہ ڪي اهڙا مثال ڇو ڏنا ويا آهن، جڏهن تہ ڳالهہ نئين ڪوتا جي آهي. پر ڇا ڪجي؟ سنڌ لفظ ئي اهڙو آهي، ان جي وڇوڙي جو درد ئي اهڙو آهي جو نس نس ۾ سمايو پيو آهي، وجود سان ويڙهيو پيو آهي.

آزاد نظم، جديد شاعريءَ جي اِصطلاح ۾، نئين شاعريءَ جي هڪ نئين روايت آهي. آزاد نظم جو دارومدار اَسلوب جي بندش بدران موضوع ۽ خيال ڏانهن وڌيڪ رهي ٿو. اُردو شاعريءَ ۾ انگريزي اِصطلاح Free Verse جو لفظي ترجمو آزاد نظم ڪيو ويو..... سنڌي شاعريءَ ۾ بہ اِهو نالو مقبول ٿيو آهي. سنڌي اَدب ۾ ڪوتا جي هيءَ صنف موجودهہ صورت حال ۾ بيحد مقبول بڻي آهي. قلمڪار پنهنجي تاثرات کي آزاد نظم جي صنف ۾ وائکو ڪن ٿا.

ڪتاب جي آخر ۾ 47 سنڌي شاعرن جي نئين ڪوتائن جي اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي ۽ اُنهن جي ڪوتائن جا مثال ڏنا ويا آهن. اِهو ڪو سؤکو ڪم ڪونہ آهي. پر اِهو اوکو ڪم ڊا. جگديش لڇاڻيءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن لاءِ کيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. بهرحال هيءُ ڪتاب سنڌي اَدب ۾ هڪ اِضافو مڃي سگهجي ٿو.

1



'ادب جو حياتيءَ سان واسطو نہ ٽٽي' اصول کي ساهہ سان سانڍيندڙ ڊاڪٽر جگديش صوڀراج لڇاڻي، ادب خواهہ تعليم جي هڪ ناميارِي ۽ مانائتي شخصيت آهي. لوڪ ادب، ٻال ساهتيہ، مضمون، تنقيد، وڊيو ۽ ٽي.وي. اسڪرپٽس جي تخليقي عمل ۾ هو سالن کان سرگرم آهي. هڪ پارکو جواهريءَ جيان پرکڻ واري اک رکي، پنهنجي جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان، انيڪ سنڌي سورمن ۽ سورمين جي، اسان کي شناس ڪرڻ جو جس جوڳو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. هن ادب جي جدا جدا صنفن تي سنڌي، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ اٽڪل ٽي ڊزن کن ڪتاب لکيا آهن. 'ساهتيہ جي پرک' ادب جي وضاحت تي ۽ 'ايم. ڪمل جي شاعري' لڇاڻيءَ جو هڪ فنڪار تي مڪمل، سلسليوار، چٿو ۽ اسڪالرلي اڀياس آهي. مذڪوره تخليقن تي ڊاڪٽر لڇاڻيءَ کي ڀارت سرڪار طرفان اوارڊ بہ ملي چڪا آهن. لڇاڻيءَ جي ٻولي هڪ پايي جي نقاد جي وقار سان ٺهڪندڙ آهي. هن هڪ تبصره ڪار جي جوابدارين سان بہ پوريءَ طرح نباهيو آهي. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي، اڄ بہ ڪيترين ئي يونيورسٽين سان وابستہ رهي، سنڌي ادب، ٻولي خواهہ تعليم جي خدمت ۾ لڳل آهي.